# حڪومت سنڌ

# نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي سنڌ-2023ع

# (Sindh Resettlement & Rehabilitation Policy-2023)

(نظرثاني ٿيل مسودو)

جنوري (2023ع)

.........................................................................................

........

**فهرست**

**تعارف**

**پهريون حصو: پاليسي بيان**

**پهريون باب: تصور، عقلي دليل ۽ مقصد**

1.1 حالتون ۽ عقلي دليل

1.2 پاليسي جا مقصد

**ٻيون باب: قانوني بنياد**

2.1 قانوني وسيلا

**ٽيون باب: نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي جا قاعدا**

3.1 آبادڪاري ۽ بحالي جو عمل هڪ ترقياتي پروگرام (جي حيثيت سان)

3.2 لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا

**چوٿون باب: پاليسي کي لاڳو ڪرڻ ۽ حقدارن بابت تفصيل**

4.1 پاليسي کي لاڳو ڪرڻ، ان جو دائرو ۽ جائزو

4.2 حقدارن بابت تفصيلي جاڻ تي ٻڌل چارٽ

پنجون باب: **ادارن جون ذميواريون**

5.1 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي بابت صلاح مشورا ۽ سهڪار

5.2 شهري رٿائن موجب نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي

**ڇهون باب: رٿابندي جا اهم تصور ۽ طريقيڪار**

6.1 تعارف

6.2 رٿابندي لاءِ علائقي جي اجازت ۽ ابتدائي سماجي چڪاس

رٿابندي جا قسم ۽ ان جا اثر
6.3 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي مختصر ۽ مڪمل پاليسي
6.4 لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا
6.5 ادارن جو قيام، سماجي تنظيمون ۽ تڪرارن جو حل
6.6 وسيلا ۽ پيشوراڻي تربيت
6.7 نگراني ۽ رپورٽ
ڇهون حصو: **رهنما اصولن کي ڪيئن ڪتب آڻجي**
7.1 اهم تصورن جون وصفون
ستون باب: اهم تصور ۽ بار بار ورجائيندڙ سوال ۽ جواب
اٺون باب: نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جا معيار
8.1 نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جا معيار
8.2 ڪيئن ۽ ڪٿان شروعات ڪجي؟
8.3 انگن اکرن ۽ معلومات کي سهيڙڻ جو طريقيڪار
8.4 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد لاءِ حڪمت عملي
8.5 نئين سرآبادڪاري جو ڪاٿو ۽ بجيٽ

8.6 **تفصيل:** بنياد ۽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي

**نئون باب: لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورو ۽ شموليت وارو عمل**

9.1 لاڳاپيل ڌرين جي نشاندهي

9.2 لاڳاپيل ڌرين جون مصروفيتون ۽ شموليت

9.3 شموليت جي عمل ۾ رسمي/غير رسمي ادارن جو ڪردار

9.4 **تفصيل:** صلاح مشورا ۽ شموليت

ڏهون باب: **لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري**

10.1 لڏپلاڻ بابت اهم سوال

10.2 ڪيئن ۽ ڪٿان شروعات ڪريون؟

10.3 نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي: چونڊ ۽ اختيار

10.4 هنڌن جي چونڊ بابت فيصلو ۽ مرحلا

10.5 ميزبان برادريون

10.6 **تفصيل:** نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي

يارهون باب: روزگار ۽ آمدني جي ذريعن جي بحالي

11.1 روزگار ۽ آمدني جي بحالي لاءِ مدد ڇو اهم آهي؟

11.2 رٿابندي ڪرڻ وارن لاءِ اهم سوال

11.3 روزگار ۽ آمدني جي بحالي جي پروگرام ڪي ترتيب ڏيڻ جي سلسلي ۾ درپيش ڏکيائون

11.4 روزگار ۽ آمدني جي ذريعن جي پروگرام جا مرحلا

11.5 تفصيل: روزگار ۽ آمدني جي بحالي جو پروگرام

## ٻارهون باب :نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جا ادارا ۽ عملدرآمد

12.1 ادارتي تربيتي مسئلا

12.2 نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد ڪرائيندڙ ادارا

12.3 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري يونٽ جو قيام

12.4 نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ غير سرڪاري تنظيمن جو ڪردار

12.5 عملي جي تربيت ۽ پيشوراڻين صلاحيتن ڪي هٿي وٺرائڻ

12.6 نئين سرآبادڪاري بابت سهڪاري ڪميٽيون

12.7 تڪرارن جي حل لاءِ ڪميٽيون

12.8 تفصيل: نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جا ادارا ۽ عملدرآمد

## تيرهون باب: نگراني ۽ جائزو

13.1 نئين سرآبادڪاري جي نگراني، نظرثاني ۽ جائزو

13.2 اندروني ۽ ٻاهرين نگراني

13.3 نگراني ۽ جائزي جي عمل ۾ متاثر ماڻهن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي شموليت

13.4 نگراني ۽ جائزي جي عمل ۾ شموليت جا مرحلا

13.5 تفصيل: نگراني ۽ جائزو

# تعارف (INTRODUCTION)

سنڌ جي نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي-2023ع (Sindh Resettlement and Rehabilitation-R&R Policy-2023) ٻن حصن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ پهريون حصو پاليسي بيان تي ٻڌل آهي، ٻيون حصو مختصر تي مڪمل طور تي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿابندي جي قدمن، تفصيلن ۽ عملدرآمد تي ٻڌل ڪتابچي تي ٻڌل آهي. ڪتابچو مختلف اهم تصويرن جي وصفن، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿابندين جي تسلسل ۽ عملدرآمد ۽ نگراني ۽ جائزي بابت رهنمائي تي ٻڌل آهي.

1. پاليسي کي قانوني بنيادن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ پاليسي ۾ اها صلاحيت هجڻ گهرجي ته ان پاليسي کي عدالتن ۾ عدالتي ٽرائل کي منهن ڏيڻ جي سگهه هجڻ گهرجي. شق 24 (article 24) جهڙين اندروني بي قاعدگين کي نه ورجائڻ گهرجي جيڪي زمين سان لاڳاپيل قانون يا سنڌ جي ڪچي آبادين جي قانون سان ٽڪراءُ طور ڏسڻ ۾ اچي سگهن. ان ڏس ۾ سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل سان لهه وچڙ ۾ اچڻ گهرجي.
2. دستاويز کي باضابطا طور سنڌ سرڪار جي قانون کاتي کي موڪلڻ گهرجي، ان جي چڪاس ٿيڻ گهرجي ته جيئن انهيءَ موضوع تي موجوده قانون موجب پاڪستان جي آئين جي شقن مطابق بڻائي سگهجي. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي ۾ سمورن قانوني دستاويزن جو پڻ حوالو ڏيڻ گهرجي.
3. دستاويزن ۾ غير سرڪاري تنظيمن (NON-GOVERNTMENT ORGANIZATIONS-NGO) جي ڪردار کي اوليت ڏني وئي آهي جڏهن ته اهو ئي ڪردار سرڪاري اهلڪارن کي سونپڻ گهرجي. انهيءَ عمل سان ذاتي مفادن سبب ٿيندڙ انهن پريشانين کي گهٽتائي سگهجي ٿو جنهن سبب انصاف ۽ شفافيت جي عمل کي داءُ تي لڳائڻ جو امڪان رهي ٿو. پاليسي کي متاثرن جي مدد لاءِ موثر مهم تي ٻڌل هئڻ گهرجي.
4. لڏپلاڻ سبب متاثر ٿيندڙ ملڪيتن يا ٻين حصن جي تبديلي جي لاڳت جوڪاٿو لڳائڻ وقت مارڪيٽ ۾ ان جي قيمتن/قدر جو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي. سنڌ سرڪار پاران جاري ڪيل قيمتن جي ڪنهن شيڊول جو سهارو نه وٺڻ گهرجي.
5. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن(Karachi Metropolitan Corporation-KMC)، ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي(Karachi Development Authority-KDA) ۽ ڪمشنر ڪراچي جي عملدارن کي پڻ صلاح مشوري لاءِ اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي. کين پنهنجي راءِ ڏيڻ گهرجي

چاڪاڻ ته انهن کي نئين سرآبادڪاري جي سلسلي ۾ پيش ايندڙ ڏڪائين بابت سيني کان گهڻو تجربو آهي. ان کان علاوه اهي ساليانو ترقياتي رٿائن جي حوالي سان ضلعي سطح تي رٿابندين جا ذميوار آهن، تنهن ڪري اهڙن پهلوئن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي، جيئن صوبائي سطح تي ساليانو ترقياتي پروگرامن کي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو، ساليانو ترقياتي رٿابندين جي سلسلي ۾ پڻ انهيءَ جو جائزو وٺڻ گهرجي، چاڪاڻ ته اها پاليسي سموري سنڌ صوبي لاءِ آهي. ان ڪري ضلعن جي ترقياتي رٿائن کي پڻ غور هيٺ آندو وڃي. ٻي صورت ۾ انهيءَ پاليسي دستاويز ۾ اهو واضح لکيو وڃي ته انهيءَ پاليسي سان ضلعي رٿائن جو ڪو به واسطو ناهي.

6. پاليسي کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه تبديليون ٿي سگهن ٿيون. ان ۾ ڪراچي جي انتهائي شهري علائقن کي شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي، جڏهن ته ڪچي آبادين ۽ پنتي پيل علائقن جنهن ۾ زرعي زمين کي ڪراچي جي ڪاڏن جي تسلسل ۾ عدم ان تحڪام سبب رٿائن ۾ شامل ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

7. حددخلين جي عمل کي الڳ طريقي سان نٿو نبيري سگهجي. ان ڪري ان کي واضح ڪندي ان جي وضاحت ٿيڻ گهرجي ته جيئن رٿا شروع ڪندڙن کي لاڳت، شيڊول ۽ نئين سرآبادڪاري خلاف مزاحمت جي لحاظ سان پنهنجي رٿا جي شروعاتي دائري ۾ ابتدائي ڪاٿي لڳائڻ واري عمل ۾ سولائي ٿئي.

8. پاليسي کي منصوبي جي رٿا کي ترتيب ڏيڻ لاءِ پروفارما جي تجويز ڪيل اپياس (PC-II) جو حصو بڻائڻو پوندو ته جيئن وفاقي حڪومت پاران پڻ ان جي ابتدائي جائزي جو حوالو ڏئي سگهجي ۽ سنڌ صوبي ۾ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ پاليسي جي شرطن تي پڻ غور ڪري سگهجي.

9. ميسرز شيري جي نمائندي پاران تمام سخت نڪتا سامهون آيا آهن جن ۾ انهن پاران اهو ٻڌايو ويو آهي ته انهيءَ پاليسي کي بدعنواني جو ادارو بڻائڻ ۽ سرڪاري رٿا شروع ڪرڻ واري عمل سان ماڻهن کي سندن ملڪيتن کان ٻاهر ڌڪي اڇلائڻ برابر آهي. انهن پاران انهي عمل کي پڻ ورجايو ويو آهي ته اهڙي پاليسي تحت خانگي شعبي جي ترقياتي رٿابندين تي ڪم ڪندڙن کي پڻ مڪمل آزادي نه ڏيڻ گهرجي.

10. دستاويز کي اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ ترتيب ڏئي پيش ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ موضوع تي سپريم ڪورٽ جي سمورن حڪمتن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

11. ڪجهه شرڪت ڪندڙن پاران پنهنجو پاڻ کي گجر ۽ اورنگي نالن جي متاثر ڌيندڙ جي حيثيت سان متعارف ڪرايو، تن پنهنجي اهنجن سان ڀرپور ذاتي ڪهاڻيون ٻڌايون جتي نئين سرآبادڪاري ۽ معاوضي جي عمل کي مناسب طريقي سان سرانجام ناهي ڏنو ويو ۽ آپريشن دوران ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ هاڻي به ماڻهو ملبي تي زندگي گذاري رهيا آهن ۽ ڪليل ان مان هيٺ سمهي رهيا آهن. انهن جي خواهش هئي ته سنڌ سرڪار پاران سندن مطالبن کي ٻڌو وڃي. ڪين بچائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون وڃن. هنن جو چوڻ هو ته اهي جيڪي ڏکيائن کي منهن ڏئي رهيا آهن، تن جيڪو سبق سکيو آهي، ان کي انهيءَ پاليسي جي دستاويز ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙي قسم کي عمل کي ڀيهر نه ورجائڻ گهرجي.
12. سروي کي جديد طريقن کي ڪتب آڻيندي ۽ روايتي طريقن سان پڻ هم آهنگ ڪرڻ گهرجي ته جيئن انهيءَ عمل دوران متاثر آبادي جو رڪارڊ ۽ حساب ڪتاب درست ڪري سگهجي.
13. عدالتن پاران ڪجه آبادڪارين کي غيرقانوني قرار ڏنو پيو وڃي، جبري بيدخلي جو حڪم ڏئي رهيون آهن. سنڌ سرڪار کي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي معرفت عدالتن سان انهيءَ معاملي تي له وچڙڻ ۾ اچڻ گهرجي ۽ عدالتن مان بيدخلي جي حڪمن کي ملتوي ڪرڻ ۽ انهيءَ پاليسي تي عملدرآمد ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ جي درخواست ڪري سگهجي ٿي.
14. سنڌ جي سمورن ثقافتي ورثو قرار ڏنل عمارتن جي تحفظ واري پهلو کي پڻ غور هيٺ آندو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته ثقافتي ورثو قرار ڏنل عمارتن جي حيثيت کي تبديل ڪري ان کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي. جنهن سان تاريخي عمارتن جي حيثيت متاثر ٿي رهي آهي.

## پهريون حصو: پاليسي بيان (PART I: THE POLICY STATEMENT)

## پهريون باب: عقلي دليل ۽ مقصد(Rationale and Objective)

### 11 تصور ۽ عقلي دليل (Context and Rationale)

1. سنڌ سرڪار پاران اهو محسوس ڪيو ويو ته جسماني ۽ معاشي بنيادن تي لڏپلاڻ ڪندڙن ۽ نئين سرآبادڪاري جي نشاندهي ۽ ان تي عملدرآمد لاءِ هڪ رٿا کي ترتيب ڏنو وڃي. ڪيترن ئي موجوده ۽ ماضي جي ترقياتي رٿائن غير موثر طريقن سان ماڻهن کي ٻنهي سماجي ۽ معاشي طريقن سان متاثر ڪيو آهي، جنهن ۾ بي گهر ٿيڻ جي صورت ۾سندن اڻپوري مدد، جاني ۽ مالي نقصان کان علاوه ڪاٽي ۾ واڌاري سبب متاثر ماڻهن ۽ برادرين ۽ انهيءَ عمل ۾ دلچسپي وٺندڙ ٻين لاڳاپيل ڌرين پاران ڪيل شڪايتن ۽ تڪرارن سبب رٿا تي عملدرآمد ۾ دير ٿيڻ جو عمل پڻ اهم ڪارڻ آهي.
2. گهرج ۽ معاوضا، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي قدمن جي مناسب چڪاس جي عدم موجودگي جو عمل شديد ۽ ڊگهي عرصي تي ٻڌل ڏکيائن ۽ غربت جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. خاص طور ڪمزور طبقن جيئن غريب، بي سهارا عورتن، گهرن جي سربراهي ڪندڙ عورتون، خواجا سرا، پوڙها، غير رسمي آبادڪار، بي زمين ٿيل هاري ۽ اقليتن (جن ۾ مذهب ۽ نسل جي لحاظ کان)سميت اهي ماڻهو ۽ برادريون شامل آهن، جيڪي قدرتي آفت سبب بي گهر ٿيل آهن. خاص طور شهري علائقن ۾ ڏٺو وڃي ته گلين ۾ ننڍيون ننڍيون دڪانون هلائيندڙ دڪاندار، هاڪرز، غير رسمي شعبن سان لاڳاپيل ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪندڙ فرد، ننڍي ۽ مقامي سطح جي هوٽلن وغيره ذريعي گذر سفر ڪندڙن سان لاڳاپيل فرد پڻ متاثر ٿي سگهن ٿا. ان کان علاوه شهري ترقياتي رٿائون غيرموزون طريقن سان پڻ متاثر ٿين ٿيون، چاڪاڻ ته ماحولياتي تبديلين جا اثر شهري ترقي جي عمل تي پڻ اثرانداز ٿيندا آهن. اهڙي قسم جون معاشي ڏکيائون جامع ۽ جٽادار ترقي جي اصولن کي برقرار رکڻ جي سلسلي ۾ سنڌ سرڪار جي عزم سان تڪراري آهن، بهرحال اهو ضروري آهي ته لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جي مونجهاري واري نوعيت جي مسئلن کي پاليسي جي موثر حڪمت عملي، مسئلن ۾ گهٽتائي آڻڻ وارن قدمن ۽ متاثر ماڻهن ۽ برادرين جي بحالي ۽ معيشت جي بحالي ۾ ادارن جي بنياد تي سهڪاري قدمن تي ٻڌل رٿا ذريعي حل ڪيو وڃي.

3. هن وقت بي گهر ۽ زمين کان محروم ٿيلن کي گهر، چت ۽ روزگار جي ذريعن جي سخت ضرورت آهي، جن جي اڪثريت ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن ۾ رهندڙ غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي آهي. اهڙا طبقا موسمي آفتن (جهڙوڪ 2012ع ۽ 2022ع ۾ ايندڙ ٻوڏن) سبب وڌيڪ ڪمزور ٿي رهيا آهن. حددخلين جي خاتمي جي مهم سان لاڳاپيل غير ترقياتي رٿائن ذريعي غير رسمي آبادڪارن جي بيدخلي جي عدالتي حڪمن جي نتيجي ۾ (جيڪي محدود ناهن) جن کي بنيادي طور سرڪاري زمين/رستي جي حق(RIGHT OF WAY-ROW) تحت حددخلين کان خالي ڪرايو ويو آهي. اهڙن گهرجن جي پورائي لاءِ نئين سرآبادڪاري جي پاليسي جي ضرورت آهي جيڪا بهترين طريقي سان مربوط ٿيل هجي. معيارن ۽ اصولن جي هڪ قيام وري عمل تي پڌل هجي جنهن ۾ برابري ۽ شفافيت جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي. اهڙي طرح نئين آبادڪاري جو نقطو ماحولياتي تبديلي بابت تباهي جي صورت ۾ نئين سر بهتر بڻائڻ واري عمل جي مقصد ۾ مدد ملندي، جنهن سبب موجوده خامين جي خاتمي، ماحول کي بهتر بڻائڻ، روزگار جا ذريعا وڌائڻ ۽ خطرن ۽ رنڊڪن ۾ گهٽتائي آڻڻ جا موقعا ميسر ٿيندا.

4. انهيءَ نئين سرآبادڪاري جي پاليسي کي ”سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي-2023ع“ جو نالو ڏنو ويو آهي، انهيءَ پاليسي ۾ سنڌ ۾ لڏپلاڻ جي سمورن قسمن کي غور هيٺ آندو ويندو، مثال طور (الف) رٿابندي جي بنياد تي ترقي واري عمل سبب لڏپلاڻ، (ب) قدرتي/ماحولياتي تبديلي جي نتيجي ۾ آفتن سبب ٿيندڙ لڏپلاڻ، (پ) غير ترقياتي رٿائن بابت حددخلين جي خاتمي واري مهم (AEDs) يا غير رسمي آبادڪاري جي بيدخلي سبب لڏپلاڻ وارو عمل شامل آهي. بهرحال اها پاليسي حتمي منظوري کان هر قسم جي لڏپلاڻ جي پهلوئن تي لاڳو ٿيندي. انهيءَ پاليسي ۾ سرڪاري ۽ خانگي (يعني ٻنهي) شعبن کي غور هيٺ آندو ويو آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي جسماني ۽ يا معاشي لڏپلاڻ وارا عمل شامل آهن. نئين سرآبادڪاري جي پاليسي تحت ڪنهن به لڏپلاڻ يا نئين سرآبادڪاري، ان جي ڪارڻن (يعني ترقياتي رٿائن، غيرترقياتي رٿائن، عوامي ملڪيتن يا قدرتي يا ماحولياتي تبديلين سبب ايندڙ آفتن کان نبيري لاءِ حڪمت عملي) کي هڪ مناسب طريقي سان مربوط طور رٿابندي تحت لاڳوڪيو ويندو. جنهن سبب خامين جي خاتمي، ماحولياتي ۽ سماجي بنيادن تي جٽادار بڻائڻ واري عمل ۾ مدد ملندي.

5. سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي-2023ع جو اهم مقصد ممڪن حد تائين متبادل اختيارن ۽ فني بنيادن تي خاڪن جي ڳولا ذريعي لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جي

عمل کان بچڻ يا ان جي اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ وارو عمل آهي. جتي لڏپلاڻ ۾ يا سماجي معاشي اثر اٽٽر آهن. متاثرتيل ۾ بي گهر ٿيندڙن جي آبادين کي مناسب معاوضو، نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي جي سلسلي ۾ مدد فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن متاثر ماڻهو يا برادريون گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي لڏپلاڻ کان اڳ واري سماجي ۾ معاشي حيثيت کي برقرار رکي سگهن يا ان لاءِ موجود نون موقعن سبب سندن مجموعي ڀلائي ۾ عافيت کي بهتر بڻائي سگهجي.

6. انهيءَ عمل کي يقيني بڻايو ته لڏپلاڻ ۾ لاڳاپيل معاوضي، نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي لاءِ گهربل قدمن جي نشاندهي رٿا جي ابتدائي مرحلي (يعني پهرين مرحلي) ۾ ڪئي وئي آهي.
7. موجوده مشق کي موثر بڻائڻ وقت (الف) اثاثن جي نقصان ۾ آمدني ۾ گذرسفر جي ذريعن جا معاوضا، (ب) لڏپلاڻ لاءِ مدد، بنيادي سهولتن سان گڏوگڏ رٿا جي هنڌن ۾ نئين سرآبادڪاري، (ٻ) معاشي مدد ۾ روزگار جي سٺن موقعن جي فراهمي لاءِ جتي مناسب هوندو اتي تربيت فراهم ڪرڻ وارو عمل شامل آهي.
8. منصوبي جي رٿابندي ۾ عملدرآمد جي سلسلي ۾ مسئلن ۾ ڪمزور طبقن جيئن اهي عورتون جيڪي غريب ۾ ڪمزور آهن، گهراڻن جي سربراهي ڪندڙ عورتون، خواجا سرا، ٻار، بزرگ، غير رسمي آبادڪار (ڪچي آبادي کان علاوه)، بي زمين هاري ۾ اقليتون (جن ۾ مذهبي ۾ نسلي شامل آهن) خاص طور شهري علائقن ۾ ڏٺو ويو ته گلين ۾ ننڍيا ننڍيا دڪان هلائيندڙ، هاڪر، غير رسمي شعبن سان لاڳاپيل ننڍيا ننڍيا ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو، ننڍين هوٽلن سميت ننڍي پئماني تي ڪم ڪندڙ ماڻهو پڻ شديد متاثر ٿي سگهن ٿا. سندن گهرجن ۾ مسئلن تي خاص طور تي ڌيان ڏئي انهن کي حل ڪيو وڃي.
9. شهري علائقن ۾ گلين ۾ دڪان هلائيندڙن لاءِ هڪ تجويز ڪيل پاليسي جيڪا ڊاڪٽر نعمان احمد پاران تيار ڪئي وئي آهي. اهو ايپياس عالمي سطح جي اثرائتن طريقن (2022ع) تي ٻڌل آهي، جيڪو سنڌ حڪومت وٽ موجود آهي ۾ ان کي حتمي منظوري ڪانپوءِ انهي پاليسي سان هم آهنگ ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان گهٽين ۾ ڪم ڪندڙ دڪاندارن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ملندي.
10. اهو يقيني بڻائڻ ته لاڳاپيل سرگرميون نتيجا ڏيندڙ صلاح مشوري ۾ متاثر ماڻهن ۾ برادرين جي شموليت واري عمل تي ٻڌل چاڻ جي گهربل اظهار ۾ شفافيت سان عمل ۾ آنديون ويون آهن. بهرحال نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي واري پاليسي لاڳو ڪرڻ واري عمل سان سيني لاءِ بروقت ۾ اثرائتي آبادڪاري جي انتظامن لاءِ سازگار ماحول پيدا ٿيندو. اهو تصور ڪيو وڃي

ٿو ته ٻيا سمورا ڪاتا ۽ سرڪاري ادار نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد شروع ٿيڻ کان اڳ رائج طريقيڪار ۽ لاڳاپيل قانونسازي يعني ڪچي آبادي ايڪٽ، حددخلين جي خاتمي واري ايڪٽ ۽ ٻين موجب پنھنجون ڪارروايون جاري رکندا ۽ ڪنھن به قسم جي تڪرار ۽ ڪمن ۾ شدت آڻڻ واري عمل کان پرھيز ڪيو ويندو ۽ ھر ممڪن حد تائين موثر بنائڻ واري عمل کي يقيني بڻايو ويندو.

11. خلاصي طور، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي ۾ اهڙن اصولن ۽ معيارن کي ترتيب ڏنو ويو آهي جيڪي لڏپلاڻ (جسماني ۽ معاشي لحاظ) کان متاثر ماڻهن جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي عمل ۾ لاڳو ڪيو وڃي، جيئن ترقياتي رٿائن، غير ترقياتي رٿائن، سرڪاري زمينن کي خالي ڪرائڻ، رستي جو حق ۽ قدرتي آفت يا ماحولياتي تبديلي سان لاڳاپيل واقعن جو عمل شامل آهي. تجويز ڪيل قدم موجوده قانونن سان هم آهنگ ٿيل آهن، جيڪي زمين جي حاصلات وارو قانون-1984ع ( Land Acquisition Act-LAA ) ۽ ٻين لاڳاپيل قانون ۾ واڌاري طور ڪم ڪري رهيا آهن. (LAA 1894) جي قانون ۾ مستقبل ۾ جيڪا به ترميم ڪئي ويندي ته ان تي روح مطابق عملدرآمد ٿيندو رهندو.

# ٻيون باب: قانوني بنياد(Legal Basis)

## 2.1 قانوني وسيلا(Legal Sources)

**قانوني وسائل (Legal Sources)**

2.1 سنڌ ۾ زمين جي ملڪيت، منتقلي ۽ حاصل ڪرڻ بابت لاڳاپيل ضابطا ۽ ڪيترائي صوبائي ۽ مڪاني قانون موجود آهن. زمين جي حاصلات وارو قانون-1984ع ( Land -LAA Acquisition Act) بنيادي قانونسازي آهي، جيڪو سرڪاري ۽ خانگي رٿائن لاءِ زمينن جي حاصلات واري عمل جي سلسلي ۾ قاعدن ۽ قانون تي ٻڌل آهي. انهيءَ قانون موجب متاثر ماڻهن کي معاوضو فراهم ڪيو وڃي ٿو. زمين جي حاصلات واري قانون-1984ع ( Land -LAA Acquisition Act) تحت زمين جي صلاحيت جي بنياد تي تسيلم ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ غير رسمي وسندين جي لڏپلاڻ ڪي غور هيٺ نٿو آندو وڃي. زمين جي حاصلات واري قانون-1984ع ( Land Acquisition Act-LAA ) تحت لڏپلاڻ ۽ بي گهر ٿيندڙ آبادين لاءِ نئين سرآبادڪاري يا ڪنهن ٻئي طريقي سان متبادل فراهم ڪرڻ ڪانسواءِ رڳو نقد رقم جي صورت ۾ معاوضو فراهم ڪرڻ جو تصور ڏنو ويو آهي ته جيئن ته زمين جي ڪليل منڊي جي اگهن ۽ زمين جي مالڪ ايجنسين ذريعي آگاهي ڏنل شرح ۾ هميشه وڏو فرق هوندو آهي. ان ڪري انهيءَ پاليسي ۾ شفاف طريقيڪار فراهم ڪري انهيءَ معاملي ڪي واضح ڪري شفاف نموني سان حل ڪرڻ گهرجي.

12. زمين جي حاصلات واري قانون-1984ع ( Land Acquisition Act-LAA ) ڪي ٻين ڪيترن ئي قانونن سان لاڳاپيل هجڻ ۽ هم آهنگ طور ٺاهيو ويو آهي. جنهن ۾ ڪجه قانون سنڌ ۾ پڻ لاڳو ٿين ٿا، انهن قانونن ۾ ٽيليگراف ايڪٽ 1885ع(The Telegraph Act 1885)، ريلوي ايڪٽ 1890ع(Railways Act 1890)، اليڪٽرڪ سٽي ايڪٽ 1910ع(Electricity Act 1910)، ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي آرڊر 1957ع(Electricity Act 1910)، حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ 1979ع (Hyderabad Development Authority-HDA Act 1979)۽ ٻيا شامل آهن. اهي قانون مخصوص شعبي جي ترقي لاءِ زمين جي حاصلات واري عمل ڪي قانوني تقاضائن

موجب بڻائن ٿا ۽ زمين جي حاصلات وارو قانون-1984ع ( Land Acquisition -LAA Act) ۾ ٻين لاڳاپيل قانونن ۾ موجود خال کي پورو ڪرڻ لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي اصولن ۽ طريقيڪارن کي واضح ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ان ڏس ۾ زمين جي حاصلات وارو قانون-1984ع ( Land Acquisition Act-LAA ) هر قسم جي ترميم ۽ تبديلي جي عمل ۾ حقيقي مقصد مطابق لاڳو رهندو.

13. اسلامي جمهوريه پاڪستان جي 1973ع جي آئين ( The Constitution of Islamic Republic of Pakistan, 1973) ۾ پاڪستان ۾ جائيداد جي حقن جي هڪ جامع حڪمت عملي فراهم ڪئي وئي آهي. آئين جي شق 23 ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته "هر شهري کي پاڪستان جي ڪنهن به حصي ۾ جائيداد حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، شرط اهو آهي ته اهو آئين جي مطابق هجي ۽ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي قانوني بنياد تي ڪنهن قسم جي مناسب پابندي لاڳو نه ڪئي وئي هجي." آئين جي شق 24 (الف) ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته "قانون موجب ڪنهن به شخص کي سندس جائيداد کان جبري طور محروم نٿو ڪي سگهجي يا سندس جائيداد کي نه ڦريو ويندو." شق 24 (2) ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته "ڪنهن به جائيداد کي جبري طور حاصل نٿو ڪري سگهجي يا ڪنهن عوامي مقصد لاءِ قبضي ۾ وٺي سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري قانوني عملدارن پاران ان کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو، جنهن ذريعي معاوضي جو انتظام ڪيو وڃي ۽ يا ته معاوضي جي رقم طئي ڪئي وڃي يا ان جي اصولن تي عملدرآمد ڪيو وڃي، جنهن ذريعي معاوضي کي طئي ڪري سگهجي ٿو يا معاوضو فراهم ڪيو وڃي ٿو." آئين جي شق 38 (پ) ۾ وڌيڪ بيان ڪيو ويو آهي ته "رياست سمورن شهرين لاءِ جنس، ذات پات، نسل يا عقيدي کان مٿانهين ٻڌجي، اهڙن سمورن شهرين کي زندگي جي بنيادي گهرجن جيئن خوراڪ، لباس، گهر، تعليم ۽ طبي امداد فراهم ڪندي جيڪي ڪمزوري، بيماري يا بيروزگاري سبب مستقل يا عارضي طور پنهنجو روزگار ڪرڻ کان قاصر آهن."

14. اها پاليسي آئين سان هم آهنگ آهي ۽ ان ۾ حقن جي دائري کي وڌيڪ ماٿهن تائين پکيڙي آئيني تحفظ جي ارادي جو ازالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ان ۾ ڪنهن به ريت آئيني اصولن ۾ گهٽتائي ناهي ڪئي وئي. انهيءَ پاليسي ۾ اهڙن بنيادي طريقيڪار جي شعبن جي سلسلي ۾ اصولن کي واضح ڪيو ويو آهي جن تي زمين جي حاصلات واري قانون-1984ع ( Land Acquisition Act-LAA ) ذريعي ڌيان ناهي ڏنو ويو، جنهن ۾ غير

ارادي بنيادن تي آبادڪاري جي اثرن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ڪنهن رٿا جي اثرن جي بروقت ۽ جامع چڪاس ڪرڻ، پنهنجي پيل ڪمزور طبقن تي ڌيان ڏيڻ، ٻين جي وچ ۾ نئين سرآبادڪاري جي رٿائن جي تياري جو عمل شامل آهي.

15. اها پاليسي آئيني ۽ قانوني طور درست آهي ۽ سنڌ سرڪار کي اهڙي پاليسي جو مسوده تيار ڪرڻ، لاڳو ڪرڻ ۽ لاڳاپيل قانونن موجب ان کي پيش ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. پاليسي کي ڪنهن به قانونسازي ذريعي واضح قانوني پهلوئن جي بنياد تي دائري مطابق واضح ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ قانونن ۾ بيان ڪيل اصولن کي واضح ڪيو ويو آهي، پاڪستان ۾ آئيني حقن، قانونن ۽ اعليٰ عدالتن پاران ڏنل فيصلن ۾ بيان ڪيل اصولن مطابق نوان استحقاق پيدا ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ان سان گڏوگڏ اها پاليسي هن وقت لاڳو ڪيل ڪنهن قانون کان ٽڪراءُ ۾ ناهي. ان پاليسي جو مقصد اهو آهي ته سنڌ سرڪارپاران غير ارادي طور لڏپلاڻ سبب متاثر ماڻهن لاءِ زمين جي حصول، معاشي ۽ سماجي حقن کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ جامع طريقيڪارڪي ترتيب ڏنو وڃي ۽ ڪين درپيش سماجي ۽ معاشي ڏکيائن بابت خصوصي آگاهي سان گڏوگڏ ترقياتي رٿائون شروع ڪيون وڃن.

16. انهي پاليسي ۾"حددخلين" جي قانوني حيثيت بابت سوال کي حل ڪرڻ بابت ڪو غور هيٺ ناهي آندو ويو ۽ اها اڳ ۾ لاڳو ڪيل قانونن مطابق جاري رهندي. سنڌ جي عوامي جائيداد ۽ حددخلين جي خاتمي واري قانون 2010ع (Sindh Public Property /Removal of Encroachment-Act, 2010) ۾ حددخلين کي "سرڪاري ملڪيت جو عارضي يا مستقل،غير مجاز قبضو،" قرار ڏنو ويو آهي. ۽ حددخلين کي نبيرڻ لاءِ انتظامي ۽ سزاجي قابل سزا قدمن جي اجازت ڏني وئي آهي قانون ۾ "سرڪاري ملڪيت " جي وصف هڪ اهڙي عمارت، زمين، هنڌ يا احاطي طور بيان ڪئي وئي آهي جيڪا حڪومت، مڪاني ڪائونسل، خودمختيار اداري يا رجسٽرڊ ڪوآپريٽيو سوسائٽي يا اهڙي قسم جي ڪنهن ٻئي اختياري جي انتظام يا ضابطي هيٺ هجي يا ان جي ماتحت هجي. ڪچي آبادي جي قانون1987ع (Katchi Abadis Act 1987) ۾ ماڻهن جي بحالي جي سلسلي ۾ نقد رقم جي صورت ۾ شهري آبادين کي امداد کي ادائيگي يا نئين سرآبادڪاري لاءِ سرڪاري زمينن جا پلاٽ فراهم

ڪرڻ يا ڪچي آبادي جي مجاز يا غير مجاز رهواسين جي بحالي لاءِ انهي يا ٻئي علائقي/مقامي بنيادن تي بحالي جو حق فراهم ڪيو ويو آهي. حددخلين جي معاملي ڪي قانوني طور تي نبيرڻ يا ان جي غير قانوني قبضن ۽ آبادڪاري جي معاملي ڪي نبيرڻ هڪ وڏو ڏکيو ڪم آهي. خاص طور تي پراڻن شهري علائقن جيئن پراڻي مشهور بازار، ڪم ڪرڻ واريون دڪانون ۽ ڪاڌ خوراڪ جا ڪارٽ وغيره شامل آهن. ان علائقي ۾ ڊگهي عرصي کان رهندڙ آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار ڪري رهيا آهن يا ملازمت ڪري رهيا آهن. دراصل اهو انهن جو سندن لاڳاپيل علائقي جي خصوصيت جي بنياد تي سندن مالي انحصار پڻ آهي، جڏهن ته ماضي جي تجربي جي بنياد تي اهو به ڏٺو ويو آهي ته ان علائقي ۾ متاثرين جي لڏپلاڻ يا ڪاروبار يا ملازمتن مان نيڪالي، هٽائڻ يا ختم ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪين وڏن مالي ۽ سماجي مسئلن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ اهڙي ريت ڪنهن ۽ نئين علائقي ۾ نئين سرآبادڪاري سان مقصد پورا ناهن ٿيندا . متاثرن جي ان مسئلي ڪي نظر ۾ رکندي، انهيءَ پاليسي موجب ڪين پنهنجي پراڻي محلي ۾ رهندي شهرين جي بنيادي حق ڪي نظر ۾ رکندي سندن جٽادار ۽ مستقل حل لاءِ پڻ واضع ڪرڻ گهرجي.

17. زمين جي حاصلات واري قانون-1894ع ( Land Acquisition Act-LAA ) جي پورائي ۽ سڌاري ڪي گهرجن جي حوالي سان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي هڪ فل بينچ پاران ٻڌايل فيصلي ۾ مٿي ڄاڻايل جي حوالي سان چيو ويو هو ته " زمين جي حاصلات وارو قانون1894ع (Land Acquisition Act-LAA) سامراجي دور جي باقيات آهي. جنهن ۾ اسان جي سماجي معاشي حالتن ڪي نظر ۾ رکندي بروقت ترميمون ڪرڻ گهرجن ها. بهرحال، معاوضي جي حوالي سان زمين جي حصول ڪي موجوده اسڪيم ۾ خامين ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي روشني ۾ اهڙي قسم جي نظر ثاني لازمي بڻجي ويندي آهي " (سول اپيل نمبر 1476 تا 1485 2018ع). ڏٺو وڃي ته زمين جي اوپن مارڪيٽ اگهه ۽ زمين جي مالڪ ايجنسين ذريعي آگاهي ڏنل شرح ۾هميشه وڏو فرق هوندو آهي، ان لاءِ انهيءَ پاليسيءَ۾ شفاف طريقيڪارفراهم ڪري ان معاملي ڪي صاف ۽ بهتر انداز ۾ حل ڪرڻ گهرجي.

18. اها پاليسي پاڪستان ۾ صوبائي حڪومت پاران بحالي ۽ نئين سر آبادڪاري جي حوالي سان پهرين ۽ جامع پاليسي هوندي. ماضي ۾ به اهڙي طرح جون ڪوششيون ٿينديون رهيون آهن، جنهن ۾ 2001ع ۾ پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ جي ايجنسي(- Pakistan Environmental

(Protection Agency-EPA) پاران صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن لاءِ متاثر ماڻهن جي بحالي ۽ عملدرآمدي رٿابندي جو مسودو (Project Implementation and Resettlement of Affected Persons Ordinance-PIRAPO)، تيار ڪيو ويو هو. 2002ع ۾ پڻ پاڪستان جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي (Pakistan Environmental Protection Agency-EPA)پاران نئين سرآبادڪاري جي قومي پاليسي جو مسودو (National Resettlement Policy-NRP) پڻ تيار ڪيو ويو هو جنهن ۾ زمين جي حاصلات واري قانون 1894ع (Land Acquisition Act-LAA) ۽ نقد معاوضي جي حدن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي حڪمت عملي پڻ ترتيب ڏني وئي هئي.

19. سنڌ سرڪار پاران ماضي ۾ حددخلين جي خاتمي واري مهم سبب متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ پنهنجي عزم تي زور ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سپريم ڪورٽ ۾ هڪ درخواست (CMA) نمبر 242-K/2018) تحت ڪراچي ۾ حددخلين جي خاتمي بابت ڪارروائين جي نتيجي ۾ ٿيندڙ متاثرن جي نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي جو عمل شامل آهي. ڪيس جي قانونن جو جائزو وٺڻ سان چاڻ ملي ٿي ته حڪومت پاران ڪنهن به رٿا جي تصورن بنا ئي عدالتي حڪم سبب سرڪاري ايراضي کي خالي ڪرائڻ لاءِ حددخلين جي خاتمي واري مهم ذريعي بيدخل ڪيل ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ ۾ ڪا به رنڊڪ ناهي. سپريم ڪورٽ (Cr.CP نمبر 2010/9ع) ۾ (او آر جي -5-K/2019) جي سوالن کي نبيري ڇڏيو آهي ۽ سنڌ سرڪار پاران 12 ڊسمبر 2018ع تي سپريم ڪورٽ آڏو ٿيندڙ ڪارروائي ۾ پنهنجي انهيءَ عزم جو ارادو ظاهر ڪيو ته حددخلين جي خاتمي واري مهم جي متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي معاوضو فراهم ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ممڪن هوندو ته متاثر ماڻهن کي نئين سر آباد ڪيو ويندو.

20. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي رٿا سبب لڏپلاڻ سان گڏوگڏ سنڌ ۾ جبري لڏپلاڻ جي ٻين قسمن جي حوالي سان موجوده قانوني ۽ پاليسي جي کوٽ کي پورو ڪري ٿي ته جيئن مستقبل ۾ نئين سرآبادڪاري جي ڪمن کي بهتر بڻايو وڃي ۽ بهتر انتظامن کي يقيني بڻائي سگهجي.

## ٽيون باب: نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جا قاعدا ۽ قدم ( R&R Principles and Policy Measures)

3.1 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جا قاعدا ۽ پاليسي جا قدم

24. سنڌ سرڪار پاران متاثر ماڻهن ۽ سندن ڀلاحي ۽ عافيت تي ڌيان ڏيندي ان جي اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ ۽ بهترين طريقيڪار کي ڪتب آڻيندي ڀنهي قسمن جي قدمن ذريعي متاثر ماڻهن جي بي گهر ٿيڻ ۽ سندن نئين سرآبادڪاري جي موجوده منظرنامي کي بهتر بڻائڻ چاهي ٿي. سنڌ سرڪار پاران پڻ هر قسم لڏپلاڻ لاءِ هر قسم جي جبري بنيادن تي نئين سرآبادڪاري جي تصور، رٿابندي ۽ عملدرآمد جي طريقي کي بهتر بڻائڻ چاهي ٿي، اهڙي ريت ترقياتي رٿائن جو تصور، رٿابندي ۽ عملدرآمد ڪيو وڃي ٿو ته جيئن اها ترقي، متاثر ماڻهن ۽ لاڳاپيل ڌرين لاءِ لاڀائتي ثابت ٿئي ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين لاءِ جٽادار، معاشي، ماحولياتي ۽ سماجي طور پڻ اثرائتي ثابت ٿئي.

25. بهرحال، ڪنهن به رٿا جنهن لاءِ زمين جي گهرج هوندي آهي ۽ يا بغير ڪنهن ترقياتي رٿابندي، حاصلات يا لڏپلاڻ جي سرڪاري زمين کي خالي ڪرائڻ جي سلسلي ۾، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي ابتدائي مرحلي کان ئي هيٺ بيان ڪيل اصولن مطابق ئي رٿا جي اهم اصولن تي عملدرآمد ۽ رٿابندي جو هڪ لازمي جُز هوندي.

(I) جتي ممڪن هجي، منصوبي جي بنياد تي ڪنهن کي بي گهر ڪرڻ جي عمل کان پرهيز ڪيو وڃي.

(II) جڏهن آبادي جي لڏپلاڻ اٽٽر هجي ته، متاثر ماڻهن ۽ برادري سان صلاح مشوري ذريعي سمورن فني مهارتن ۽ انجنيئرنگ بنيادن تي آپشن يا اختيارن جي ڳولا ڪري لڏپلاڻ جي عمل کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

(III) متاثر ماڻهن/برادرين کي معاوضو ڏيڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جي اختيارن بابت آگاهي ڏني ويندي ۽ ساڻن اثرائتو صلاح مشورو ڪيو ويندو.

(IV) جڏهن فرد يا برادريون رٿا جي مداخلتن، ماحولياتي تبديلي يا قدرتي آفتن سبب يا بنا ڪنهن رٿا جي حددخلين جي خاتمي جي مهم سبب ماڻهو زمين ۽ روزگار جي ذريعن جي نقصان سبب متاثر ٿين ٿا، ته ڪين پنهنجي حاصل ٿيل ۽ يا متاثر ٿيل اثاثن جي

متبادل طور قيمت تي ٻڌل معاوضو ڏنو ويندو، جنهن ۾ ڍانچو، وڻن جون فصلون ۽ ٻيا اثاثا شامل آهن. اهڙن معاملن ۾ جتي ترقي لاءِ زمين جي ننڍين ننڍين ٽڪڙن جي گهرج هجي، انهيءَ صورت ۾ لازمي حاصلات واري عمل جي سلسلي ۾ ڳالهين واري طريقيڪار کي ترجيح ڏني ويندي. بهرحال اها نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي انهيءَ صورت ۾ لاڳو نه ٿيندي. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي اتي لاڳو نٿي ٿئي جتي مقامي ماڻهن پاران رٿا جي فائدن جي بنياد تي بدلي ۾ زمين جا ننڍا ٽڪرا رضاڪاراڻي بنيادن تي فراهم ڪيا وڃن ٿا.

(V) اهڙي صورتحال ۾ جتي متاثر ماڻهن ملڪيت جي بنياد تي زمين جي ٽڪڙن کي وڃائي ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ ان حد تائين ڪوشش ڪئي ويندي ته متاثر خاندانن کي زمين جي هنڌ تي نئين سرآبادڪاري لاءِ اهڙي ئي قسم جي يا ان کان سٺريل معيار جي زمين فراهم ڪئي وڃي. اهڙي صورتحال ۾ ڪين تڪڙن بنيادن تي پنهنجي گهرن ۽ روزگار جي ذريعن جي بحالي لاءِ ڪافي وسيلا ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا.

(VI) متاثر ڪاروباري ۽ واپاري ادارن کي ٿيندڙ آمدني جي نقصان جي تلافي ڪئي ويندي ۽ جتي ممڪن هوندو يا ٻين هنڌن تي ڪاروبار ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ اضافي مدد فراهم ڪئي ويندي.

(VII) جيڪڏهن لڏپلاڻ جي گهرج هجي ته، متاثر ماڻهن/برادرين کي نئين سرآبادڪاري لاءِ آپشنز يا اختيارن جي چونڊ لاءِ مختلف متبادل فراهم ڪيا ويندا ته جيئن اهي ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري سگهن، جنهن ۾ پنهنجي مرضي سان نئين سرآبادڪاري ۽ سائٽ جي بنياد تي نئين سرآبادڪاري جي عمل ۽ جتي ممڪن هجي اتي، يا رٿا جي بنياد تي اهڙن هنڌن تي نئين سرآبادڪاري جو عمل سرانجام ڏين جتي سموريون ممڪن سهوليتون ۽ خدمتون موجود هجن. رٿا تحت نئين سر اڏاوت جي سلسلي ۾ برادرين ۽ سندن لاڳاپيل فردن جي مدد ۽ سهڪار فراهم ڪيو ويندو، جنهن ۾ ميزبان برادرين لاءِ رٿا مان لاڀ پرائيندڙ طور شمار ڪرڻ وارو عمل شامل آهي.

(VIII) ماحولياتي تبديلي جي وڌندڙ اثرن کي نظر ۾ رکندي، نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي ۽ عملدرآمد تحت انهيءَ عمل کي يقيني بڻايو ويندو ته نئين سرآبادڪاري جا هنڌ اهڙن علائقن ۾ ته ناهن جتي بي گهر ٿيل ماڻهو يا غير رسمي آبادڪارن لاءِ بار بار خطرا پيدا ٿين ۽ امڪاني هنڌن جي نشاندهي رڳو شفاف فني مهارتن تي ٻڌل پهلوئن کي نظر ۾ رکندي ڪئي وڃي.

(الف) اهڙي ريت، جتي جتي به ضرورت هجي، ته انهي ۽ عمل کي يقيني بڻايو ويندو ته نئين سرآبادڪاري جي هنڌ وٽ اڈاوتون معيارن مطابق آهن ۽ انهن ۾ خطرن کان مزاحمت يا خطرن کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور سگهه موجود آهي. بي زمين يا غير رسمي آبادڪارن ۽ متاثر برادرين کي ڪيترن ئي خطرن تي ٻڌل مزاحمت تي ٻڌل خاڪن ۽ اڈاوتي طريقن بابت رهنمائي فراهم ڪئي وڃي.

(ب) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري رٿا کي روزگار جي بحالي يا ان ۾ واڌاري ۽ وقت جي پابندي تي ٻڌل قدمن ۽ بجيٽ جي رٿابندي ۽ ان تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ هڪ ترقياتي پروگرام طور ڪتب آندو ويندو.

(پ) بنا عنوان وارا ماڻهو: مثال طور غير رسمي آبادڪار، قبضو ڪندڙ، گلين ۾ دڪانون هلائڻ وارا ۽ هاڪرز وغيره شامل آهن. انهن کي پنهنجي نقصانن جهڙوڪ ڍانچي، آمدني وغيره جي صورت ۾ معاوضو فراهم ڪيو ويندو ۽ ڪين منصوبي تحت نئين سرآبادڪاري جي هنڌن ۾ ڪاروبار ۽ يا آبادڪاري لاءِ متبادل اختيار فراهم ڪيا ويندا.

(i) مقامي بنيادن تي جهڙوڪ ٻهراڙي جي آبادڪاري جي نمونن جيان، جتي به ممڪن هوندو، ٻهراڙي جي علائقن ۾ نئين سرآبادڪاري کي جدا جدا انداز ۾ قائم نه ڪرڻ گهرجي ۽ ان بدران ڳوٺ اندر سڀ کان وڏي نئين سرآبادڪاري ۽ ان جي اپت وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن موثر خدمتن جي فراهمي ۽ ترقي لاءِ بهتر نتيجا ۽ نرمي واري عمل کي يقيني بڻائي سگهجي.

( ii) وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ( هڪ لک کان وڌيڪ آبادي وارن شهري علائقن) ۾ ۽ ان جي ويجهو نئين سرآبادڪاري جي حمايت ڪندي سموري سنڌ ۾ مجموعي معيشتن کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي.

( iii) جتي به ممڪن هجي، غير رسمي شهري وسندين کي مستقل ڪرائڻ جي ضرورت آهي.

(iv) غير رسمي شهري آبادڪارن کي هڪ ئي شهر/ڳوٺ جي حدن ۾ ۽ سندن ڪم جي هنڌ/معاشي موقعن جي ويجهو يا سٺن رابطن سان گڏ نئين سرآبادڪاري جي ضرورت آهي.

(IX) اها پاليسي انهن ماڻهن کي پڻ معاوضو فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي جيڪي سرڪاري زمينن تي بنا عنوان قبضو ڪيو ويٺا آهن، جيڪي عدالتي حڪمن جي پوئيواري يا سرڪار پاران سرڪاري زمين جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، هتي حددخلين جي خاتمي واري مهم سبب بي گهر ٿيا آهن. جبري لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ درپيش ڏکيائن کي نظر ۾ رکندي اها پاليسي حددخلين جي خاتمي واري مهم ڪان متاثر ٿيندڙ ڪمزور طبقن جي مدد لاءِ بهترين ذريعا فراهم ڪري ٿي. بنا موضوع وارا ماڻهو: مثال طور، غير رسمي آبادڪار/ شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن ۾ بي زمين/گذر سفر ڪندڙ، قبضو ڪري ويٺل، گلين ۾ دڪانون هلائي روزگار ڪندڙ، هاڪرز وغيره، تن کي نقصانن جهڙوڪ ڊانچي، اپت وغيره جو معاوضو ڏنو ويندو ۽ ڪين رٿا جي اهتمام هيٺ نئين سرآبادڪاري جي هنڌن ۾ ڪاروبار ۽ يا نئين سرآبادڪاري جا متبادل آپشن فراهم ڪيا ويندا.

(X) رياستي/ سرڪاري ايراضي ۽ پرائيويٽ بنيادن تي حاصل ڪيل ايراضي تي واقع نئين سرآبادڪاري لاءِ فراهم ڪيل ملڪيت جي ليز جي قسمن تي ڪوبه فرق نه پوڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهو فرق نئين سرآباد ٿيندڙ ماڻهن ۾ مونجهاري ۽ اڻ برابري کي جنم ڏيندو.

(XI) ماڻهن جي روايتي يا روايتي ايراضي جي حقن (جنهن ۾ نسلي ۽ مذهبي اقليتن، پادرين ۽ ٻين پٺتي پيل طبقن جي حقن) کي معاوضي ۽ نئين سرآبادڪاري جي سلسلي ۾ تسليم ڪيو ويندو.

(XII) پٺتي پيل ۽ ڪمزور طبقن جهڙوڪ (اهو انهن تائين محدود ناهي) غريب يا گهٽ آمدني وارا طبقا (جيڪي غربت جي لڪير ڪان هيٺ واري زندگي گذاري رهيا آهن)، غريب عورتون، بزرگ، گهرن جي سربراهي ڪندڙ غريب عورتون، خواجا سرا، معذور فراد، غير رسمي آبادڪار، بي زمين هارين وغيره کي رٿا تحت اضافي تعاون ۽ مدد سان گڏوگڏ سندن سماجي شموليت/ ترقياتي پروگرام لاءِ پڻ نشاندهي ڪئي ويندي.

(XIII) متاثر ماڻهن ۽ برادرين وچ ۾ ڪنهن به تڪرار يا شڪايتن جي خاتمي ۽ سندن حل لاءِ رٿا تحت مخصوص شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪيار ترتيب ڏنو ويندو. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿا جون سرگرميون، انتظام ۽ نتيجن بابت معلومات ۽ اڳيرائي کي عام ڪيو ويندو ته جيئن نئين سرآبادڪاري واري عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي.

(XIV) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي ڪي هڪ ترقياتي پروگرام جي حيثيت سان رٿابندي تحت عمل ۾ آندو ويندو، جنهن ۾ روزگار جي ذريعي جي بحالي يا ان ۾ واڌاري يا مخصوص مدي تي پئٽل قدم ۽ بجيٽ وارو عمل شامل آهي.

(XV) متاثر برادرين جا ڪارڪن، سڌو سنئون ۽ يا پنهنجا مقرر ڪيل نمائندا يا طبقن ذريعي (برادرين وچ ۾ گهڻ رخي واري عمل جي عڪاسي ڪندي)، عورتن جون تنظيمون ۽ گروپ ۽ اقليتي تنظيمن ۽ گروپن جا نمائندا مقامي غير سرڪاري تنظيمون(NGOs)، مقامي سطح تي برادرين جي بنياد تي ڪم ڪندڙ تنظيمون (CBOs) خاص ڪري اهي ماڻهو جيڪي متاثر برادرين جي وچ ۾) علائقي جا چونڊيل نمائندا، تعليمي ماهر ۽ اهي محقق جيڪي علائقي ۾ ترقياتي مسئلن، نئين سرآبادڪاري وغيره جي سلسلي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ٻيا لاڳاپيل فرد، گروپ ۽ تنظيمون لاڳاپيل صلاح مشوري دوران ۽ نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني جي عمل ۾ پڻ شامل ٿيندا.

(XVI) پٺتي پيل طبقا جهڙوڪ، عورتون، گهرن جي سربراهي ڪندڙ عورتون، غريب، اقليتون (مذهبي ۽ نسلي بنيادن تي شامل آهن)، خواجا سرا، نوجوان، بزرگ، معذور فرد، وغيره صلاح مشوري جي عمل ۽ الڳ الڳ (جيئن ٽولن جي صورت ۾ يا انفرادي بنيادن تي) اجلاس ۾ فعال طور شامل ٿيندا. جڏهن به ۽ گهرجن مطابق پٺتي پيل طبقن لاءِ سندن ويجهن هنڌن تي ويهڪون منعقد ڪيون وينديون، جيڪي سندن ويجهو ۽ سولائي سان پهچڻ جي قابل هجي. معلومات ڪي هنڌن ۽ ان جي عملي شڪل ۾ پڻ دستيابي واري عمل ڪي يقيني بڻايو ويندو(مثال طور ظاهري، گڏيل ۽ زباني) جيڪو سولائي سان پهچ جي قابل هوندو ۽ صلاح مشوري واري عمل کان اڳ ۾ جتي گهرج هوندي اتي پاڻ مرادو بنيادن تي پٺتي پيل طبقن پاران نشاندهي ڪئي ويندي. پٺتي پيل طبقا پڻ رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني جي سموري عمل ۾ اهڙي انداز ۾ شامل ٿيندا ته جيئن سندن سرگرم بنيادن تي شموليت واري عمل ڪي يقيني بڻائي سگهجي ۽ جيڪڏهن ڪا هجي ته انهن رنڊڪن، گهرجن ۽ اوليتن ڪي نظر ۾ رکيو وڃي.

(XVII) اپت پيدا ڪندڙ رٿا جي صورت ۾، مخصوص روزگار جا موقعا يا نيڪ نيتي جي بنياد تي برادرين جي سطح تي ترقياتي قدمن ذريعي رٿا جي فائدن ڪي متاثر ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**(XVIII) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي، هڪ ترقياتي رٿا(*R&R as a Development Program*)**

24.     پاليسي جي اصولن تي عمل ڪندي، هر قسم جي لڏپلاڻ جي صورت ۾ نئين سرآبادڪاري، جنهن ۾ ترقياتي رٿائون، ترقي وارو عمل (خانگي شعبا پڻ شامل آهن)، ان کي هڪ ترقياتي رٿا واري پروگرام طور تصور ڪيوويندو ۽ ان تي عملدرآمد مڪمل سماجي ۽ معاشي سروي ۽ سمورن متاثر ماڻهن جي آدمشماري ذريعي ڪيو ويندو. زمين ۽ ٻين اثاثن جي حصول ۽ يا جبري بنيادن تي حددخلين جي خاتمي واري مهم ذريعي غير رضاڪاراڻي لڏپلاڻ جي عمل سبب پوندڙ اثرن ۽ نقصاننجي نشاندهي ۽ متاثر گهراڻن/فردن جي مڪمل فهرست ترتيب ڏيڻ جو عمل ته جيئن ٻاهر جي ماڻهن جي اچڻ ۽ سندن ذميوارن جي نشاندهي ڪري سگهجي يا ان ڏس ۾ انديشن ۽ خدشن واري عمل کان بچي سگهجي. ان کان علاوه معاوضي جي ادائيگي لاءِ طريقيڪار کي سپ کان سولو بڻائڻ گهرجي ۽ ايجنسي کي نمايان ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو واضح طور ذڪر ڪرڻ گهرجي.

## 33     لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا (Stakeholder Consultation)

25.     سنڌ سرڪار پاران نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جي مسودي تي راءِ حاصل ڪرڻ جي سلسلي۾ لاڳاپيل ڌرين جو صلاح مشوري تي ٻڌل ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو، انهيءَ ورڪشاپ ۾ لاڳاپيل اهم ڌرين ۽ برادرين (جنهن ۾ سول سوسائٽي جي نمائندن، عدالتي حڪم تي حددخلين جي خاتمي واري مهم تحت گجر ۽ ورنگي نالن تان حددخليون هٽائڻ سبب متاثر ٿيندڙ برادرين، تعليمي ماهرن، فني ماهرن ۽ پاليسي دستاويزن بابت پنهنجي تاثر/خيالن لاءِ عملدرآمد ڪندڙ ايجنسين، گجر۽ اورنگي نالن جي بحالي جهڙي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ عهديدارن، غير سرڪاري تنظيمن ۽ متاثرن جي گهڻ رخي طبقن تي ٻڌل ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن پاران) جبري لڏپلاڻ، متاثر گهراڻن جي مناسب دستاويزن جي اڻهوند ۽ حددخلين جي خاتمي واري مهم تحت بي گهر ٿيندڙن جي اثرن جو جائزو وٺڻ جي حوالي سان پڻ خدشن جو اظهار ڪيو. ان کان علاوه نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي لاءِ مناسب مدد جي فقدان، ڏنل تاثرات ۽ پيش ڪيل تبصرا، جن تي سٺي نموني غور ڪيو ويو آهي ۽ ان کي پاليسي جي دستاويز ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

26.     شرڪت ڪندڙن پاران شهري ۽ ٻهراڙي جي پسمنظر ۾ پاليسي کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ پڻ خدشن جو اظهار ڪيو ۽ ايجنسن وچ ۾ رابطي جي ضرورت کي اجاگر ڪيو، خاص طور، شرڪت ڪندڙن پاران انهي ڳالهه تي زور ڏنوويو ته، چاڪاڻ ته غير رسمي آبادين يا حددخليون ڪندڙن جي لڏپلاڻ کي بنا عنوان جي سرڪاري ملڪيت استعمال ڪرڻ يا ان تي قبضو ڪندڙ ماڻهن جي ڪاٽي، شيڊيول ۽ اڪثر ڪري نئين سرآبادڪاري جي خلاف مزاحمت جي عمل جي لحاظ سان ابتدائي مطالعي سميت رٿا واري عمل کان الڳ نٿو ڪري سگهجي.

27. شرڪت ڪندڙن پاران پاليسي جي مسودي کي سنڌ جي ٻين علائقن کان علاوه اهڙن هنڌن جيڪي شهرين لاءِ پهچڻ جي قابل آهن، خاص طور پنتي پيلءِ ڏورانهن علائقن سان واسطو رکندڙ ماڻهن لاءِ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ ترجمو ڪري ان جي پکيڙ ۽ وڌيڪ صلاح مشوري جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. شرڪت ڪندڙن پاران حدخلين جي خاتمي واري مهم سبب متاثر ٿيندڙ برادرين (ان جو مثال گجر ۽ اورنگي نالي ۽ مجاهد ڪالوني وارا علائقا آهن) سان وڌيڪ مشورا ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو ته جيئن حدخلين جي خاتمي واري مهم سبب متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي تجربي ۽ گهرجن ۽ خاص طور تي پنتي پيل ماڻهن ۽ برادرين ۾ موجود گهڻ پهلوئي عمل کي حتمي پاليسي جي مسودي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. شرڪت ڪندڙن پاران حتمي پاليسي کي عام ڪرڻ سان گڏوگڏ ان کي سمورن ماڻهن جي سمجهاڻي لاءِ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ سرڪاري سطح تي ترجمو ڪري عام ڪرڻ جون پڻ سفارشون پيش ڪيون ويون.

# چوٿون باب: پاليسي تي عملدرآمد ۽ حقدارن جو تفصيل

## (Policy Application and Entitlements)

### 4.1 پاليسي تي عملدرآمد، دائرو ۽ جائزو (*Application of the Policy, Coverage and Review*)

28 اها پاليسي سمورن سرڪاري منظور ٿيل رٿائن تي لاڳو ٿيندي. جنهن ۾ سرڪاري، خانگي ۽ سرڪاري ۽ خانگي ڀنهي شعبن جي گڏيل سهڪار سان هلندڙ رٿائن تي پڻ لاڳو ٿيندي. انهن رٿائن ۾ اهڙا منصوبا پڻ شامل آهن جيڪي زمين جي حاصلات يا اهڙن ماڻهن جي غيرضروري طور نئين سرآبادڪاري تي ٻڌل آهن جيڪي ترقياتي رٿائن سبب جسماني ۽ يا معاشي طور بي گهر ٿي سگهن ٿا. پاليسي ماحوليات بابت واقعن/ڪنهن به قسم جي قدرتي آفتن (جهڙوڪ ٻوڏ ۽ زلزلن) جي صورت ۾ نئين سرآبادڪاري ۽ لڏپلاڻ واري عمل تي پڻ لاڳو ٿيندي ۽ سرڪاري ملڪيتن کي خالي ڪرائڻ لاءِ حددخلين جي خاتمي واري مهم دوران ماڻهن کي آفتن/خطرن جو شڪار هنڌن کان منتقل ڪرڻ ۽ جبري لڏپلاڻ جي عمل تي پڻ لاڳو هوندي. اها پاليسي سنڌ حڪومت جي منظوري ملڻ ڪانپوءِ فوري طور تي لاڳو ٿي ويندي ۽ ان کي سنڌ جي گزيٽ (غير معمولي) تحت پڌرنامي ذريعي عام ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت پاران حددخلين جي خاتمي واري مهم سبب جبري لڏپلاڻ بابت انهيءَ پاليسي جي اڳواٽ عملدرآمد جي نقطن بابت فيصلو ڪيو ويندو، جيڪو ماضي ۾ انهيءَ پاليسي جي موثر هجڻ جي تاريخ کان اڳ ۾ هر پهلو جو جائزو ورتو ويو آهي.

.29 اها پاليسي سمورن رٿائن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي، جن جو مالي سهڪار مختلف طريقن سان مالياتي ادارن پاران ٻن رخن ذريعي ڪيو وڃي ٿو. ڪنهن به عالمي مالياتي ادارن (International Financial Institutions-IFIs)سان ڪيل معاهدن جي نتيجي ۾ پاليسي ۾ فرق هجڻ جي صورت ۾، لاڳاپيل رٿا کي قانوني ۽ رٿابندي جي معاهدن تحت مخصوص اضافي قدم کنيا ويندا.

.30 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جو مختلف وقتن تي جائزو وٺي سگهجي ٿو ۽ گهرجن مطابق ان ۾ تبديليون يا گهٽائي يا وڌائي سگهجي ٿو.

## 2.4 حقدارن جو تفصيل (Entitlement Matrix)

.31 عام رهنمائي لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جي پاليسي فريم ورڪ مان ورتل حقدارن بابت ڄاڻ تي ٻڌل هڪ تفصيلي چارٽ فراهم ڪيو ويو آهي. ان ڪي تصورن ۽ گهرجن جي بنياد تي انفرادي رٿا مطابق پڻ ٺاهي سگهجي ٿو ۽ اثرن جي نوعيت، لڏپلاڻ جا قسم ۽ اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ واري عمل مطابق پڻ هم آهنگ ٺاهي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ جٽادار ترقي جي لحاظ کان نئين سرآبادڪاري وارو عمل اوليت جي بنياد تي آهي، نقد معاوضو، حقدارن جي بنياد تي پڻ فراهم ڪري سگهجي ٿو(مثال طورنئين سرآبادڪاري لاءِ هنڌن جي غير موجودگي ۽ يا نئين سرآبادڪاري لاءِ هنڌن جي تياري لاءِ زمين ۽ يا وسيلا جيڪي روزگار جي وسيلن سان جڙيل آهن ۽ گهربل خدمت فراهم ڪن ٿا)، جيڪڏهن اهل فردن پاران ترجيح ڏني وڃي ۽ سرڪار لاڳاپيل ڪارٽن جي بنياد تي ان جي ضرورت محسوس ڪري ٿي. نئين سرآبادڪاري يا نقد معاوضي جي صورت ۾ مدد فراهم ڪرڻ جو فيصلو حالتن مطابق ڪري سگهجي ٿو.

**حقدارن جو تفصيلي چارٽ** (Table 1: Entitlement Matrix)

| **.1زرعي زمين جو نقصان** | | | |
|---|---|---|---|
| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
| 1.1 رٿا (ROW يعني رستي جو حق) متاثر ٿيندڙ زرعي زمين (جنهن ۾ بغير پوک، مال جي چاري وارا ٽڪرا، يا زرعي مقصد ۽ ايت لاءِ استعمال ٿيندڙ بين زمينن) جو مستقل نقصان ۽ /يا مستقل بنيادن تي پهچ کان پري رهڻ وارو عمل شامل آهي. | (الف) قانوني مالڪ (يا هڪ کان وڌيڪ مالڪ) جيڪوروينيو/زمين جي رڪارڊ يا روايتي حقن مطابق هجي. | (I) سمورا زرعي ذريعا وجائيندڙن لاءِ هڪ جهڙي يا ان کان سٺي معيار جي زمين جي بدلي ۾ زمين انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ته معاشي سگهه ۽ روزگار تي منفي اثر نه پون.<br>(II) ڪاٽي جي بنياد تي نقد معاوضو، ان کان علاوه 15% لازمي | زمين لاءِ رٿائن تحت لاڳاپيل علائقي /ضلع ۾ متبادل زمين جي ڳولا جي سلسلي ۾ متاثر زميندارن سان گڏجي صلاح مشورو ۽ معاهدو ڪيو ويندو. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | حصول ٽيڪس، رجسٽريشن ۽ نالي جي تبديلي يا منتقلي جي مد ۾ خرچن کان آجو<br>(III) اهڙا معاملا جتي زمين جي ننڍن ٽڪرن جي ضرورت هجي، زمين ونڊ جي عمل ۾ تيزي لاءِ واضح دائري جي وڌ کان وڌ استعمال آڻڻ واري عمل کي ترجيح ڏني ويندي. | |
| | (ب) سرڪار کان ليز حاصل ڪندڙ | (i) رڳو قانوني طور تي تسليم ٿيل ليز رکندڙ لاءِ زمين جو معاوضو يا جتي ممڪن هجي زمين جي بدلي زمين جي تبديلي ڪئي ويندي.<br>(ii) وڌ کان وڌ ٻن سالن تائين باقي ليز جي سالن مجموعي فصل/زرعي پيداوار کي مارڪيٽ ۾ موجود قيمت جي برابر نقد معاوضو | |
| | (ت)حصيدار/ڪرائيدار | (i) زمين جي مجموعي فصل/زرعي پيداوار کي مارڪيٽ مطابق موجوده قيمت جي برابر نقد معاوضو، هڪ سال لاءِ بدلي جي | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | شرح | |
| | (ث) اهڙا زرعي ڪارڻ جيڪي پنهنجي معاهدي کان محروم ٿي رهيا آهن. | (II) ڪاٽي جي بنياد تي نقد معاوضو، ان کان علاوه 15% لازمي حصول ٽيڪس، رجسٽريشن ۽ نالي جي تبديلي يا منتقلي جي مد ۾ خرچن کان آجو | |
| | (ج) بغير معاهدن جي زمين/زرعي ڪارڪنن جي غير رسمي استعمال ٿيندڙ | (i) هڪ سال لاءِ فصلن جي نقصان جو نقد معاوضو (جنهن ۾ سياري ۽ اونهاري جون مندون شامل آهن (ii) ڪمزور طبقن کي اضافي امداد جي فراهمي | |
| 12 پوک جي قابل يا ٻين قسمن جي زمينن تي عارضي اثر، عام طور تي 3-4 مهينن لاءِ لاءِ (يا وڏين رٿائن جي صورت ۾ ان کان به وڏيڪ عرصي تي ٻڌل) | | | |
| **12 پوک جي قابل يا ٻين قسمن جي زمينن تي عارضي اثر، عام طور تي 3-4 مهينن لاءِ (يا وڏن رٿائن جي صورت ۾ان کان به وڏيڪ عرصي تي ٻڌل)** | حقدار مالڪ ۽ ٻين جي ذمري ۾ ايندڙ (جيڪي "ب" کان مٿانهين درجي ۾ شمار ٿيندا هجن. | (i) حقدار مالڪن کي ئي معاوضو ڏنو ويندو پر شرط اهو آهي ته زمين کي اڳوٽي حالت ۾ بحال/فعال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته مالڪ فصل/وٽن وغيره جي نقصان جي معاوضي جا حقدار | زمين کي ان جي اصلي حالت ۾ بحال ڪرڻ جي رٿا |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | آهن. (ii) ليز رکندڙ، ڪرائيدار/حصيدار، زرعي ڪارڪن ۽ غير رسمي آبادڪارن لاءِ فصل جي ڪنهن به نقصان لاءِ نقد معاوضو ۽ مدي دوران آمدني جي نقصانن لاءِ نقد معاوضو | |

**عملدرآمد بابت رهنما هدايتون/اصول**

1. زمين جي مالڪن ۽ واهپيدارن کي زمين جي حصول ۽ معاوضي جي عمل ۽ ادائيگي جي طريقيڪارجي تفصيلن کان آگاهي ڏني ويندي.

2. تبديلي جي لاڳت مان مراد ڪاٽي جو اهو طريقو آهي. جيڪو وڃايل /تباهه ٿيل اثاثن جي تبديلي ۽ ڏئي وٺ جي خرچن جي پورائي لاءِ ڪافي رقم جو اندازو لڳائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. زمين لاءِ متبادل لاڳت کي ان جي قسم/معيار کي متاثر ٿيڻ کان اڳ واري اهميت بحال ڪرڻ کان علاوه ڏئي وٺ جي خرچن(جهڙوڪ، انتظامي چارجز، عنوان يا رجسٽريشن فيس وغيره) چيو وڃي ٿو. متبادل لاڳت جو اندازو لڳائڻ لاءِ ڪاٽي جو ڪو طريقو دستاويزي هجڻ گهرجي ۽ ان کي نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جي لاڳاپيل دستاويزن ۾ شامل ڪرڻ گهرجي.

3. نشاندهي ڪيل يا تسليم ٿيل مالڪن کي معاوضي جي مقصدن لاءِ سندس ملڪيت جي مد ۾ قانوني دستاويزات تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾رٿائن ذريعي مدد ڪئي ويندي.

4. رٿائن تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسي/غير سرڪاري تنظيمن پاران حقدار ماڻهن ( Entitled Persons-EPs) کي زمين جي خريداري لاءِ حوصلا افزائي ڪئي ويندي يا معاوضي جي رقم آمدني پيدا ڪندڙ سرگرمين ۾ سيٽپ ڪئي ويندي.

**2 رهائشي/گهر، ڪاروباري، شهري/صنعتي زمين جو نقصان**

| نقصان جو قسم | حقدار | (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| 21 رٿائن جي مداخلت سبب رهائش/گهر،ڪاروباري، شهري/صنعتي زمين | (الف) قانوني مالڪ (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) روينيو/زمين جي رڪارڊ يا روايتي | (i) هڪ خانگي پلاٽ جي فراهمي ذريعي ايراضي لاءِ زمين جي کي قيمت ۽ هنڌ جي | قانوني مالڪن کي رٿائن تحت غير سرڪاري تنظيمن جي ذريعي معاوضي جي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| جو نقصان | حقن مطابق هجي. | لحاظ سان وجايل /نقصان جي ذمري ۾ ايندڙ پلاٽ جي پيٽ ڪئي وجي يا متبادل قيمت تي نقد معاوضو، (II) ڪاٺي جي بنياد تي نقد معاوضو، ان ڪان علاوه 15% لازمي حصول ٽيڪس، رجسٽريشن ۽ نالي جي تبديلي يا منتقلي جي مد ۾ خرچن ڪان آجو (iii) شهري/ڪاروباري نقصان لاءِ 5.1 (i-iii) جو جائزو وٺو. | دعويٰ لاءِ ضروري قانوني ڪاغذن جي تياري ۾ مدد ڪئي ويندي. |
| | (ب) ڪرائيدار/ ليز رکندڙ | ڇهه مهينن جو ڪرايو يا بقايه ليز جي مدي لاءِ قدر جو تناسب، ان ۾ هر اها رقم شامل آهي جنهن جو ڪيس نقصان ٿيو آهي. | |
| | (ت) غير رسمي آباد ڪار/زمين تي قبضو ڪري ويهندڙ، زمين جا بنا حق رکندڙ /بي زمين زرعي ڪارڪن، ڪرائيداري جي معاهدي بنا زرعي ڪرائيدار، ۽ اهڙا زرعي ڪرائيدار جن جا ڪرائيداري معاهدا | موجود متبادل ايراضي/نئين سرآبادڪاري جي احاطي ۾ رهائش جي فراهمي يا پاڻ مرادو لڏپلاڻ جي الاؤنس جي برابر: (1)شهري علائقن لاءِ (في خاندان .i (رهائش لاءِ جاءِ جي فراهمي- | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | زميندارن جي زمين تي رهائش جي حق تي ٻڌل ناهن. | رقم متبادل لاڳت جي برابر فراهم ڪري سگهجي ٿي. يا نئين سرآبادڪاري جي مقام تي هڪ پلاٽ [نئين سرآبادڪاري جي هنڌ تي پلاٽ جي تجويز ڪيل سائز 60 مربع گز آهي]، جيڪڏهن رٿائن ۾ نئين سرآبادڪاري جي جاءِ شامل آهي. (ii)متبادل لاڳت ان علائقي ۾ 60 مربع گز جو پلاٽ جنهن ۾ اهي رهائش پذير هوا، جيڪڏهن رٿائن ۾ نئين سرآبادڪاري ڪي جاءِ شامل ناهي. ڳوٺاڻن علائقن لاءِ (في گهراڻو) i. رهائش لاءِ جاءِ جي فراهمي- رقم متبادل لاڳت جي برابر فراهم ڪري سگهجي ٿي. يا نئين سرآبادڪاري جي جاءِ تي پلاٽ [ٻهراڙي جي علائقن ۾ نئين سرآبادڪاري جي هنڌ پلاٽ جي تجويز ڪيل سائز 120 مربع گز آهي.] جيڪڏهن رٿائن ۾ نئين سرآبادڪاري | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | جو عمل شامل هو، (ii) متبادل لاڳت زمين جي 120 مربع گز جي پلاٽ تي جنهن تي اهي قبضو ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن رٿائن ۾ نئين سرآبادڪاري جي جاءِ شامل ناهي. | |

عملدرآمد **بابت رهنما هدايتون/اصول**

1. متاثر زميندارن ڪي زمين جي حصول ۽ معاوضي جي عمل ۽ ادائيگي جي طريقيڪار جي تفصيلن ڪان آگاهي ڏني ويندي.

2. تبديلي جي لاڳت جو اندازو اڳ ۾ ئي بيان ڪيل اصولن مطابق لڳايو ويندو.

3. رٿائن تحت غير سرڪاري تنظيم پاران حقدار ماڻهن جي ان عمل جي حوصله افزائي ڪئي ويندي ته اهي متبادل رهائشي يا ڪاروباري/صنعتي زمين جي معاوضي جي رقم مان خريداري ڪن يا پيداواري ۽ آمدني پيدا ڪرڻ وارين سرگرمين ۾ سيڙپڪاري ڪن.

**3. رهائشي ڍانچي جو نقصان (بعنوان زمين)**

| نقصان جو قسم | حقدار | (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| 31 رهائشي ڍانچي/ گهرن جو نقصان | روينيو/زميني رڪارڊ يا ٻين قانوني ڪاغذن مطابق قانوني مالڪ (هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ) | (i) پڪن ۽ نيم پڪن گهرن لاءِ: متاثر ڍانچن جي اڏاوت جي قسم جي لحاظ ڪان متبادل لاڳت جي سلسلي ۾ نقد معاوضو، ۽ ٻين طئي ٿيل اثاثن جي قدر ۾ گهٽتائي آڻڻ ڪانسواءِ: مالڪن ڪي قابل بچت/مفت ۾ وٺڻ ڪان علاوه ڏئي وٺ جي گرانٽ جي اجازت هوندي. (ii) ڪچن ۽ | رٿائن تحت غير سرڪاري تنظيم پاران آبادڪاري جي سلسلي ۾ ٻيون سهوليتون فراهم ڪيون وينديون. جنهن ۾لڏپلاڻ ۽ نئين سراڏاوتي عمل ۾ مدد ڪئي ويندي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | عارضي ڍانچن (جيئن جهوپڙي، وغيره) لاءِ: رهائشي ڍانچي جي نئين سر اڏاوت لاءِ ڍانچي جي منظور ٿيل شرح جي بنياد تي منتقلي ۽ نئين سر اڏاوت لاءِ گرانٽ<br>رٿائن تحت غير سرڪاري تنظيم پاران آبادڪاري جي سلسلي ۾ ٻيون سهوليتون فراهم ڪيون وينديون- جنهن ۾ لڏپلاڻ ۽ نئين سر اڏاوتي عمل ۾ مدد ڪئي ويندي. | |
| 32 **رهائشي ڍانچي جو جزوي نقصان، بشمول چو رديواري/معمولي ڍانچو** | روينيو/زميني رڪارڊ يا ٻين قانوني ڪاغذن مطابق قانوني مالڪ (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) | (i) ڍانچي جي متاثر حصي لاءِ متبادل قيمت جي سلسلي ۾ نقد معاوضو.<br>(ii) باقي ڍانچي جي بحالي ۾ مدد لاءِ اضافي نقد جو معاوضو | |
| 33 **ڪرائيدارن/ رهندڙن ذريعي رهائش يا رهائش جو نقصان** | ڪرائيدار ۽ ٻيا ڪرائيداري جا معاهدا/معاهدن مطابق | (i) متاثر ڪرائيدارن جي ڪرائيداري جو باقي مدو يا 3 مهينا، جيڪو به وڌ کان وڌ هجي، ان جي تناسب موجب قيمت جو نقد معاوضو ملندو. | |

| |
|---|
| **عملدرآمد جي سلسلي ۾ رهنما هدايتون/اصول**<br>1. مقرركيل تاريخون متاثر علائقي ۾ واقع سمورن ڍانچن تي لاڳو ٿينديون.<br>2. متاثر ڍانچي جي مالڪن/ڪرائيداري وغيره جي اٿرن بابت آگاهي ڏني ويندي ۽ معاوضي جي قيمت/گهن وغيره بابت آگاهي ڏني ويندي.<br>3. خانگي ڪمن جي گهرجن مطابق ڍانچي کي ختم ڪرڻ ۽ هٽائڻ کان اڳ معاوضو ادا ڪيو ويندو.<br>4. منتقلي جي لاڳت، اڏاوت ۽ ڪم جي شرح جي بنياد تي، موجوده سامان جا خرچ، مزدوري وغيره جي سلسلي ۾ غور ڪرڻ گهرجي. ڍانچي جي قسمن جي لحاظ کان ڪاٽي جي رپورٽ جنهن کي نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جي دستاويز۾ شامل ڪيو ويندو. |

**4. بنا عنوان زمين تي ٻڌل رهائشي ڍانچي جو نقصان**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| 41. مالڪن پاران بنا عنوان زمين تي ٻڌل رهائشي ڍانچي/ گهرن جو نقصان (مثال طور غير رسمي آبادڪار/ بي زمين زرعي ڪارڪن/بغير ڪرائيداري جي معاهدي وارو زرعي ڪرائيدار/ يا اهڙو زرعي ڪرائيدار جنهن جي ڪرائيداري جي معاهدن ۾ رهائش جي حق کي غور هيٺ ناهي آندو ويو. | آدمشماري/سروي دوران مجيل رستي جي حقن تي ٻڌل ڍانچي جو سماجي طور تي تسليم ٿيل مالڪ (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) | (i)پڪي ۽ نيم پڪي گهرن لاءِ: متاثر ڍانچن لاءِ تعمير جي قسم جي لحاظ سان متبادل قيمت تحت نقد معاوضو، قيمت ۾ گهٽتائي ڪرڻ کانسواءِ مالڪن کي بچت جي قابل مفت فراهمي کان علاوه منتقلي جي گرانٽ جي اجازت هوندي.<br>(ii) ڪچن ۽ عارضي ڍانچي لاءِ (مثال طور جهوپڙي، جهگي وغيره): منتقلي ۽ نئين سر اڏاوت جي گرانٽ جو حساب اڏاوت ۽ ڪم جي تسليم ٿيل شرح جي بنياد تي | رٿا ذريعي غير سرڪاري تنظيمن پاران آبادڪاري جي ٻي مدد فراهم ڪئي ويندي. جنهن ۾ لڏپلاڻ ۽ نئين سر اڏاوت کان علاوه مدد وارو عمل شامل آهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ڪيو ويندو آهي. ته جيئن نئين سرآبادڪاري جي جاءِ تي يا ڪنهن ٻي جاءِ تي رهائشي ڍانچي جي نئين سر اڏاوت ڪري سگهجي. شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن لاءِ (في خاندان)، رهائش لاءِ اڏاوت جوانتظام- رقم 540 مربع فٽ جي اڏاوت لاءِ تعمير ۽ ڪم جي شرح جي برابر فراهم ڪري سگهجي ٿو.<br>(iii) عورتون، گهرن جي سربراهي ڪندڙ عورتون، معذور، بزرگ ۽ انتهائي غريب (جيڪي غربت جي لڪير جي هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن) لاءِ چار مهينن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي برابر هڪ ڀيرو ادائيگي جي خصوصي مدد جو عمل شامل آهي | |

**عملدرآمد جي سلسلي ۾ رهنما اصول/هدايتون:**

.1. آدمشماري/سروي دوران متاثر سمورن غير رسمي رهائشي ڍانچن تي مقرر تاريخون لاڳو ٿين ٿيون.

.2. متاثر ڍانچن جي مالڪن/ڪرائيداروغيره ڪي اثرن بابت ڄاڻ ڏني ويندي ۽ معاوضي جي قيمت/اگهن بابت آگاهي ڏني ويندي.

.3. خانگي ڪم جي گهرجن مطابق ڍانچي کي ختم ڪرڻ ۽ ان کي هٽائڻ کان اڳ ۾ معاوضو ادا ڪيو ويندو.

.4. تبديلي جي لاڳت، تعمير ۽ ڪم کي شرح جي بنياد تي، موجوده سامان جي خرچ، مزدوري وغيره تي غور ڪرڻ گهرجي. ڍانچي جي قسمن جي لحاظ سان چڪاس جي رپورٽ جنهن کي نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جي دستاويزم ۾ شامل ڪيو ويندو.

**.5. ڪاروباري ۽ شهري/صنعتي ڍانچي جو نقصان (زمين جي عنوان سان گڏ)**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| 51. رٿائن سبب ڪاروباري، شهري/صنعتي ڍانچي جونقصان | رٿائن سبب ڪاروباري، شهري/صنعتي ڍانچي جو نقصان | (i) پڪي ۽ نيم پڪي ڍانچن لاءِ: اڏاوت جي قسم جي لحاظ سبب متاثر ڍانچن لاءِ متبادل لاڳت مطابق نقد معاوضو ۽ ٻين مقرر اضافي جي خرچن کان علاوه منتقلي جي گرانٽ (ii) مالڪن کي قابلِ بچت مفت ۾ فراهمي کي اجازت هوندي. (ii) ڪچن ۽ عارضي ڍانچن لاءِ: منتقلي ۽ نئين سر اڏاوت جي گرانٽ کي اڏاوت ۽ ڪم جي منظور ٿيل شرح کي بنياد تي ڪيو وڃي ٿو. جيڪو نئين سرآبادڪاري جي هنڌ يا ڪنهن ٻي جاءِ تي پاڻمرادي لڏپلاڻ ڪرڻ | رٿائن تحت مالڪن کي لڏپلاڻ، نئين سر اڏاوت ۽ لاءِ متبادل جاءِ تلاش ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي ويندي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | جي آپشن جي بنياد تي ڊانچي جي نئين سر اڏاوت لاءِ آهي. | |
| **.52 ڪرائيدارن/ رهائش ڪندڙن پاران ڪرائي جي جاءِ يا رهائش جو نقصان** | ڪرائيدار ۽ ٻين ڪرائيداري معاهدي موجب | متاثر ڪرائيدارن کي ڪرائيداري جي باقي مدي ۽ يا ڇهه مهينن جو يا جيڪو وڌ کان وڌ هوندو، ان جي تناسب سان قيمت جي بنياد تي نقد معاوضو ڏنو ويندو. | |
| عملدرآمد **جي سلسلي ۾ رهنما هدايتون/اصول:**<br>.1 مقرر تاريخون متاثر علائقي ۾ واقع سمورن ڍانچن تي لاڳو ٿينديون.<br>.2 متاثر ڍانچن جي مالڪن/ڪرائيداروغيره کي اثرن بابت ڄاڻ ڏني ويندي ۽ معاوضي جي قيمت/اگهن وغيره جي حوالي سان پڻ آگاهي ڏني ويندي.<br>3. خانگي ڪمن جوگهرجن مطابق ڍانچي کي ختم ڪرڻ ۽ هٽائڻ کان اڳ معاوضو ادا ڪيو ويندو. | | | |
| **.6. بنا عنوان ڪاروبار لاءِ ڪاروباري/شهري جاءِ جو نقصان** | | | |
| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
| .61 بنا عنوان جي ڪاروباري/شهري جاءِ جو نقصان (مثال طور ،دڪانون، اسٽال وغيره)- عارضي يا مستقل بنهي صورتن ۾ | ڍانچي/ڪاروبار جي مالڪن کي آدمشماري/سروي جي حتمي تاريخن جي دوران نشاندهي ڪئي ويندي. | ڪاروباري مالڪن لاءِ:<br>(i) هڪ سال جي آمدني جي برابر نقد معاوضو، نقصان مستقل هجڻ سان مشروط.<br>(ii) عارضي نقصان جي صورت ۾ نقد رقم جي فراهمي | معاش جو ذريعو/ تربيتي پروگرام سميت ٻين فائدن لاءِ اهل |
| 62 روزگار/ملازمت جونقصان | مقرر تاريخن دوران آدمشماري/سروي جي تحت متاثر ڪاروباري ڪارڪنن /ملازمن | ڪارڪنن/ملازمن لاءِ، مقامي اجرت جي شرح جي بنياد تي، 3 مهينن جي عرصي تائين | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | جي نشاندهي ڪئي وئي آهي | معاوضو يا ٽيل نقصان جو تحفظ | |
| ڪارڪنن/ملازمن لاءِ مقامي اجرت جي شرح جي بنياد تي، 3 مهينن جي عرصي تائين معاوضو يا تباهه ٿيل جي بدلي اجرت ذريعي تحفظ جي فراهمي | مقرر تاريخن جي دوران آدمشماري/سروي دوران نشاندهي ڪيل مالڪ | (i) چرپر جي قابل ڍانچي جي متاثر ٿيڻ جو امڪان ناهي، جڏهن ته متاثرٿيڻ تي، نقصان مطابق نقد معاوضي لاءِ ان ڪي نوعيت جي حساب سان سمجهيو ويندو.<br>(ii) هر متاثر اسٽريٽ وينبر ڪي مڪاني ادارن ادارن/انتظاميه ذريعه مقرر ڪيل علائقي ۾ اجرت جي شرح مطابق ٽن مهينن تائين (يا خانگي ڪم جو عرصو، جيڪو به وڌ کان واڌ هوندو، ان لاءِ ڪاروبار جي نقصان جي تلافي ڪئي ويندي.<br>(iii) ڪنهن به اضافي نقصان جي نشاندهي ڪئي ويندي جنهن ڪي هر صورت ۾ حل ڪيو ويندو. | |

عملدرآمد **بابت رهنمااصول/هدايتون:**

1. مقررتاريخون آدمشماري/سروي دوران متاثر علائقي ۾ نشاندهي ڪيل هر قسم جي غير رسمي ڪاروبارن تي لاڳو ٿينديون.

2. تڪرارن جي صورت ۾، مقامي شڪايت جي ازالي لاءِ ڪي ڪميٽي (GRC) معاوضي ۽ ٻين فائدن لاءِ اهليت جي تصديق ڪندي ۽ ڪاٿو لڳايو ويندو.

3. ڪم جي شيڊول مطابق، خانگي ڪم جي عرصي دوران معاوضو ادا ڪيو ويندو.

4. رٽائن تحت غير سرڪاري تنظيم /فيلڊ عملي جي مدد سان معاوضو ۽ آبادڪاري جا ٻيا فائدا فراهم ڪيا ويندا.

**7. گڏيل ملڪيتن جي وسيلن جو نقصان**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| گڏيل ملڪيتن جي وسيلن جو نقصان جيئن پمپ، کوهه، تلاءُ، ڳوٺ جي مال جي کاڌ خوراڪ/ جي زمين، ان اسڪول/مذهبي ڍانچو جيڪو برادرين پاران گڏيل طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. | مقامي ڪميٽي/قانوني مالڪن يا روينيو انتظاميه ذريعه قانوني طور تسليم **ٿيل** ادارو | (i) اڏاوتي قسم جي لحاظ سان زمين ۽ ڍانچي جي بدلي قيمت تي نقد معاوضو، ۽ ٻيا طئي ٿيل اثاثا بنا ڪنهن اضافي خرچن وارا، منتقل جي گرانٽ واري عمل ۾ شامل آهن.<br>(ii) حفاظت جي قابل مواد جي مفت اجازت هوندي. | رٽا-غير سرڪاري تنظيم پاران نئين لڏپلاڻ ۽ نئين سراڏاوت لاءِ لاڳاپيل ڪميٽي سان گڏوگڏ مشورا ۽ اجلاس منعقد ڪيا ويندا. |

عملدرآمد **بابت رهنما هدايتون/اصول:**

1. مقررتاريخون رستي جي حق ۽ گڏيل استعمال ۾ ايندڙ سمورين ملڪيتن تي لاڳو ٿينديون
2. رٽا: غير سرڪاري تنظيم پاران لاڳاپيل برادرين سان گڏوگڏ لڏپلاڻ جي هنڌ ۽ چونڊ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي.
3. خانگي ڪمن جي گهرجن مطابق ڍانچي کي ختم ڪرڻ ۽ هٽائڻ کان اڳ گڏيل ملڪيتن جي وسيلن جي نقصان جو معاوضو ادا ڪيو ويندو.
4. لاڳاپيل برادري رٽائن ۽ مقامي انتظاميه جي مدد ۽ نگراني سان گڏوگڏ گڏيل ملڪيتن جي نئين سراڏاوت جي ذميوار هوندي.

**8. فصلن ۽ وڻن جو نقصان.**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|

| | | | |
|---|---|---|---|
| 81 متاثر هنڌن تي بيٺل فصلن جو نقصان | رٿائن سبب متاثر ماڻهو (جن ۾ گذرسفر ڪندڙ شامل آهن) سرڪاري زمين تي بيٺل فصلن جا مالڪ آهن. | (i)رٿائن جي سرگرميون سبب متاثر ٿيندڙ رسمي فصل جو معاوضو فصل ڪي ڪٽائي جي هڪ موسم (سردين يا گرمين) لاءِ پوري مارڪيٽ جي اگهه جي بنياد تي نقد رقم ڪي صورت ۾ ڏنو ويندو. (ii) فصل جي ٻين سمورن قسمن جي نقصانن جي تلافي اصل نقصانن جي بنياد تي مارڪيٽ اگهه تي ڪئي ويندي. | |
| 82 وڻن جو نقصان | رٿائن سبب متاثر ماڻهو(جن ۾ گذر سفر ڪندڙ شامل آهن) سرڪاري زمين تي وڻن جا مالڪ آهن. | (i)ميون جي وڻن لاءِ برابر پيداوار جي وڻن ڪي ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ گهربل سموري عرصي لاءِ نقصان ٿيل پيداوار تي ٻڌل معاوضو. (ii)ڪاٺ/ڪاٺي يا ڪاٺين جي وڻن لاءِ، معاوضو وڻن جي ڪاٺي جي سامان ڪي مارڪيٽ ۾ موجود قيمت تي فراهم ڪيو ويندو. | |

عملدرآمد **جي سلسلي ۾ رهنما هدايتون/اصول:**

1. مقررتاريخون متاثر علائقي ۾ هر قسم جي وڻن ۽ فصلن تي لاڳو ٿينديون.
2. ميوو ڏيندڙ وڻن لاءِ جيڪي اجا وڏا ناهن ٿيا ۽ ميوو نٿا ڏين، معاوضو ان مجموعي خرچن تي

پڌل هوندو جيڪو وڻ کي انهي عمر ۾ ڀيهر پيدا ڪرڻ لاءِ گهربل هوندو جنهن کي ڪاٽيو ويو هو.

3. ڪاٺ جي واڌن جو قدر ان جي سکيل ڪاٺي جي حجم جي مارڪيٽ ۾ موجود قيمت جي بنياد تي ڪيو ويندو، ڪريل وڻ جي ڪاٺي مالڪ جي پنهنجي هوندي ۽ ان جي معاوضي جي قيمت تي فرق نه پوندو.

**9. آمدنيءَ روزگار جي ذريعي جو نقصان**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جو نقصان | آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جو نقصان | (i) زميني ۽ غير زمين تي پڌل روزگار لاءِ آمدني جي بحالي طرف لڏپلاڻ جي گهٽ ۾ گهٽ سرڪاري اجرت جي بنياد تي 3 کان 6 مهينن تائين روزگار جي ذريعي جي مدد ۾ فراهمي.<br>(ii) رٿائن جي اڏاوت ۽ آپريشن دوران عارضي يا مستقل ملازمت جنهن سبب لڏپلاڻ تي. | |

عملدرآمد **جي سلسلي ۾ رهنما هدايتون/اصول:**

1. سمورن متاثر ماڻهن (جنهن ۾ عورتون ۽ ٻيا ڪمزور طبقا شامل آهن) تي لاڳو آهي. جن کي آمدني ۽ روزگار جي ذريعن جي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو.
2. معاشي سرگرمين جي انگن اکرن جو تجزيو جنس عمر جي لحاظ، تعليم، مهارت، آمدني گهريلو سائز ۽ اوليتي بنيادن ۽ اختيارن جي لحاظ سان ڪرڻ گهرجي.
3. نئين سرآبادڪاري کي رٿابندي جي دستاويز کي ڪيترن ئي آمدني جي بحالي جي پروگرامن لاءِ تجويز ڪيل شقن سان گڏوگڏ واضح طور تي اثرن جي ماپ تور جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي، جيئن شديد، معمولي اثر وغيره شامل ناهي.
4. هڪ الڳ غير سرڪاري تنظيم جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون، جيڪي آمدني جي بحالي ۽ ان ۾ واڌاري بابت پروگرام کي ترتيب ڏيندي لاڳو ڪري سگهجي.

**10. ڪمزور طبقن جي مدد**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | سهائتا/فائدا) | |
| **ڪمزوري جو اثر ۽ مدد** | سماجي طور تي پٺتي پيل طبقا جيئن (جيڪي محدود ناهن) غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاريندڙ گهراڻا، عورتن جي سربراهي ۾ هلندڙ گهراڻا، بزرگ، معذور ماڻهو، بي زمين زرعي مزدور، ڪرائيداري جي معاهدي ڪانسواءِ بنا زرعي ڪرائيدار ۽ انتهائي غريب شامل آهن. | (i) مقامي معيار ۽ ٽن مهينن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجوري جي برابر هڪ پيرو ادائيگي ذريعي روزگار جي مد ۾ امدد جي فراهمي.<br>(ii) اڏاوتي سرگرمين ۾ عارضي يا مستقل ملازمت جتي ممڪن هجي.<br>(iii) لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري دوران ڪنهن **به** اضافي سهڪار جا انتظام | روزگار جو ذريعو/ تربيتي پروگرام سميت ٻين فائدن لاءِ اهل |

عملدرآمد **جي سلسلي ۾ رهنما هدايتون/اصول:**

1. رٽا سمورن متاثر فردن تي لاڳو ٿئي ٿي، خاص طور تي عورتن ۽ ٻين ڪمزور طبقن جهڙوڪ، جيڪي پنهنجي متاثر ٿيڻ کان اڳ جي سماجي ۽ معاشي حيثيت سبب شديد اثرن کي منهن ڏئي سگهن ٿا.
2. نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي ذريعي رٿائن جي هدفن ۽ مقصد کي نظر ۾ رکندي ڪمزوري جي تصور کي ڏيک جامع اندازِ بهتر بڻائڻ گهرجي.
3. ڪمزور طبقن سان گڏوگڏ صلاح مشوري جي عمل ذريعي، اها رٿا لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري کان اڳ ۾ ڪمزور طبقن لاءِ سماجي تياري جي حڪمت عملي واضح ڪئي ويندي.

**11. غير متوقع منفي اثر ۽ نقصان**

| نقصان جو قسم | حقدار | حق (ملندڙ سهائتا/فائدا) | اضافي خدمتون |
|---|---|---|---|
| رٿائون لاڳو ڪرڻ دوران ڪنهن غير متوقع اثر سبب متاثر ٿيندڙ گهراڻا /فرد | حقداري هجڻ جي نشاندهي نئين سرآبادڪاري و بحالي جي پاليسي فريم ورڪ کي نظر ۾ | غير متوقع اثرن جي نشاندهي آدمشماري ۽ سروي ذريعي ڪئي ويندي. رٿائن تحت عملدرآمد ڪندڙ | جيڪو مناسب هجي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | رکندي ڪئي ويندي. | تنظيم ذريعي حقدار هجڻ يا نه هجڻ بابت جائزو ورتو ويندو ۽ لاڳاپيل کاتي/ايجنسي کان منظوري ڏني ويندي. | |
| عملدرآمد **بابت رهنما هدايتون /اصول:**<br>1. **غير متوقع اثرن ۽ متاثر فردن جي نشاندهي پاليسي فريم ورڪ مطابق مناسب سارسنڀال ذريعي ڪئي ويندي ۽ جائزو ۽ منظوري لاءِ رٿائن تي عملدرآمد ڪندڙ تنظيم وٽ جمع ڪرائي ويندي، جنهن ۾ نقصان جي نوعيت، ملڪيت ۽ تجويز ڪيل حقداري وارا پهلو شامل آهن.** | | | |

25. **عام رهنمائي لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جي فريم ورڪ مان اخذ ڪيل حقدارن جو تفصيل پهرين چارٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان جي اثرن جي نوعيت کي گهٽائڻ لاءِ گهربل قدمن جي بنياد تي انفرادي رٿابندي جي تصورن ۽ گهرجن جي مطابق بڻائي سگهجي ٿو.**

## پنجون باب: ادارتي ذميواريون (Institutional Responsibilities)

رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي (Planning &Development Department-P&DD) پاران انهيءَ پاليسي کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو ويندو ۽ اهڙي پاليسي جي نگهباني جو ڪردار پڻ ادا ڪندو. ڇاڪاڻ ته ان جو سموري صوبي ۾ منصوبن جي رٿابندي ۽ ترقي جي سمورين رٿائن جي بنياد تي ڪنيل قدمن بابت هر طرح سان خصوصي ڪردار رهيو آهي، جنهن جو دارومدار صوبائي رٿائن جي قسمن ۽ دائري تي ٻڌل آهي. (مثال طور، ترقياتي رٿائن، حددخلين جي خاتمي واري مهم جي متاثرن جي نئين سرآبادڪاري، آفتن سان لاڳاپيل لڏپلاڻ جي عمل ۾ ( رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي سان گڏوگڏ ٻين کاتن جنهن ۾ بورڊ آف روينيو، ضلعي انتظاميه، مڪاني ادارا وغيره شامل آهن جن کي رٿابندي ۽ ترقي وري کاتي سان ملي ڪري گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي. حددخلين جي خاتمي واري مهم سبب لڏپلاڻ جي صورت ۾، رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي پاران لاڳاپيل کاتن کي شامل ڪيو ويندو جنهن جي زمين تي نئين سرآبادڪاري کي دعويٰ ڪئي پئي وڃي.

**نوٽ:** ان باب جي حوالي سان سنڌ سرڪار کي اهم ادارن سان ڳالھ ٻولھ ذريعي حتمي شڪل ڏيڻ جي ضرورت آهي.

51 **نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پالسي بابت صلاح مشورا ۽ سهڪاري عمل (R&R Advising and Coordination)**

32. سنڌ سرڪار جو رٿابندي ۽ ترقي واروکاتو (PLANNING & DEVELOPMENT DEPARTMENT-P&DD) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي (R&R) جي پاليسي جو نگران هوندو ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ، نظرثاني، رٿابندي ۽ نگراني جي حوالي سان رابطن ۽ صلاح مشوري لاءِ صوبائي سطح تي مرڪزي ڪردار ادا ڪندو.

33. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جو يونٽ قائم ڪيو ويندو، جنهن جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مک جي حيثيت سان(ٻه يا ٻن کان وڌيڪ اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ سهڪاري عملي تي ٻڌل) ٽيم خدمتون سرانجام ڏيندي. جڏهن ته رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي پاران هر طرح جي منصوبن (جهڙوڪ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سرگرمين) جي سلسلي ۾ مختلف ذيلي شعبن مخلتف کاتن/ايجنسين سان صلاح مشوري فني مدد ۽ رابطي جو عمل سرانجام ڏنو ويندو.

انهن رٿائن ۾ اهڙا منصوبا پڻ شامل آهن جيڪي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سرگرمين تي ٻڌل آهن.

34. رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي ۾ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي يونٽ جي نگراني جو عمل ڊائريڪٽر پاران سرانجام ڏنو ويندو ۽ پاليسي کي لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي پوئيواري لاءِ انتظامي تعاون فراهم ڪيو ويندو. جڏهن ته ڄاڻايل پاليسي جي رٿابندي ۽ عملدرآمد بابت بنيادي سرگرميون لاڳاپيل رٿائن سان جڙيل رهنديون.

5.2 **شهري رٿائن لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي (R&R for Urban Projects)**

35. شهري رٿا هجڻ جي صورت ۾، مڪاني حڪومتن جون ايجنسيون/ ٽائون انتظاميه ۽ مڪاني عملدار نقصانن، ملڪيت ۽ حقدارن جي چڪاس ۽ سندن ڪاٿو لڳائڻ واري عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا، خاص ڪري بنا عنوان جهڙن گهٽين جي دڪاندارن هاڪرن ۽ ننڍي سطح جا ڪاروباري فرد يا ادارا شامل آهن.

36. شهرن جي گهٽين جي دڪاندارن ۽ غير رسمي دڪانن تي خاص طور ڌيان ڏنو ويندو ته جيئن غير رسمي معيشت کي رٿا جي مدد ذريعي هٽي ونرائي سگهجي. جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ يا خلل پيدا نه ٿئي. جتي ضرورت هجي متاثر دڪاندارن ۽ ڪاروبارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي صلاح مشوري سان موبائل ڪارٽس کي منتقل ۽ ٻيهر ترتيب ڏئي سگهجي.

5.3 **آفتن سبب بي گهر ٿيل ماڻهن/برادرين لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جو عمل (*R&R for Disasters' Displacees*)**

37. قدرتي آفتن جهڙوڪ ٻوڏن يا زلزلن سبب بي گهر ٿيندڙن لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جو استعمال نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (National Disaster Management Authority-NDMA) پاران بحالي جي رهنما هدايتن يا اصولن مطابق سرانجام ڏنو ويندو ته جيئن جٽادار بنيادن تي نئين سرآبادڪاري لاءِ بهتر مدد ۽ خدمتن سان گڏوگڏ تياري ۽ صلاحيت ۾ واڌارو ۽ خطرن ۾ گهٽتائي واري عمل کي يقيني بڻائي سگهجي. اهڙي ريت معذوري جي اثرن جي چڪاس (Disability Impact Assessment-DIA) تي پڻ غور ڪرڻ گهرجي.

38. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جو سيڪشن چاٽايل پاليسي کي لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي پوئيواري جي سلسلي ۾ عملدرآمد جي نگراني ۽ انتظامي سهڪار فراهم ڪندو. جڏهن ته نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ رٿابندي جو عمل، لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي پوئيواري سان لاڳاپيل بنيادي سرگرمي جو عمل لاڳاپيل انتظامي ڪاتن ۽ رٿائن جي آفيسن سان ملي ڪري گڏيل طور نبيريو ويندو.

39. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سيڪشن پاران چاڻ ۽ انگن اکرن تي ٻڌل هڪ جديد سرشتو (Management Information System-MIS) قائم ڪيو ويندو ته جيئن پاليسي جي رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. اهڙي ريت جديد چاڻ واري سرشتي کي لاڳاپيل ڪاتن ۽ رٿائن جي سربراه (Project Directors)پاران نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿائن کي لاڳو ڪرڻ دروان ڪتب آندو ويندو.

## ڇهون باب: رٿابندي جا اهم تصور ۽ طريقيڪار(Key Planning Concepts and Processes)

### 6.1 تعارف (*Introduction*)

39. انهيءَ باب ۾ رٿابندي جي تصورن خاص طور رٿابندي سبب لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري واري عمل ڪي غور هيٺ آندو ويو آهي. جڏهن ته اهم تصورن ۽ عمل جو دارومدار گهٽي حد تائين ھڪ قسم جي لڏپلاڻ جي معاملي ۾ ملندڙ جلندڙ هوندا، جنهن جو جائزو نئين سرآبادڪاري جي مقصدن تحت ورتو ويو آهي.

### 6.2 رٿابندي جا قسم ۽ اثر (*Project Types and Impacts*)

40 رٿابندي جي نئين سرآبادڪاري جا اثر هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن. رستن، وڏي شاهراهن، هوائي اڏن، ساموندي بندرگاهن، بجلي ۽ توانائي، پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي سترائي، گندگي ۽ ڪچرو ڪٽڻ شهري ترقي، صحت تعليم، آبپاشي، ٻوڏ کي ضابطي هيٺ رکڻ جي عمل، کاڻن، جهنگن، تفريحي ماڳن (پارڪس) ۽ ماحولياتي تحفظ جي مخلتف قسم جي رٿابندي جا اثر به مختلف ٿين ٿا.

41. عام طور، متاثر گهراڻن ۽ برادرين جي نئين سرآبادڪاري لاءِ صحت مرڪزن/ننڍن اسپتالن لاءِ تمام ٿورن اثرن تي ٻڌل زمين جي ننڍي پلاٽن جي ضرورت پوندي آهي، جڏهن ته رستن ريلوي، توانائي جي لائينن، واهن، گندي پاڻي جي نيڪالي ۽ شهري ترقي لاءِ گهربل ڪشادي صف بندي جي گهرج پوي ٿي، اهڙا عمل ان جي نئين سر بحالي جي سلسلي ۾ اهم ۽ نمايان اثر ڇڏين ٿا.

42. پاڻي جي فراهمي آبپاشي ۽ بجلي جي پيداوارا جا ذخيرا وسيع **پئماني** تي ۽ اڪثر شديد خلل پيدا ڪري سگهن ٿا. مجموعي طور اڪثر رٿابندين جي قسمن ۾ وڏي يا ننڍي پئماني تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري کي موثر بڻائڻ جي صلاحيت هوندي آهي.

### 6.3 رٿابندي لاءِ علائقي جي اجازت ۽ ابتدائي سماجي چڪاس (Declaration of Project Area and ISA)

43. جڏهن ڪنهن رٿانبدي لاءِ علائقي جي امڪاني ايراضي جي حاصلات يا غير ارادي طور نئين سرآبادڪاري جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي ته مناسب مجاز اختياري پاران سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي متاثر علائقن جي نشاندهي سان گڏوگڏ منصوبي جي علائقي يا هنڌ جو اعلان ڪيو ويندو. پڌرنامو گهٽ ۾ گهٽ ٽن روزاني جي اخبارن ۾ شايع ڪيو ويندو جن

مان 2 مقامي زبان ۾ هونديون، جن جي رٿا واري علائقي ۾ سڀني انگ ۾ اپياس ڪندڙ هوندا.

44. نوٽيفڪيشن جو هڪ نقل لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس، ميئر يا مقامي آفيس ۾ رٿابندي جي علائقي ۾ ٻين لاڳاپيل نمايان هنڌن تي موجود هئڻ گهرجي.

45. هر تجويز ڪيل رٿابندي لاءِ هڪ ابتدائي سماجي چڪاس (Initial Social Assessment-ISA) ڪئي ويندي ته جيئن متاثر گهراڻن ۾ طبقن جي نشاندهي ڪندي اثرن جي دائري جي نشاندهي ڪري سگهجي. اهو عمل نئين سرآبادڪاري جي هدفن ۾ امڪاني طور آفتن جي اثرن کي گهٽتائڻ جي قدمن تي عملدرآمد لاءِ ضروري آهي. ابتدائي سماجي چڪاس (Initial Social Assessment-ISA) جو عمل تفصيلي آدمشماري/ سروي ۾ نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي ۾ نئين سرآبادڪاري جي بحالي جي پيڪيج جي اهليت لاءِ جدا جدا تاريخ لاءِ گهربل آهي.

46. ابتدائي سماجي چڪاس (Initial Social Assessment-ISA) تحت اهم سماجي وسعتن جي پڻ نشاندهي ڪئي ويندي. مثال طور (رڳو ايستائين محدود ناهي)، سماجي طور پٺتي پيل طبقا نسلي/مذهبي اقليتي ذاتيون، غريب (غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاريندڙ)، صنفي مسئلا ۾ ڪمزور طبقا شامل آهن. انهن سڀني تي اهڙي رٿا تحت ڌيان ڏيڻ گهرجي.

47. جڏهن آبادي جي لڏپلاڻ اٽڪر هجي ته، مناسب معاوضي سان گڏ سمورن سماجي ۾ آبادڪاري جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نئين سرآبادڪاري جي پيڪجن ۾ طئي ڪيل وقت تي ٻڌل قدم، بجيٽ ۾ عملدرآمد ۾ نگراني جي انتظامن تي مشتمل نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي (Resettlement Action Plan-RAP) ترتيب ڏني ويندي.

### 6.3 نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي تي عملدرآمد واري مختصر ۾ مڪمل حڪمت عملي (Short and Full Resettlement Action Plan-RAP)

**48.** نئين سرآبادڪاري ۾ بحالي واري پاليسي ۾ شامل فردن جي انگ يا اثر جي شدت باوجود اها پاليسي نئين سرآبادڪاري جي هر قسم تي اثرن تي لاڳو ٿئي ٿي، جيڪڏهن اثر محدود يا غير اهم آهن، مثال طور 50 کان گهٽ گهراڻن (۾ يا 200 ماڻهن) کي زمين، جاءِ، آمدني ۾ روزگار جي ذريعن جي تباهي جي صورت ۾ نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، ان ڏس

۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي بناعنوان وارا آهن. تن لاءِ هڪ مختصرنئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد واري حڪمت عملي (Short Resettlement Action Plan-RAP) ترتيب ڏني ويندي، جنهن ۾ متاثر ماڻهن جي صلاح مشوري سان سندن اثاثن، آمدني ۽ روزگار جي ذريعن عيوض قيمت تي معاوضي جي فراهمي ۽ ٻين جيڪڏهن ڪي خاص قدم کڻڻ جي ضرورت هجي ته اهڙا قدم کنيا وڃن ته جيئن انهي عمل کي يقيني بڻائي سگهجي ته متاثر ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ رٿابندي کان اڳ جي پنهنجي حيثيت ٻيهر حاصل ڪري سگهن يا رٿا جي مدي جي پڇاڙي ڪانپوءِ پنهنجي سماجي ۽ معاشي حالت کي سڌاري سگهن.

49. رٿا موجب "اهم" يا شديد رٿابندي جي اثرن جي صورت ۾ نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد جي مڪمل حڪمت عملي (Full Resettlement Action Plan-RAP) ترتيب ڏني ويندي. يعني اها حڪمت عملي ان صورت ۾ ترتيب ڏني ويندي جيڪڏهن 50 کان وڌيڪ گهراڻا يا برادريون پيداواري ۽ ٻين اثاثن کان محروم ٿي رهيا آهن يا جسماني ۽ معاشي ٻنهي صورتن جي لڏپلاڻ لاءِ اثاثن جي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ خاص طور تي جيڪڏهن رٿابندي جي قدمن ۾ ڪمزور طبقا ۽ اهي ماڻهو شامل آهن جيڪي بنا عنوان يا غير رسمي آبادڪاري ۽ سندن بحالي لاءِ تمام گهڻا ضروري قدم کڻڻ وارو عمل شامل آهي. اهو عمل متاثر ماڻهن/گروپن ۽ ميزبان آبادين جي شموليت سان گڏوگڏ نئين سرآبادڪاري جي ماڻن جي ترقي، مدد ۽ خدمتن جي پهلوئن تي ٻڌل آهي.

52. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي (Resettlement Action Plan-RAP) جي مختصر ۽ مڪمل ٻنهي صورتن ۾ رٿابندي تحت وراثت جو ڪو به مسئلو آهي ته ان مسئلي کي حل ڪيو ويندو. جيئن رٿابندي جي پاليسي تحت کنيل قدم ۽ حددخلين ۾ گهٽتائي آڻڻ جي سلسلي ۾ مناسب پاليسي سان گڏ رٿابندي جي تصور جي منظوري ڪانپوءِ متاثر علائقن ۾ حددخلين جي خاتمي واري مهم منعقد ڪئي ويندي. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي ذريعي وراثتي مسئلن کي پڻ نبيريو ويندو.

## 6.4 لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا (*Stakeholders Consultation*)

5.3 ابتدائي سماجي چڪاس ذريعي لاڳاپيل ڌرين جي نشاندهي ڪئي ويندي. لاڳاپيل ڌرين جي صلاح مشوري جو عمل برادرين جي گڏجاڻين، ترجيح جي بنيادن تي ٻڌل ٽولن جي صورت ۾ **ڳالھ ٻولھ** ( FOCUS GROUP DISSCUSSION-FGDS) ۽ اهم جاڻ رکندڙن سان سندن خيالن ۽ سفارشن لاءِ انٽرويوز وٺڻ واري عمل تي ٻڌل آهي. ترجيح جي بنيادن تي ٻڌل ٽولن جي صورت ۾ **ڳالھ ٻولھ** (FGDS) جي صورت ۾ خاص ور تي متاثر ماڻهن سان مشورا ڪيا ويندا ته جيئن معاوضي ۽ بحالي جي قدمن جي سلسلي ۾ سندن گهرجن ۽ ترجيحن جي نشاندهي ڪندي ان کي نظر ۾ رکيو وڃي.

.54 ان ڏس ۾ متاثر ماڻهن (جنهن ۾ بي گهر ماڻهن سميت) کي آدمشماري جي نتيجن ۽ اثرن جي چڪاس بابت مڪمل طور آگاهي ڏني ويندي. معاوضي ۽ آبادڪاري جي ٻي امداد لاءِ سندن اوليتن تي مناسب غور ڪيو ويندو. بي گهر ماڻهن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي سرگرم شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ طريقيڪار ۽ ان نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري مختصر ۽ مڪمل حڪمت عملي ( Resettlement Action Plan-RAP) ۾ تفصيل سان ٻڌايو ويندو، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن جي فهرست، هنڌ، تاريخ ۽ صلاح مشوري واري گڏجاڻي جا تفصيل شامل آهن.

## 6.5 ادارتي قيام، غير سرڪاري تنظيمون ۽ شڪايتن جو ازالو (*Institutional Set Up, NGOs and Grievance Redress*)

.55 رٿابندي جي سح تي ادارتي قيام کي نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي ۽ انتظامن لاءِ ابتدائي اپياس دوران عمل ۾ آندو ويندو ۽ رٿابندي جي سطح ۽ سرزمين جي بنيادن تي پنهي صورتن ۾، رٿابندي جي گهرجن جي بنياد تي ادارتي انتظامن کي عملي شڪل ڏني ويندي. هدفن جي سلسلي ۾ لاڳاپيل ايجنسن وچ ۾ ڪاتي جي بنياد تي هم آهنگي جو عمل شامل آهي. مثال طور زمين لينڊ روينيو ڪاتو( Land Revenue Department)، مڪاني انتظاميه (local administration) ۽ مختلف ايجنسيون جيڪي اثاثن جو ڪاتو لڳائڻ ۽ معاوضي جي ادائيگي، لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جي سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون.

.56 جيڪڏهن نئين سرآبادڪاري جو دائرو وسيع آهي ته رٿابندي جي بنياد تي هڪ نئين سرآبادڪاري لاءِ الڳ يونٽ (Resettlement Unit-RU) قائم ڪيو ويندو، جنهن جي سربراهي گهٽ ۾ گهٽ قابليت 19 گريڊ کان گهٽ درجو رکندڙ آفيسر هجي يا ڊائريڪٽر جي برابر هجي، تنهن کي عملو ۽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي انتظامن جي سلسلي ۾ بجيٽ تي مڪمل انتظامي ۽ مالي اختيار حاصل هئڻ لازمي آهي. ڊائريڪٽر کي فني/انتظامي عملو ۽ نئين سرآبادڪاري جو تجربو رکندڙ ماهرن پنهي جي مدد حاصل هوندي.

.57 جيڪڏهن ضروري هجي ته، رٿابندي جي سلسلي ۾ غير سرڪاري تنظيمن (Non-Government Organizations-NGOs) کي آدمشماري/ سروي، نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي ۽ عملدرآمد ۾ مدد لاءِ شامل ڪري سگهجي ٿو. خاص طور متاثر ماڻهن يا برادرين جي شموليت جي عمل ۾ وڌارو آڻڻ، نئين سرآبادڪاري جي پيڪجن بابت مدد حاصل ڪرڻ، ميڙن ۽ چاڻ جي مٽا سٽا ۽ ڪنهن به مسئلي کان بچڻ ۽ آمدني جي پيداواري سرگرمين جي رٿابندي ۽ ان تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ مدد يا خدمتون حاصل ڪرڻ جو عمل شامل آهي. غيرسرڪاري تنظيمن جي چونڊ مقرر معيارن مطابق ۽ شفاف، ڪليل ۽ چٽاپيٽي جي عمل تحت ڪئي ويندي.

5.8 نئين سرآبادڪاري بابت تڪرارن ۽ شڪايتن جي حل لاءِ رٿابندي جي سطح تي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميٽيون قائم ڪيون ويندون. وڏن ۽ منجهيل رٿابندين جي سلسلي ۾ متاثر برادرين جي نمائندن جي شرڪت سان گڏوگڏ آبادڪاري جي فائدن جي سلسلي ۾ ڪنهن به تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ مقامي سطح تي شڪايتن تي ازالي لاءِ ڪميٽيون قائم ڪيون وينديون. زمين جي معاوضي جي مقصدن تحت زمين جي معاوضي ۽ ملڪيت جي مسئلن بابت ڪنهن به تڪرار کي عدالت جي رسمي طريقي ذريعي نبيريو ويندو.

## 6.6 وسيلا ۽ پيشوراڻي تربيت (*Resources and Capacity Building*)

.59 سنڌ حڪومت پاران نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پالسي جي اثرائتي عملدرآمد جي سلسلي ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ مناسب ادارتي تربيت فراهم ڪئي ويندي. اهو عمل ضروري وسيلن کي مختص ڪرڻ ۽ عملي جي تربيت ۽ ڪاتي جي بنياد تي تعارفي ۽ سماجي اپياس ۾ تربيت سان گڏ نئين عملي جي پرتي ۽ رٿابندي جي ڪارروائين ۾ نئين سرآبادڪاري جي پهلوئن کي حل ڪرڻ جي بنياد تي سرانجام ڏنو ويندو.

.60 نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي تحت ابتدائي مرحلي دوران نئين سرآبادڪاري جو عمل پاڪستان اندر ۽ ايشيا جي خطي ۾ موجود آبادڪاري جي ڪامياب رٿائن جو دورو ڪري

اپياس ڪندي تجربو حاصل ڪندو. ان ڪان علاوه مقامي تربيتي ادارن ذريعي مختصر مدتي بنيادن تي آبادڪاري جي انتظام بابت تربيت فراهم ڪرڻ واري عمل ذريعي پڻ انتظام ڪيا ويندا.

61. نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي جي خرچن جي تڪميل لاءِ پروجيڪٽ جي رٿابندي لاءِ بجيٽ ۾ ڪافي مالي وسيلا مختص ڪيا ويندا.

## 6.7 نگراني ۽ رپورٽنگ (*Monitoring and Reporting*)

62. رٿابندي جي سطح تي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ عملدرآمد جي نگراني لاڳاپيل ڪاتي جا پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ذريعي داخلي ۽ خارجي بنيادن تي ٽئين ڌر/اڻ ڌرئي نگراني جي ماهر/ايجنسي ذريعي ڪئي ويندي. ۽ اهڙي قسم جا انتظام ڪاتي پاران نگراني ۽ اندروني داخلا جي نگراني واري عمل لاءِ پنهنجي ادارتي طريقيڪار لاءِ ڪيا ويندا.

63. رٿابندي ۽ ترقي واري ڪاتي (Planning & Development Department-P&DD) ۾ قائم ٽينڊڙ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سيڪشن ۾ نئين سرآبادڪاري جي انتظامن جي سلسلي ۾ ٽينڊڙ اڳيرائي ۽ ڪارڪردگي جي ٽه ماهي نگراني ۽ تصديق لاءِ نگراني جون ٽيمون مقرر ڪيون وينديون.

64. نئين سرآبادڪاري جي پورٽ فوليو سان گڏ وڏن ۽ مونجهيل رٿابندين جي صورت ۾، لاڳاپيل ڪاتي يا پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پاران مقامي ماهرن جو پئنل (Panel of Experts-POE) مقرر ڪيو ويندو ته جيئن عملدرآمدر جي سلسلي ۾ ٽينڊڙ اڳيرائي جو جائزو وٺي سگهجي ۽ بحالي جي انتظامن ۽ ان جي معمولات ۾ معيار جي واڌاري لاءِ ماهراڻي بنيادن تي رهنمائي فراهم ڪري سگهجي.

## ٻيون حصو: اصطلاحن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت ڪتب آڻجي(HOW TO GUIDELINES)

ان جو اندروني حصو ”اصطلاحن کي ڪيئن/ڪهڙي ريت ڪتب آڻجي“ جنهن ۾ نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جي قدمن، تفصيلن ۽ عملدرآمد تي ٻڌل آهي. ڪتابچو مختلف اهم تصورن جي وصفن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ رٿابندي جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ قدمن جي وضاحت ڪئي وئي آهي ۽ نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني/چڪاس جي سلسلي ۾ رهنمائي ڏني وئي آهي. بهرحال اهي رهنما اصول يا قاعدا هر طرح سان متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ بي گهر ٿيندڙن (جنهن ۾ آفتن سان لاڳاپيل ۽ يا حددخلين جي خاتمي واري مهم جي صورت ۾ جبري بنيادن تي لڏپلاڻ جو عمل شامل آهي) متاثرن جي نئين سرآبادڪاري بابت لاڳاپيل رٿابندي جي قيام جي سلسلي ۾ مدد ملندي.

**ستون باب: اهم تصور ۽ باربار ورجائيندڙ سوال ۽ جواب** (Key Concepts and FAQs)

**متاثر علائقو** (Affected Area):: متاثر علائقي مان مراد اهڙو علائقو آهي جنهن کي انهيءَ پاليسي جي رٿابندي جي علائقي جي 6.2 ۾ بيان ڪيل پڌرنامي تحت لاڳاپيل حڪومت پاران متاثر قرار ڏنو ويو هجي.

**متاثر گهراڻو يا خاندان**(Affected household or family): (الف) اهو گهراڻو جنهن جي بنيادي رهائش گاهه يا ٻي ملڪيت يا روزگار جو ذريعو ڪنهن ڪارڻ سبب متاثر ٿيو هجي ۽ ڪين زمين جي بحالي جي سلسلي ۾ رٿابندي تحت زمين گهربل هجي. (ب) ڪو به مختلف پهلوئن جي سلسلي ۾ زمين/ملڪيت عارضي بنيادن تي ڪرائي تي رکندڙ خيمي ۾ وسندڙ ليز تي رکندڙ، ڪرائيدار يا ٻي جائداد جو مالڪ، جيڪو متاثر ٿلائقي ۾ ايراضي (آبادي ۾ پلاٽ يا ٻي جائيداد سميت) جي حاصلات جي ڪارڻ يا ٻي صورت ۾ اهڙي زمين يا ٻي جائيداد کان غير ارادي طور بي گهر ٿيو آهي يا (پ) ڪو به زمين کان محروم شخص، بنا عنوان وارا (گذارو ڪندڙ، غير رسمي آبادڪار)، ڪاريگر، ننڍا ننڍا واپاري يا پنهنجو روزگار ڪمائڻ وارو شخص جيڪو متاثر علائقي جي اعلان جي تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جي مدي کان مستقل طور ڪنهن واپار، ڪاروبار، پيشي يا هنر سان لاڳاپيل يا مصروف رهيو هجي ۽ جيڪو پنهنجو روزگار ڪمائڻ کان محروم ٿي ويو هجي يا مڪمل طور يا ڪافي حد تائين ان کان متاثر ٿيو هجي، يا جيڪو آمدني جي اهم ذريعي واپار، ڪاروبار يا پيشي سان لاڳاپيل ماڻهو جيڪي متاثر علائقي ۾ زمين جي حاصلات يا ڪنهن ٻي ڪارڻ سبب متاثر ٿيو هجي يا غير ارادي طور بي گهر ٿيو هجي.

**مناسب يا لاڳاپيل حڪومت** (Appropriate Government): مان مراد (الف) ايراضي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ صوبائي حڪومت يا لاڳاپيل مڪاني حڪومت آهي جنهن جو به اختياري دائرو هجي، (ب) وفاقي حڪومت يا ڪنهن اهڙي اداري جنهن جي به اختيار جي دائري ۾ هجي. (پ) وفاقي حڪومت يا ڪنهن ٻئي قانون موجب اداري جي اختيار جي دائري ۾ ايندڙ زمين جي سلسلي ۾ وفاقي حڪومت يا لاڳاپيل قانوني اداري کي صوبائي حڪومت ۽ اهڙي اداري وچ ۾ طئي ٿيل مفاهمت جي بنياد تي (پ) پاڪستان ۾ غربت جي لڪير (Below Poverty Line-BPL) جي هيٺ زندگي گذاريندڙ خاندان، غربت جي بنياد تي سرڪاري بنيادن تي غربت جي لڪير کان هيٺ وارن خاندانن جي نشاندهي.

**معاوضو**(Compensation): **معاوضي مان مراد نقد رقم يا اهڙي قسم جي ادائيگي آهي جنهن سان متاثر ماڻهن کي پنهنجي وڃائجي ويل يا نقصان پهتل اثاثن، وسيلن ۽ آمدني کي متبادل طور فراهم ڪري سگهجي جنهن جا اهي مستحق آهن.**

**حتمي/مقرر ڪيل تاريخ** (Cut-off-date): **حتمي/مقرر ڪيل تاريخ** (Cut-off-date) **مان مراداها تاريخ آهي جنهن ڪانپوءِ ماڻهن کي معاوضي لاءِ اهل نه سمجهيو ويندو. عام طور تي مستحق ماڻهن (پنهي عنوانن وارن ۽ بنا عنوانن وارن ) لاءِ حتمي مقررہ تاريخ ڪنلسٽنٽس جي ذريعي اثرن جي جائزي يا چڪاس لاءِ آدمشماري/سروي جي ابتدا کان ئي مقرر ڪئي ويندي آهي يا اهو طئي ڪيو ويندو آهي ته جيئن رٿابندي جي لاڳو ڪرڻ دوران ٻاهر جي ماڻهن جي آمد ۽ دوکو ڏيڻ جي دعوائن کان بچي سگهجي.**

**قبضو يا حددخليون قائم ڪندڙ(Encroacher): حددخليون قائم ڪندڙ مان مراد اهڙو شخص آهي جنهن سرڪاري زمين تي قبضو ڪيو آهي جنهن جو اهو مستحق ناهي پر حتمي تاريخ کان اڳ ۾ متاثر جائيداد ذريعي معاش حاصل ڪندو هو. (گذارو ڪندڙن جو به جائزو وٺو.**

**حقدار/مستحق (Entitlement): حقدار يا مستحق مان مراد معاوضو، روزگار جي ذريعي جي بحالي، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻ جي امداد، آمدني جو متبادل ۽ لڏپلاڻ جو عمل پڻ شامل آهي، جيڪو متاثر ماڻهن جي نقصان جي نوعيت تي ٻاڙي ٿو. جيئن مجاز اختياري پاران اطلاع ڏنو ويندو آهي.**

**واضح حدن (Eminent domain) مان مراد عوامي ڀلائي يا عوامي مقصد لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سرڪار پاران قانوني يا قاعدن تي ٻڌل اختيارن جو استعمال آهي.**

**ضبطگي/تحويل (Expropriation) مان مراد حڪومت پاران خودمختياري جي استعمال ۾ جائيداد جا حق حاصل ڪرڻ يا ان ۾ ترميم ڪرڻ جا قدم شامل آهن.**

**خاندان يا گهراڻو (Expropriation) مان مراد هيٺ ڄاڻايل قسمن مان ڪو به هجي، جنهن جو گڏيل چلهہ هجي. (I) جوهري خاندان، جنهن ۾ هڪ شخص، هڪ سندس زال ۽ نابالغ ٻار شامل آهن (II). گڏيل/وسيع خاندان، جنهن ۾ فرد، سندس زال، نابالغ پٽ، غيرشادي شده ڌيئرون نابالغ ڀاءُ، والد، والده ۽ هن سان گڏ رهڻ وارا يا پنهنجي روزگار جي سلسلي ۾ ساڻس ان تي ڀاڙيندڙ ٻيا رشتيدار اچي وڃن ٿا.**

قابض/رکندڙ (Holding) مان مراد ڪل زمين ڪنهن شخص وٽ قبضي جي حيثيت ۾ يا ڪرائي جي صورت ۾ يا ٻنهي صورتن ۾ رکڻ وارو آهي.

ميزبان آبادي (Host population) مان مراد ان علائقي جي آسپاس پاس رهندڙ ماڻهو، برادري يا مقامي ماڻهو آهن جتي رٿا جي سرگرمين جي نتيجي ۾ متاثر ماڻهن کي آباد ڪيو پيو وڃي.

آمدني/اپت جي بحالي (Income restoration) مان مراد آمدني يا اپت جي ذريعن ۽ متاثر ماڻهن جي روزگار جي ذريعن کي ٻيهر سگهارو بڻائڻ آهي.

غير رسمي آبادڪار(Informal Settler) : گذارو ڪندڙن (Squatter) جي وصفن جو جائزو وٺو.

بنا رضاڪاراڻي ۽ نئين سرآبادڪاري (Involuntary Resettlement) مان مراد رٿا جي قيام جي نتيجي ۾ ماڻهن جي جسماني يا معاشي لڏپلاڻ آهي جتي متاثر ماڻهن وٽ پنهنجي زندگي، آمدني ۽ اثاثن کي ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ ۽ نئين سر سان اڏاوت ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪو به چارو ناهي هوندو.

زمين حاصل ڪرڻ (Land acquisition) مان مراد زمين حاصل ڪرڻ جو قانون 1894ع تحت زمين حاصل ڪرڻ، جيئن ان ۾ وقت سان گڏ ترميم ڪئي وئي آهي، يا في الحال وفاقي حڪومت يا صوبائي سرڪار مان ڪنهن وٽ قانون تحت لاڳو ٿيل آهي.

وڏن ۽ مونجهاري وارن/وسيع پئمانن تي ٻڌل اثر(Large and Complex/High Impact Projects) رٿابنديون عام طور غير معمولي رٿابنديون هونديون آهن ۽ ان مان مراد هڪ کان وڌيڪ حصي وارن وڏن ڊانچن تي لاڳو ٿيل هوندا آهن. مثال طور هائيڊرو ڊيم، وڏا پل، هوائي اڏا، پاٽي جا وسيلا، ٻوڏ کي ضابطي ۾ رکڻ وارا، شاهراهن ۽ وڏن رستن تائين پهچ واري عمل کي ضابطي ۾ رکڻ جي رٿابندي سان گڏوگڏ وڏي تعداد ۾ بي گهر ٿيل گهراڻن جو انگ (1000 کان وڌيڪ) جنهن ۾ متاثر پاران هڪ ذڪر جوڳو انگ (جنهن ۾ عنوان ۽ بنا عنوان ٻئي شامل آهن) جي رٿابندي پڻ شامل آهي. اهڙن رٿائن ۾ رٿابندي تحت نئين سرآبادڪاري جي هنڌن ۾ خدمتن جو عمل ضروي آهي.

نوٽيفڪيشن (Notification)جو مطلب سنڌ جي گزيٽ ۾ شايع ٿيندڙ پڌرنامو آهي.

تجويز ڪيل (Prescribed) جو مطلب جيستائين ان کي ڪنهن ٻي صورت ۾ بيان نه ڪيو ويو هجي. صوبائي حڪومت پاران ان يا ان جي ڪنهن پاليسي تحت جاري ڪيل رهنما هدايتن/اصولن ذريعي تجويز ڪيو ويو هجي.

پروجيڪٽ/رٿا (Project) مان مراد هڪ ترقياتي رٿابندي آهي جنهن ۾ ماڻهن جي غير ارادي طور لڏپلاڻ جو عمل شامل ٿي سگهي ٿو يا نٿو به ٿي سگهي.

رٿا سبب متاثر شخص يا گهراڻي (Project Affected Person or household) مان مراد زمين، پاڻي، قدرتي وسيلن جي استعمال سبب رٿابندي سبب تبديلين سبب متاثر يا چاڻايل سببن جي بنياد تي آمدني جي نقصانن کي منهن ڏيندڙ ڪو به شخص، جنهن کي اڪثر ڪري رٿابندي تحت متاثر ٿيل شخص (Project Affected Persons-PAPs) چيو وڃي ٿو.

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿا جي ڊائريڪٽر (Project Director for resettlement and rehabilitation)مان مراد اهو فرد آهي، جنهن کي صوبائي حڪومت پاران ترقياتي رٿابندي جي مدي تائين سربراهه جي حيثيت سان نامزد ڪيو ويو آهي.

لڏپلاڻ (Relocation) جو مطلب رٿابندي سبب جسماني طور بي گهر ٿيڻ ڪانپوءِ سندس گهريلو اثاثن کي ٻيهر پيدا ڪرڻ يا ناهڻ وارو عمل آهي.

نئين سرآبادڪاري جي علائقي (Resettlement area) مان مراد ڪو به اهڙو علائقو آهي جنهن کي انهيءَ پاليسي تحت لاڳاپيل حڪومت/ايجنسي ذريعي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ مختص ڪيو ويو هجي.

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي (Resettlement and Rehabilitation)مان مراد رهائش يا رهڻ جو هنڌ، آمدني ۽ روزگاري جي ذريعن، سماجي ۽ معاشرتي نظام کي نئين سر بحال ڪرڻ آهي.

تبديلي جي شرح/متبادل (Replacement rate) مان مراد وڃايل يا تباهه ٿيل اثاثن يا آمدني کي تبديل ڪرڻ واري لاڳت آهي، جنهن ۾ ڪنهن به متبادل/تبديلي جي لاڳت جو عمل شامل آهي.

نئين سرآبادڪاري جي رٿا (Resettlement Plan) مان مراد هڪ مقرر وقت تي ٻڌل عملدرآمد جي رٿابندي يا حڪمت عملي جنهن ۾ بجيٽ سان گڏ نئين سرآبادڪاري جي مقصد ۽حڪمت عملي، پيشوراڻي تربيت، ذميواريون، نگراني ۽ چڪاس وارو عمل پڻ شامل آهي.

گهربل ادارو/تنظيم يا ايجنسي (Requiring body) مان مراد هڪ اهڙي ڪمپني، ڪارپوريٽ باڊي يا ٻي ڪا تنظيم آهي جنهن لاءِ لاڳاپيل يا مناسب حڪومت پاران زمين حاصل ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن زمين حاصل ڪرڻ جو عمل حڪومت لاءِ آهي ته ان ۾ لاڳاپيل حڪومت به شامل آهي يا

ته ان جي پنهنجي استعمال آهي يا بعد ۾ ان زمين کي مقاطعي، لائسنس يا زمين جي منتقلي جي ڪنهن ٻئي نظام تحت ڪمپني، ڪارپوريٽ باڊي يا ڪنهن اداري يا ڪنهن ٻي تنظيم کي منتقل ڪيو ويندو.

ٻهراڙي وارن علائقن (Rural area) جو مطلب مقامي حڪومتي قانونن موجب بيان ڪيل وصف مطابق شهري علائقن کان سواءِ ٻيا علائقا آهن.

اثرن جي شدت (Severity of Impact) جو دارومدار نقصانن جي انگ ۽ قسم ٻنهي تي ٻڌل هوندو آهي. مثال طور پيداواري اثاثن جو نقصان، لڏپلاڻ جو دائرو 500 گهراڻن کان مختلف ٿي سگهي ٿو جيڪو پيلن جي تحفظ/ترقياتي رٿا ذريعي بي گهر ٿيڻ دوران ڏورانهن ۽ پنتي پيل ۽ ڪمزور برادرين جي معاملي ۾ ڪيترائي هزارن تائين پهچي سگهي ٿو، شهري آمدرفت جي رٿا جي صورت ۾ وڏي انگ ۾ بنا ڪنهن عنوان جي ماڻهن کي بي گهر ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا ماڻهو پڻ آهن جيڪي هائيڊرو پاور يا غير معمولي سرگرم صنعتن سبب بي گهر ٿيا آهن.

ڪچي/پنتي پيل ماڻهن جي آبادي واري زمين (Slum Lord)جو مطلب هڪ کان وڌيڪ جائيداد جيڪا رهائشي ۽ ڪاروباري ٻنهي مقصدن تي ٻڌل هجي، عام طور تي نئين سرآبادڪاري کانسواءِ واري رهائش واري نٽي هجي ۽ اها ڪرائي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان معاشي فائدا حاصل ڪري رهيو آهي.

قابض/گذارو ڪندڙ مان (Squatter)مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي حڪومت يا ان جي لاڳاپيل ايجنسين سان گڏ قانوني گهرجن جي تڪميل کانسواءِ عوامي زمينن تي قابض ٿيل آهن، گذارو ڪندڙن ۽ حددخليون ڪندڙن وچ ۾ ٿورو ئي فرق آهي. جڏهن ته قبضا ڪندڙ قانوني طور زمين جو مالڪ آهي پر هن پنهنجي جائيداد کي سرڪاري ايراضي تائين وڌائي ڇڏيو آهي، ايراضي تي قبضو تي قبضو ڪندڙ جي ڪا به قانوني گنجائش ناهي.

شهري علائقن (Urban area)جو مطلب مقامي حڪومت جي قانون ۾ بيان ڪيل وصف مطابق هڪ اهڙو شهري علائقو آهي، مطلب هڪ اهڙو علائقو آهي جنهن جي وضاحت مقامي حڪومتي قانون تحت ڪئي وڃي ٿي جنهن تي رٿابندي جي منظوري جي تاريخ سان عملدرآمد شروع ٿي وڃي ٿو.

ڪمزور ماڻهن مان مراد معذور شخص، بي سهارا، يتيم، بيواهه، غير شادي شده ڇوڪريون، لاوارث عورتون يا 70 سال کان وڌيڪ ڄمار وارا فرد آهن جن وٽ روزگار يا آمدني جو متبادل ناهي.

## 7.2 بار بار ورجائيندڙ سوال ۽ انهن جا جواب (Frequently Asked Questions)

سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي هر قسم جي ترقياتي رٿائن تي لاڳو ٿيندي. جاٺايل اهم تصورن جي وصفن کان علاوه نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سرگرمين جي تياري ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ دران ڪيترن ئي اضافي سوالن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. هيٺ ڪجھ بار بار ورجائيندڙ سوالن جا جواب ڏنا ويا آهن. جيڪي وڌيڪ وضاحت لاءِ لاپائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

### 7.2.1 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تحت ڪهڙي قسم جي حقن کي تسليم ڪيو ويو آهي؟

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تحت معاوضي کان علاوه (يعني) زمين کي حاصل ڪرڻ واري قانون1894ع ( Land Acquisition Act-LAAٍ) مطابق اضافي حقن جي پڻ حڪمت عملي ترتيب ڏني وئي آهي، جنهن ۾ (I) غير رسمي آبادڪارن لاءِ زمين تي سرانجام ڏيندڙ سڌاري وارو عمل يا ڍانچي جو معاوضو (جنهن کي بناعنوان طور تسليم ڪيو ويندو.(II) رٿا جي مدد سان بي گهر گهراڻن جي نئين آبادڪاري،(III) ٽرانسپورٽ يا منتقلي يا خوراڪ جو الائونس ۽ (IV) معاشي بحالي جي امداد (V) ۽ تربيتي الائونسز شامل آهن.

### 7.22 ڇا نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي خانگي شعبي جي رٿائن تي لاڳو ٿئي ٿي؟

ها، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي انهن سمورن خانگي ۽ شعبي ۽ گڏيل بنيادن تي هلندڙ رٿائن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي، جنهن کي سنڌ حڪومت پاران منظور ڪيو ويو آهي يا جتي حڪومت پاران خانگي سيڙپڪاري ذريعي زمين جي حاصلات لاءِ واضح ڪيل حدن جي شقن کي استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙن معاملن ۾ هڪ نئين سرآبادڪاري جي حڪمت عملي جي ضرورت پوندي. جڏهن ته ڪو به خانگي صنعت يا انٽرپرائز پاران مارڪيٽ مان راضپي جي بنياد تي خريداري ۽ وڪرو ڪرڻ واري رضامندي جي بنياد تي زمين خريد ڪرڻ چاهي ٿي ته اهڙي صورتحال ۾ اها پاليسي لاڳو نه ٿيندي.

**7.23 جيڪڏهن برادريون رٿابندي جي ڪمن لاءِ رضاڪاراڻي بنيادن تي زمين فراهم ڪن ٿيون ته ڇا ان تي به اها پاليسي لاڳو ٿيندي؟**

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي انهن صورتن ۾لاڳو نٿي ٿئي جتي برادرين پاران رضاڪاراڻي طور زمين جا ننڍا ٽڪرا فراهم ڪيا وڃن ٿا. مثال طور مقامي حڪومتن ذريعي رٿابندي جي منصوبن جي فائدن جي بدلي ۾ ٻهراڙي جي رستن، آبپاشي جي چئنلن يا پاڻي جي فراهمي وغيره لاءِ فراهم ڪيا وڃن ٿا. پر شرط اهو آهي ته اهي ڪي **به** بنا عنوان يا غير رسمي زمين تي آبادڪار **نه** هجن. رضاڪاراڻي ايراضي جي عطيي لاءِ برادري سان صلاح مشورو، راضپو ۽ دستاويزي (شڪايتي ازالي جي طريقيڪار سان گڏ) هجڻ گهرجي.

**7.24 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تحت عارضي زمين لاءِ قرضي ڪي ڳڻيو وڃي ٿو؟**

عارضي طور متاثر ماڻهن کي عام طور تي متاثر ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. بهرحال جيڪڏهن زمين لاءِ قرض وٺڻ جا انتظام (ڪڏن، ڪاٽين، ڪم جي هنڌن وغيره) لاءِ زمين جي مالڪن ۽ ٺيڪيدارن يا رٿا جي وچ ۾ واضح آهن ته ان ڏس ۾ اها پاليسي لاڳو **نه** ٿيندي. جيڪڏهن نقصان وڌيڪ شديد آهي ته بهتر ٿيندو ته ڪين متاثر ماڻهو طور ڳڻيو وڃي. هڪ راءِ طور سمجهيو وڃي.

**7.25 جڏهن رٿابندي ۾ گهرجي لڏپلاڻ شامل ناهي ته ان باوجود نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي حڪمت عملي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟**

جي ها، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي ۾ جسماني ۽ معاشي ٻنهي قسم جي لڏپلاڻ کي تسليم ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن جسماني لڏپلاڻ ڪانسواءِ رڳو اثاثا ضايع ٿين ٿا، پر روزگار جو ذريعو يا آمدني جا ذريعا متاثر ٿين ٿا ته پاليسي مطابق اثرن، نقصانن ۽ ان جي اثرن ۾ گهٽتائي ۽ بحالي ۽ سگهه پيدا ڪرڻ وارن قدمن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي هڪ حڪمت عملي تي ٻڌل دستاويز هجڻ گهرجي.

### 7.26 متبادل لاڳت ڇا آهي؟

اثاثن جي ڪاٽي جو طريقيڪار آهي جيڪو وڃايل اثاثن جي متبادل ۽ ان جي مٿا سٿا جي خرچن جي پورائي لاءِ ڪافي رقم جو اندازو لڳائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ٻهراڙي يا شهري ماحول مطابق زمين يا ڍانچي لاءِ ڪاٽي جي عمل جا طريقا مختلف ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته انهن سمورين حالتن ۾ ڍانچي ۽ اثاثن جي قيمت ۾ گهٽتائي واري عمل کي نظر ۾ **نه** رکڻ گهرجي.

### 7.27 آمدرفت/لڏپلاڻ جو الائونس ڇا آهي؟

اهو خاندان ۽ گهريلو اثاثن جي لڏپلاڻ ۾ مدد لاءِ هڪ پيرو ادائيگي آهي. سمورا جسماني طور بي گهر گهراڻا انهيءَ الائونس لاءِ مستحق آهن.

### 7.28 عبوري/رهائشي الائونس ڇا آهي؟

متاثر گهراڻن ۽ دڪاندارن يا دڪانن جي مالڪن کي 3 کان6 مهينن لاءِ الائونس جي صورت ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي يا مقامي سطح تي گهٽ ۾ گهٽ اجرت واري شرح تحت شمار ٿيندڙ ماهواري شرح جي بنياد تي ملندڙ امداد اهي. عبوري الائونس جو مقصد فوري طور نقصانن جو ازالو ڪرڻ آهي. رقم ۽ مدي بابت تفصيلي ڄاڻ حقدارن بابت چارٽ ۾ ڏني وئي آهي.

### 7.29 معيشت جي بحالي واري امداد ڇا آهي؟

روزگار کان محروم ماڻهن کي معاشي بحالي جي امداد ڏني وڃي ٿي. مثال طور واپاري ايڪي (جنهن ۾ مالڪ ۽ ملازم شامل آهن) جو نقصان، پيداواري (يعني زمين)، اثاثن جو

نقصان، ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدرو يا حصيدار جيڪي متاثر ٿيل جائيداد تي ڀاڙيندڙ هوندا آهن.

**72.10 غربت جي لڪير کان هيٺ (Below Poverty Line-BPL)واري زندگي گذاريندڙ جي ذمري ۾ ڪير ڪير اچي ٿو؟**

اهڙا گهراڻا يا خاندان جيڪي حڪومت پاران جاري ڪيل غربت جي لڪير جي سطح جي گهٽ معيارن تي ٻڌل زندگي گذاري رهيا آهن.

**72.11 رٿا جي سائٽ يا مقام تي ٻاهر جي ماڻهن جي آمد کي ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟**

فائدن مان ناجائز لاڀ پرائيندڙن جي سلسلي ۾ رٿا جي ماڳ تي ٻاهر جي ماڻهن جي آمد هڪ عام تجربو رهيو آهي. حتمي تاريخ مقرر ڪرڻ سان گڏوگڏ رٿا جي نقشن جي ابتدائي ۾ مڪمل آدمشماري، جنهن ۾ هوائي ڊرون ۽ ٻين اوزارن ذريعي رٿا جي علائقي جي گهراڻن ۽ ڍانچن جي وڊيو فلم ذريعي مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي جيڪا امڪاني طور جائز ۽ دوکي جي دعوائن خاص طور ڍانچي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي عمل ۾ مدد ڪندي. ٻاهران آيل ماڻهو، مثال طور اهي ماڻهو جيڪي رٿا جي هنڌ وٽ هجرت ڪري آيل مزدور ور ڪم ڪرڻ ايندا آهن، انهن جو حساب ٻاهران جي ماڻهن بابت انتظامي رٿابندي ذريعي يا ٺيڪيدارن ذريعي ڪري سگهجي ٿو. جيڪي عارضي بنيادن تي ڪارڪنن کي ملازمت فراهم ڪن ٿا.

**7212 ڇا رٿا ذريعي متاثر ٿيندڙ ماڻهوئين سرآبادڪاري۽ بحالي واري پاليسي تحت معاوضي لاءِ اهل آهن؟**

پاليسي ۾ واضح طور نقصانن ۽ ان جي اهليت کي واضح ڪيو ويو آهي. مثال طور اثاثن جو نقصان روزگار يا آمدني جي ذريعي کي متاثر ڪري ٿو. اڻ سڌي ريت متاثر ماڻهن جي وصف جي ضرورت آهي. جنهن ۾ اڻ سڌي ريت ٿيل نقصان جي نوعيت ۽ ان جي قسم جو محتاط جائزو ۽ غور ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به اڻ سڌي نقصان کي تسيلم ڪيو وڃي ٿو،

جنهن ۾ غير رسمي ۽ ڪمزور طبقن، مقامي ماحول يا خيالن، نقصانن معاوضي ۽ امداد جي وضاحت جو عمل شامل آهي.

**اٺون باب: رٿابندي ۽ نئين سرآبادڪاري جا معيار(Baseline for Resettlement Planning)**

**معيار: نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي کي ننڍن حصن ۾ ورهائڻ (*The Baseline - the building blocks in RAP planning*)**

سماجي ۽ معاشي بنيادن تحت واضح طور نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿابندي ۽ عملدرآمد لاءِ ان کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهائڻ وارو عمل ضروري آهي. جنهن ذريعي اثرن جي وسعت جو اندازو لڳايو وڃي ٿو. هر قسم جي نقصانن جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي، مناسب حقدارن جون پاليسيون/تفصيل لاڳت جو ڪاٿو ۽ رٿابندي جي نگراني ۽ جائزي جي واري عمل جي وضاحت ڪئي وڃي ٿي. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي لاءِ هڪ ابتدائي سماجي چڪاس جي گهرج آهي جنهن ذريعي حصول جي دائري ۽ امڪاني اثرن ۽ متاثر ماڻهن ۽ برادرين جي زندگي جي معيار کي بحال ڪرڻ ۽ سڌارڻ جي سلسلي ۾ اثرن ۾ گهٽتائي آڻڻ وارن پهلوئن جو اندازو لڳايو وڃي.

**8.2 ڪيئن ۽ ڪٿان شروعات ڪجي: مرحليوار قدم(*How and Where to Start - the Steps*)**

پهريون مرحلو: موجود ڄاڻ (انگن اکرن) جو جائزو وٺو. مثال طور منصوبي جي رٿابندي جا دستاويز، رٿابندي جي اهم تفصيلن/معلومات تي ٻڌل نقشي، موجود سرڪاري آدمشماري جا انگ اکر ڪا ٻي ثانوي ڄاڻ شامل آهي.

ٻيون مرحلو: لينڊ روينيو ڊپارٽمينٽ يا رٿابندي جي آفيس (جيڪڏهن موجود هجي) کان زمين جي رڪارڊ/ڄاڻ موجب زمين حاصل ڪرڻ بابت معلومات جو جائزو وٺو.

ٽيون مرحلو:(I) ماهر ايجنسي/ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪريو، جنهن ۾ حوالي جي شرطن تي ٻڌل (Terms Of Reference-TORs) کي ترتيب ڏيو، جيڪو واضح طور توقع ڪيل نتيجن تي ٻڌل هجي.(II) سرزمين جي بنياد تي چڪاس ڪندڙن کي تربيت ڏيو.(III) سرزمين جي بنياد تي نگراني ۽ تصديق معيار قائم ڪريو ۽ انهن کي برقرار رکو ۽ (IV) آخر ۾ بروقت ۽ حقيقي ڄاڻ تجزيي جي عمل کي يقيني بڻايو.

(I) ڄاڻ/انگ اکر جمع ڪرائڻ جي تياري ڪريو. جنهن ۾ پهرين مرحلي ۾ مقصد (ڇا ڇا جمع ڪرائڻو آهي). (II) طريقا: رٿابندي جي سمورين وسعتن (جهڙوڪ صفن، مقامي ماڻهن، پٺتي پيل ڪمزور طبقن سميت) ڪيئن ۽ ڪهڙين شين بابت طئي ڪجي. (III) آدمشماري/سروي جي سامان کي سهيڙڻ، (IV) اهم تصورن (جهڙوڪ گهريلو/خاندانن جو نقصان ۽ حقدار ماڻهن) کي ڪتب

آٽيو، جيئن نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، چاڪاڻ ته اهي سموري عمل ۾ اهم تصور آهن ۽ ان جي وصفن ۽ حقدارن جي استعمال جي سلسلي ۾ موثر ثابت ٿين ٿا.

چوٿون مرحلو: رٿابندي جي مداخلتن ۽ نئين سرآبادڪاري جي اختيارن جي جوابن جو جائزو وٺڻ لاءِ گهريلوسطح تي انٽرويوز وٺڻ جو عمل

پنجون مرحلو: شڪايتن جي ازالي ۽ حل لاءِ حڪمت عملي قائم ڪرڻ ۽ ان کي هٿي وٺرائڻ جو عمل

ڇهون مرحلو: نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني لاءِ لاڳاپيل ڌرين جي مقامي سطح تي ڪميٽين جي قيام جو عمل

ستون مرحلو: نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي بابت ڄاڻ تائين سولائي سان رسائي لاءِ رٿابندي جي هنڌ تي هڪ رٿابندي جي ڄاڻ وارو مرڪز(Project Information Center-PIC) قائم ڪريو.

### 8.3 معلومات يا انگ اکر سهيڙڻ جا طريقا

گهڻا ۽ مناسب طريقا ڪتب آٽيو، جهڙوڪ زمين جي حاصلات/پلاٽ جي سروي، آدمشماري، سماجي ۽ معاشي سروي، لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا، مختلف طبقن سان اهم ۽ اوليتي بنيادن تي ٽولن جي صورت ۾ بحث مباحثو (Focus Group Discussions-FGDs) خاص طور پنٽي پيل ماڻهن ۽ اهڙن غريب ۽ نسلي طبقن لاءِ جتي وجڻ ڏکيو هجي:

(I) زمين جي قسمن مطابق ان کي سهيڙڻ، رٿابندي جي علائقي ۾ جيڪڏهن ملڪيتي رڪارڊ آهي، جنهن ۾ متاثر ڳوٺن/ننڍن شهرن جا نقشا وغيره شامل آهن.
(II) متاثر آبادين ۽ برادرين سان گڏوگڏ سماجي تنظيمن ۽ ثقافتي سرشتن تي ٻڌل تفصيلي سماجي ۽ معاشي لحاظ کان انگ اکر سهيڙڻ
(III) ميزبان آبادي (آبادي جي ڳڻپ، زمين کي ڪتب آڻڻ جو نمونو، ڍانچي جون گهرجون، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ/لڏپلاڻ جي صلاحيت) اهڙن صورتن ۾ جتي رٿابندين ۾ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ وڏي پئماني تي لڏپلاڻ جو امڪان آهي.

**انگ اکر سهيڙڻ جي عمل دوران هيٺ ڄاڻايل پهلوئن تي غور ڪريو:**

- موثر سروي ۽ انگ اکر سهيڙڻ، تڪرارن/شڪايتن جي عمل ۾ گھٽتائي آڻڻ ۽ رٿابندي ۽ نئين سرآبادڪاري جي مسئلن بابت عام شعور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مقامي حڪومتي ايجنسي/عملو، مقامي نوجوانن، متاثر فردن ۽ غير سرڪاري تنظيمن کي شامل ڪرڻ جو عمل
- متاثر علائقن جا نقشا ٺاهڻ ۽ عملدرآمد دوران يا بعد ۾ دوکيبازي جي دعوائن کان بچڻ لاءِ گھرن جي نمبرن مطابق نشاندهي ڪرڻ
- متاثر گھراڻن لاءِ سچاڻپ ڪارڊ استعمال ڪريو، جنهن ۾ آدمشماري ۾ لکيل بنيادي ڇاڻ موجب لاڳاپيل معلومات (جهڙوڪ زمين، ڍانچا، گھراڻن جي ڪل فردن) کي شامل ڪيو وڃي.
- متاثر ماڻهن (Affected Persons-APs) جي فهرست ۾ اهليت لاءِ حتمي تاريخ مقرر ڪريو.
- مقامي برادرين ذريعي تصديق لاءِ متاثر ماڻهن جي فهرست جي متاسٽا ڪريو ۽ ان ۾ حتمي تبديليون، درستگيون ۽ ان کي اپ ڊيٽ يعني موجوده صورتحال سان هم آهنگ (ڪا تبديلي وغيره هجي ته ان کي درست) ڪريو.
- ڇاڻ کي ڪمپيوٽر جي بنياد تي ذخيرو ڪرڻ لاءِ انگ اکرن تي ٻڌل ڊيٽا بيس تيار ڪريو، جنهن ۾ متاثر ماڻهن جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ معلومات کي محفوظ بڻايو ته جيئن رٿا تي عملدرآمد ۽ ان جي نگراني ۽ جائزي جي عمل ۾ سولائي ٿي سگھي.

## 8.4 رٿا لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جهڙو فيصلو ڪرڻ

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جو قسم: نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري مختصر ۽ مڪمل حڪمت عملي بابت طئي ڪيو ويندو، ان ڏس ۾ ڀنهي صورتن ۾ انگن اکرن يا خطرن جي مجموعي شدت کي نظر ۾ رکندي نئين سرآبادڪاري۽ بحالي جي سلسلي ۾ هيٺ ڄاڻايل قدم کڻڻ جي ضرورت آهي:

- 50 گھراڻن (يا 200/ فردن) جي جسماني ۽ معاشي طور متاثر ٿيڻ ۽ يا ٻي گھر ٿيڻ جي محدود (يا گھٽ متاثر هئڻ جي صورت ۾) اثرن جي صورت ۾ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري مڪمل حڪمت عملي لاڳو ٿيندي.

- وڏي پئماني تي ېڏل اثرن جي رٿابندي (50 کان وڌيڪ گهراڻن) لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري مڪمل حڪمت عملي لاڳو ٿيندي.

پنهي صورتن ۾ بنيادي شهري سهوليتن ۽ خدمتن سان گڏ نئين سرآبادڪاري جي سهڪار ۽ يا رٿا جي اهتمام هيٺ هنڌن جي فراهمي گهربل آهي. جيڪڏهن منصوبي جي مداخلت لاءِ جسماني لڏپلاڻ جي ضرورت ناهي، پر ماڻهن کي معاشي لڏپلاڻ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، تڏهن به نقصانن، معاوضي ۽ معاشي بحالي جي پاليسين جي نوعيت جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ هڪ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري هڪ مختصر حڪمت عملي گهربل هوندي ته جيئن ماڻهو پنهنجي نقصانن کي متبادل جي صورت ۾ حاصل ڪري سگهن ۽ يا پنهنجي معاشي حالت کي سڌاري سگهن. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي ۾ متاثر گهراڻن جي نقصانن جا قسم (مثال طور زمين، ڍانچا، وڻ فصل، آمدني ۽ روزگار جا ذريعا، برادري ۽ ثقافتي ماڳ وغيره) جي بنياد تي بناعنوانن جي ماڻهن سميت حقدارن جي تفصيلن تي ېڏل چارٽ پڻ شامل هئڻ گهرجي.

وڏن، مونجهاري وارن ۽ وسيع اثرن (1000 يا ان کان وڌيڪ گهراڻن) تي ېڏل رٿائن جي صورت ۾ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي تحت نئين سرآبادڪاري جي هنڌن ۽ ڊگهي مدي تي ېڏل سماجي ۽ معاشي ترقي جي پروگرام لاءِ انتظام هجڻ گهرجن. اعليٰ اثرن تي ېڏل رٿائن ۾ نئين سرآبادڪاري جي موثر انتظامن لاءِ پڻ وڏي سطح جي قدمن جي گهرج آهي، جنهن ۾ بنيادي ڍانچي جي سيڙپڪاري جي اهم رٿا اندر هڪ جدا آبادڪاري جي رٿا شامل آهي جنهن لاءِ هڪ پروجيڪٽ هوندو جنهن وٽ نئين سرآبادڪاري جي انتظام ۽ طريقيڪار لاءِ مڪمل انتظامي ۽ مالي اختيار حاصل هوندو.

### 8.5 نئين سرآبادڪاري جي لاڳت ۽ بجيٽ (Resettlement Cost and Budget)

نئين سرآبادڪاري بابت سمورين سرگرمين لاءِ هر هڪ اسم لاءِ واضح بنيادن تي تفصيلي بجيٽ گهربل آهي، يعني (I) زمين ۽ ٻين اثاثن جو معاوضو، لڏپلاڻ، (I I) نئين سرآبادڪاري جي هنڌ تي ترقي ۽ منتقلي، هر قسم جا عبوري الائونسز، (I I I) آمدني ۽ روزگار جي بحالي/۾ سڌاري جي رٿا، (IV) مقامي ماڻهن جي ترقي جي رٿابندي، (V) نگراني/انتظامي خرچ ۽ ٻيا شامل آهن.

آبادڪاري جي سرگرمين لاءِ پي سي ون تحت حڪومت پاران **بجيٽ** لاءِ ضروري آهي. ٻي صورت ۾ حڪومت وٽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي ملڪيت جو فقدان آهي.

8.6 تفصيل: بنياد ۽ نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي رٿابندي (*Checklists: Baseline and RAP Planning*)

تفصيل: بنياد ۽ نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي رٿابندي

| سيريل نمبر | هدف | تفصيل | |
|---|---|---|---|
| | | ها | نه |
| 1 | ڇا آدمشماري/سروي جي معلومات يا انگن اکرن جي ڳڻپ نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي رٿابندي لاءِ ڪافي آهي؟ | | |
| 2 | ڇا سروي ۾ انگن اکرن کي سهيڙڻ لاءِ ٻيهر پوئيواري (Follow up) جي ضرورت آهي؟ | | |
| 3 | ڇا نئين سر آبادڪاري جي سلسلي ۾ سمورا نقشا تيار ڪيا ويا آهن؟ | | |
| 4 | ڇا ميزبان علائقي جي معلومات ۾ انگ اکر دستياب آهن؟ | | |
| 5 | ڇا حتمي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 6 | ڇا گهراڻن جي فهرست کي عام ڪيو ويو آهي ۽ان جي تصديق ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 7 | ڇا حقدارن جي چارٽ ۾ سمورن ٽولن ۽ سمورن قسم جي نقصانن جو احاطو ڪيو ويو آهي؟ | | |
| 8 | ڇا بجيٽ ۾ سموري سامان جو تفصيلي خرچن کي شامل ڪيو ويو آهي؟ | | |

# نئون باب: سمورن لاڳاپيل ڌرين وچ ۾صلاح مشورا ۽ شموليت وارو عمل (Stakeholders Consultation and Engagement)

## 9.1 لاڳاپيل ڌرين جي نشاندهي (Identification of Stakeholders)

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جي تقاضا اها آهي ته متاثر ماڻهن کي رٿا جي تياري دوران مڪمل، خاص طور تي معاوضي ۽ نئين سرآبادڪاري جي اختيارن جي حوالي سان آگاهه ڪيو وڃي ۽ ساڻن مشورو ڪيو وڃي. ڪيترن ئي طريقن سان صلاح مشوري جو عمل نئين سرآبادڪاري بابت سمورن سرگرمين جي نقطي جي شروعات آهي. پهرين مرحلي تحت لاڳاپيل ڌرين جي نشاندهي ڪريو، جنهن ۾ پنهي بنيادي ۽ ٻئين يا ادارتي لاڳاپيل ڌريون شامل آهن.

بنيادي ڌرين ۾ متاثر فرد/برادريون، رٿا مان لاڀ پرائيندڙ، آبادڪاري جي هنڌن جي آسپاس جي ميزبان آبادي ۽ رٿابندي تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسي شامل آهي.

ٻئين نمبر تي لاڳاپيل ڌرين ۾ اهي ماڻهو شامل آهن جيڪي رٿا ۾ دلچسپي رکن ٿا، جنهن ۾ مقامي ۽ قومي حڪومتون، پاليسي ٺاهيندڙ، غير سرڪاري تنظيمون، هٿي وٺرائيندڙ ٽولا ۽ چونڊ ڪيل اهلڪار شامل آهن.

## 9.2 لاڳاپيل ڌرين جون مصروفيتون ۽ شموليت وارو عمل (*Stakeholders Engagement and Participation*)

رٿا جي تياري جي مرحلي دوران بنيادي لاڳاپيل ڌرين پاران صلاح مشوري جو عمل اثرن جي چڪاس لاءِ انگن اکرن يا ڄاڻ جي جمع ڪرائڻ جو هڪ لازمي حصو آهي. جيڪو متاثر برادرين سان گڏجي صلاح مشوري ۽ شموليت جي عمل نئين سرآبادڪاري جي رٿا کي ترتيب ڏيڻ، متاثر/بي گهر ٿيندڙ آبادين لاءِ اختيارن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ رٿا جي شموليت ۽ پاليسي جي قدمن تي عملدرآمد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سهولت ڪري ٿو.

هيٺ ڄاڻايل 7 اهم ۽ موثر طريقن تي غور ڪريو، جيڪي شموليت تي ٻڌل ۽ صلاح مشوري واري عمل کي ترتيب ڏيڻ ۾ مدد ڪن ٿا:

پھريون مرحلو: رٿا جي علائقي ۾ لاڳاپيل ڌرين، خاص طور تي بنيادي طور لاڳاپيل ڌرين جي وسعت جي نشاندهي ڪريو.

ٻيون مرحلو: ميڊيا، ڪتابچو ۽ عوامي گڏجاڻين ذريعي رٿابندي ڪي عام ڪريو ۽ معلوماتي مهم هلايو.

ٽيون مرحلو: ترجيحن جي بنياد تي **ڳالهه ٻولهه** لاءِ اهم لاڳاپيل ڌرين (مثال طور عورتن، برادري جي اڳواڻن، مقامي ڪاروبار ڪندڙن، متاثرن رسمي ابادڪارن/حددخليون ڪندڙ غريبن وغيره تي ٻڌل) ترجيحاتي ٽولا ٺاهيو.

چوٿون مرحلو: منصوبي جي مداخلتن ۽ نئين سرآبادڪاري جي اختيارن جي جوابن جو جائزو وٺڻ لاءِ گھريلو سطح جا انٽرويوز وٺڻ جو عمل

پنجون مرحلو: شڪايتن جي ازالي ۽ حل لاءِ حڪمت عملي ڪي ترتيب ڏيڻ ۽ هٿي وٺرائڻ وارو عمل

ڇهون مرحلو: نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي، عملدرآمد ۽ نگراني لاءِ لاڳاپيل ڌرين جي مقامي سطح تي ڪميٽين جو قيام

ستون مرحلو: نئين سرآبادڪاري بابت ڄاڻ تائين سولائي سان پهچ تائين فراهمي لاءِ رٿا جي هنڌ وٽ هڪ ڄاڻ وارو مرڪز (Project Information Center-PIC) قائم ڪريو.

## 9.3 شموليت جي عمل ۾ رسمي/غير رسمي ادارن جو ڪردار (*Role of Formal/Informal Institutions in Participation Processes*)

شموليت جي عمل تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي سلسلي ۾ (ٻنهي رسمي ۽ غير رسمي) شموليت وارن ادارن جي گھرج هوندي آهي.

رسمي ادارن ۾ مقامي حڪومتي ايجنسيون/ادارا، مڪاني حڪومت، ضلعي ۽ تعلقي انتظاميه ۽ ٻوڏ متاثرن لاءِ رٿابندي جي آفيس/نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي رٿا شامل آهي.

غير رسمي ادارن ۾ مقامي سطح تي نئين سرآبادڪاري جون ڪميٽيون، شڪايتن جي ازالي لاءِ قائم ڪيل ڪميٽيون، ڳوٺ جي آبادڪاري جي ڪارڪنن ۽ رٿا جو ڄاڻ وارو مرڪز شامل آهن.

غير سرسمي ادارا اڪثر ڪري آبادڪاري کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ترتيب ڏنل مقصدن لاءِ وڌيڪ موثر ثابت ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ ته ان جي مقامي سطح تي متاثر ٽولن جي مختلف طبقن جي نمائندگي سان گڏ وجود ۾ اچن ٿا ۽ انهن جو قيام مخصوص مقصد لاءِ عمل ۾ آندو وڃي ٿو. مثال طور شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميٽيون (Grievances Redress Committees-GRCs) شامل آهن.

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي ۾ نئين سرآبادڪاري جي فائدن بابت مقامي شڪايتن/تڪرارن جي شڪايتن جي ازالي ۽ حل جو طريقيڪارشامل هجڻ گهرجي.

رٿا جي نوعيت تي ياڙيندي، مقامي شڪايت/تڪرارن جي ازالي ۽ حل جي طريقيڪار (Grievance Redress Mechanism-GRM) جا درجا 2 يا 2 کان وڌيڪ ٿي سگهن ٿا. مثال طور برادري جي سطح تي شڪايتن جي ازالي جي ڪميٽي(GRC-Grievances Redress Committee)، ٽائون يا ميونسپل سطح تي شڪايتن جي ازالي جي ڪميٽي، ۽ رٿا جي سطح تي شڪايتن جي ڪميٽيون شامل آهن.

شڪايتن ۽ تڪرارن جي ازالي جي ڪميٽي(GRC-Grievances Redress Committee) کي بنيادي طور تي ترتيب ڏيڻ گهرجي جتي حل **نه** ٿيڻ جوڳن معاملن جي صورت ۾ ان جي حل لاءِ برادري جي سطح تي مٿانهين درجي تي منتقل ڪيو وڃي ٿو.

شڪايتون پڻ رسمي ادارن ذريعي پهچايون وڃن ٿيون. شڪايتن جي ازالي جي ڪميٽي (GRC-Grievances Redress Committee)جي فيصلن مان مطمئن **نه** ٿيڻ جي صورت ۾ متاثر ماڻهن کي عدالتن ۾ اپيل ڪرڻ جو حق آهي.

9.4 تفصيل: صلاح مشورا ۽ شموليت (*Checklists: Consultation and Participation*)

| سيريل نمبر | هدف | تفصيل | |
|---|---|---|---|
| | | ها | نه |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | ڇا سمورن لاڳاپيل ڌرين، خاص طور تي متاثر طبقن جي باقاعدگي سان نشاندهي ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 2 | ڇا متاثر ماڻهن ۽ ٻين پنتي پيل طبقن سان صلاح مشورا ڪيا ويا آهن؟ | | |
| 3 | ڇا لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشوري جي فهرست سميت تفصيل تيار ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 4 | ڇا رٽا جي جاڻ واري مرڪز لاءِ ڪافي عملو مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ان کي فعال بڻايو ويو آهي؟ | | |
| 5 | ڇا شڪايتن ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڪميٽي اڳ ۾ قائم ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 6 | ڇا مقامي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن سان ڪافي صلاح مشورا ڪيا ويا آهن؟ | | |

## ڏھون باب: لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري (Relocation and Resettlement)

### 10.1 لڏپلاڻ جي رٿابندي سان لاڳاپيل اهم سوال (*Key Questions on Relocation Planning*)

متاثر ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جو عمل مشڪل ڪم آهن. اهو ڪنهن انجينئرنگ رٿا کان وڌيڪ ڏکيو عمل آهي ۽ رٿا لاءِ هنڌ جي ترقي لاءِ سوچي سمجهي محتاط، سماجي رٿابندي ۽ سيڙپڪاري جي ضرورت پوي ٿي. ان سلسلي ۾ رٿابندي جي پهلوئن کي نظر ۾ رکندي ڪيئن ۽ ڪٿان کان شروعات ڪريون؟ ان سلسلي ۾ هيٺ چند سوالن کي بيان ڪيو ويو آهي:

- ڇا سمورن متاثر فردن لاءِ لڏپلاڻ ضروري آهي؟
- ڇا متاثر برادرين ۾ نسلي يا قبيلائي اختلاف آهن؟
- متاثر ماڻهن جو موجوده اهم پيشا (جنهن ۾ مرد ۽ عورتون) ڪهڙا آهن؟
- موجوده گهرن ۽ نئين سرآبادڪاري جو نمونو ڪهڙو آهي؟
- موجود جاين واري پلاٽ جي سائيز ۽ ڪل حجم ڪيترو آهي؟
- برادرين ۾ برادري جي سطح تي ڪهڙيون سماجي خدمتون موجود آهن؟
- بازار ۽ ٻين عوامي سهولتن جهڙو اسڪول، مذهبي/ثقافتي هنڌن تائين پهچ جي لحاظ سان ٽرانسپورٽ ۽ مواصلات جا نمونا ڪهڙا آهن؟
- ڇا تجويز ڪيل هنڌن وٽ ميزبان آبادي موجود آهي؟

### 1.2.10 ڪيئن ۽ ڪٿان کان شروعات ڪجي(Where and How to Start) ؟

I. رٿابندي جي منظرنامي کي سمجهڻ تمام گهڻو ضروري آهي.

II. انهي گمان ۾ **نه** رهو ته نيٺ هڪ ڏينهن اهو حل ٿي ويندو.

III. نئين سرآبادڪاري لاءِ وڏي **پيماني** تي رٿابندي لاءِ ڀرپور ڌيان ۽ عملي نقطو نظر رکڻ تمام گهڻو ضروري آهي.

IV. نئين سرآبادڪاري جي رٿابند جي ڪمن ۾ وقت، وسيلن ۽ محنت جي ضرورت پوي ٿي.

رٿابندي ۾ دير سبب رٿا متاثر ٿي سگهي ٿي يا خرچن ۾ واڌارو پڻ ٿي سگهي ٿو.

### 10.3 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي جي چوند ۽ اختيار(*R&R - Choices and Options*)

رٿا جي قسمن ۽ لڏپلاڻ جي **پئماني** تي دارومدار آهي، **مختلف حقيقت پسنداڻي متبادل** لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري جي چونڊ لاءِ ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. بي گهر گهراڻن کي جيترا وڌيڪ چونڊڻ لاءِ اختيار ڏنا ويندا ايترائي وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيندا. ان سلسلي ۾ هيٺ ڄاڻايل آپشنز کي موثر سمجهيو وڃي ٿو، اڪثر ڪري نئين سرآبادڪاري لاءِ گڏيل نموني طور چونڊ ڪري سگهجي ٿي.

ڪا **به** لڏپلاڻ بهتر آپشن ناهي.جڏهن ته، ان جي توقع رڳو اهڙي محدود صورتحال ۾ ڪري سگهجي ٿي جتي حاصلات محدود هجن يا متاثر ماڻهن کي رڳو معاشي لڏپلاڻ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هجي. ٻين لفظن ۾ ته رٿابندي جي مداخلتن کي جسماني لڏپلاڻ جي گهرج ناهي پوندي يا ان جي حڪمت عملي ۾ تبديلي ذيعي جسماني لڏپلاڻ کان بچي سگهجي ٿو.  مثال طور هڪ باءِ پاس جي ڪنهن مصروف حصي يا قطارن جي ڪنهن هڪ اهڙي رٿا جتي روڊ يا شاهراهن وغيره ۾ تبديل ڪرڻ جو عمل شامل آهي.

سائٽ يا رٿا جي هنڌ تي لڏپلاڻ هڪ بهترين چونڊ آهي، جتي جسماني لڏپلاڻ اٽڙ آهي پر محدود آهي. مثال طور 50 کان گهٽ گهراڻن يا ان کان وڌيڪ تي ٻڌل آهي. اها حڪمت عملي واقعي متاثر ماڻهن سان گڏوگڏ رٿا تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسي لاءِ پڻ مثالي آهي. بي گهر گهراڻن لاءِ رٿا جي هنڌ وٽ نئين سرآبادڪاري قائم ڪري سگهجي ٿي ۽ يا باقي بي گهر گهراڻن جي باقي زمين تي رٿا تحت صف بندي ڪري سگهجي ٿي. سائيٽ تي لڏپلاڻ جي عمل سان درپيش ڏکيائن ۾ گهٽتائي ٿيندي ۽ نئين سرآبادڪاري لاءِ محدود مدد جي گهرج پوندي، ڇاڪاڻ ته ماڻهو لڏپلاڻ باوجود پنهنجي پنهنجي برادرين جي وچ ۾ رهڻ چاهين ٿا.

پاڻمرادو بنيادن تي لڏپلاڻ جو عمل(Self-managed Relocation-SMR)، جهڙوڪ اڪثر ڪري پاڻ مرادو لڏپلاڻ (Self-Relocation) پڻ چيو وڃي ٿو، اهو هڪ ٻيو سٺو آپشن آهي جيڪو وڏي ۽ ننڍي سطح جي نئين سرآبادڪاري جي رٿا تحت ترتيب ڏنل هنڌن جي رٿائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. نئين سرآبادڪاري انهن ماڻهن کي اختيار فراهم ڪري ٿي جيڪي بي گهر ٿيڻ ڪانپوءِ، روزگار، ذاتي لاڳاپن ۽ خانداني ڪارڻ جي بنياد تي جيئن شهري مرڪزن ۾ ٻارن جي تعليم سبب رٿا جي علائقي کان ٻاهر وڃڻ چاهين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ انهن ماڻهن کي نقد اضافي مراعتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون جيڪي پنهنجي نين جاين تي اڏاوت ڪرڻ چاهين ٿا ۽ پاڻ مرادو بنيادن تي لڏپلاڻ جي عمل تحت نئين سر اڏاوت جي چونڊ ڪرڻ چاهين ٿا. پاڻمرادو بنيادن تي لڏپلاڻ تحت نئين سرآبادڪاري

ڪندڙ پنهنجي سماجي رابطن ذريعي مدد ۽ نين هنڌن تي موجود نون موقعن سبب پنهنجي متاثر ٿيڻ کان اڳ واري زندگي جي سطح کي تيزي سان نئين سر حاصل ڪري سگهن ٿا.

رٿا جي سرپرستي هيٺ وارن مقام تي لڏپلاڻ جو عمل موثر اثر ڇڏيندڙ رٿا لاءِ ضروري آهي، جنهن ۾هزارين خاندن تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري جو هڪ وسيع عمل شامل آهي. وڏي پئماني تي نئين سرآبادڪاري لاءِ، سموريون بنيادي سهوليتون جهڙوڪ گهرن لاءِ پلاٽس، داخلي ايندڙن لاءِ رستو، پاڻي جي فراهمي بجلي، بازار، اسڪول ڪميونٽي سينٽروغيره شامل آهن) سان گڏوگڏ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ نئين سرآبادڪاري جي هنڌن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. نئين سرآبادڪاري جي هنڌن کي رٿا جي مثالي هنڌن جي آسپاس هئڻ گهرجي ته جيئن نئين سرآبادڪاري کي عام سماجي ۽ معاشي ماحول ۾ رهڻ جي عمل ۾ سولائي ٿي سگهي. فاصلاتي لڏپلاڻ، رٿا جي علائقي کان ڏورانهين، پريشاني ۽ دٻاءُ جو ان حد تائين سبب بڻجي سگهي ٿو جو بي گهر ماڻهو وڃڻ لاءِ تيار **نه** هجن. جيڪڏهن بي گهر ٿيندڙ گهراڻن کي رٿا جي علائقي آسپاس ۾ نئين سرآبادڪاري چيو وڃي ٿو، ته اهي رٿا جي تعيمراتي ڪم ۾ روزگار جي لحاظ سان پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

ننڍي پئماني تي لڏپلاڻ جو عمل (Small Group Relocation-SGR) رٿابندي جي اهتمام هيٺ لڏپلاڻ جي برعڪس هڪ ٻيو بهترين آپشن آهي. جنهن ۾ بي گهر ٿيندڙ گهراڻن جي 20-30 خاندان جي طبقن جي صورت ۾ جن جو تعلق عام طور رشتيداري يا ٻين رشتن جي صورت ۾ هوندا آهن. اهي پنهنجي اصل ڳوٺن جي ويجهو ڪلسٽرز ۾ نئين سرآباد ٿيندڙن لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا. اها پاڻ مرادو بنيادن تي لڏپلاڻ جي هڪ ٻي شڪل آهي جيڪا متاثر خاندن کي گڏيل مدد لاءِ گڏجي رهڻ جي قابل بڻائي ٿي. رٿا جي سرپرستي هيٺ هنڌن کي نظر ۾ رکندي شهري سهوليتن جي صورت ۾ اضافي مدد فراهم ڪرڻ گهرجي.

سمورن صورتن ۾ رٿا جي نظرثاني ۽ جائزي جي مقصدن جي نئين سرآبادڪارين ۽ ان جي هنڌن جو انگن اکرن تي ٻڌل ڊيٽا بيس تيار ڪيو ويندو. چاهي انهن نئين سرآبادڪاري جي رٿا جي مقصدن کي حاصل ڪري ورتو يا نه ڪيو هجي. يعني، رٿا جي پهرين سطح جي معمولات کي بحال ڪري ڇڏيو هجي ۽ نئين آبادڪاري ڪانپوءِ جي مدي ۾ بهتري آندي وئي هجي.

### 10.3 رٿا جي هنڌن لاءِ چونڊ بابت فيصلا ۽ ان جا مرحلا (*Site Selection Decisions and Phases*)

رٿا جي پرستي هيٺ هنڌن جي چونڊ وارو عمل لڏپلاڻ جي رٿابندي جي حتمي ڪاميابي لاءِ اهم آهي. زمين، روزگار، مارڪيٽ ۽ ٻين موقعن تائين پهچ سان گڏ ممڪن حد تائين رٿا جي ويجهو هجڻ

گھرجي. سماجي ۽ فني ٽيمن کي هنڌن جي چونڊن جي سلسلي ۾ بي گھر برادرين سان صلاح مشوري تحت گڏجي ڪم ڪرڻ گھرجي، جنهن ۾ نئين سرآبادڪارن لاءِ امڪاني هنڌن جي دوري فيصلا ڪرڻ جي عمل ۾ نئين سرآبادڪارين ۽ ميزبان برادرين پنهي کي شامل ڪرڻ گھرجي.

عام طور تي سائيٽ جي چونڊ ۽ ترقي جي مرحلن ۾ ڪيترائي مرحلا شامل هوندا آهن:

پهريون مرحلو: متبادل اختيارن جو جائزو ۽ هنڌن جي چونڊ مقصدد هڪ اهڙي هنڌ يا سائيٽ جي چونڊ ڪرڻي آهي جنهن بابت سمورا لاڳاپيل ڌڙا متفق هجن، خاص ڪري نئين سرآباد ڪرائيندڙ ۽ ميزبان آبادي شامل آهي.

ٻيون مرحلو: هڪ خاڪي ۽ ڊزائن تي ڪم ڪريو: پلاٽ جي سائز، هنڌ محلن وغيره اندر مختلف سهولتن تائين رسائي بابت سندن معلومات لاءِ امڪاني نئين سرآبادڪارن (عورتن سميت) کي جلد ئي شامل ڪريو ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي تاثرات لاءِ عوامي سطح تي لي آئوٽ ۽ ڊزائن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪريو.

ٽيون مرحلو: نئين هنڌ جي ترقي: سائٽ کي گڏيل سهولتن سان گڏ ۽ ترتيب ۽ خاڪي مطابق تيار ڪرڻ گھرجي. نئين سر آبادڪارن کي منتقل ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هر لحاظ سان تيار ٿيڻ گھرجي. ان کان اڳ جو کين چيو وڃي. نئين سرآبادڪارن کي اڳ ئي تعمير ٿيل ڍانچن ۾ پنهنجا گھر نئين سر اڏڻ جي اجازت هجڻ گھرجي.

چوٿون مرحلو: هنڌن جي نئين سرآبادڪارين جي ڪميٽي کي منتقلي جو عمل: هڪ ڀيرو جڏهن سمورا نئين سرآبادڪار پنهنجي گھرن ڏانهن منتقل ٿي وڃن ۽ ٻيهر اڏاوت ڪري وٺن، رٿابندي جي ۽ سوشل ٽيم کي ان سان گڏ هڪ يا 2 سال (جيڪڏهن ضرورت هجي) ڪم ڪرڻ چاهين ۽ آخر ۾ متاثرن جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙڻ گھرجي ۽ آبادڪاري جي هنڌن وٽ سندن منتقلي جي حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ گھرجي. جڏهن ته اها رٿا نئين سرآبادڪارن جي ڪميٽي جي انتظامي ۽ مالي صلاحيت ٻنهي لاءِ منتقلي ڪانپوءِ، گھٽ ۾ گھٽ پنج سالن تائين جي مدي لاءِ هنڌن جي سار سنڀال ۾ معاونت ڪندي.

10.5 ميزبان برادريون (Host Communities)

وڏي پئماني تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري جي مقامي ميزبان برادرين تمام گھڻا اثر ٿين ٿا، جهڙوڪ روزگار، سماجي خدمت، گڏيل ملڪيتن جي وسيلن جو استعمال ۽ آخر ۾ برادري جي توازن جي

صلاحيت جي بنياد تي پاڙڻ وارو عمل شامل آهي. رٿابندي جو ميزبان برادري جي بنيادي ڍانچيءَ سماجي خدمتن جي گهرجن جو اندازو لڳائڻ گهرجي ۽ ميزبان برادرين جي مدد ۽ خدمت فراهم ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ نئين سرآبادڪاري جي هنڌن تي سهوليتن جي گڏيل بنيادن تي شموليت وارو عمل شامل آهي ته جيئن ميزبان برادرين ۽ نئين سرآبادڪاري جي وچ ۾ لاڳاپن کي بهتر بڻائي سگهجي. ميزبان برادرين کي نئين سرآبادڪاري جي انتظام بابت سمورن معاملن ۾ شموليت ۽ لاڳاپيل ڌريون سمجهڻ گهرجي.

### 106 تفصيل: لڏپلاڻ ۽ نئين سرآبادڪاري

| سيريل نمبر | هدف | تفصيل | |
|---|---|---|---|
| | | ها | نه |
| 1 | ڇا ممڪن نئين سرآبادڪارن کي نئين سرآبادڪاري جي مختلف اختيارن بابت آگاهي ڏني وئي آهي؟ | | |
| 2 | ڇا نئين سرآبادڪاري جي هنڌن جي اڳ ۾ ئي نشاندهي ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 3 | ڇا نئين سرآبادڪاري لاءِ صلاح مشورا ڪيا ويا آهن؟ | | |
| 4 | ڇا خاڪي ۽ ان جي ترتيبن جي سلسلي ۾ عورتن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کان ڄاڻ حاصل ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 5 | ڇا مختصر ۽ ڊگهي مدي واريون ٻئي رٿائون آهن؟ | | |
| 6 | ڇا مختصر ۽ ڊگهي مدي جي ٻنهي رٿائن لاءِ ڪي سماجي ترقياتي فنڊ آهن؟ | | |
| 7 | ڇا غير سرڪاري تنظيمن ذريعي آمدني ۽ روزگار جي بحالي پروگرام کي لاڳو ڪرڻ ۽ ان جي رٿابندي جوڙي وئي آهي؟ | | |

## يارهون باب: آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR)

### 11.1 آمدني ۽ روزگار جي ذريعن جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جي سلسلي ۾ مدد ڇو ضروري آهي؟

نئين سرآبادڪاري رڳو ان صورت ۾ ڪامياب ٿئي ٿي جڏهن نئين سرآباد ٿيندڙ يعني متاثر زندگي جي معمول کي ٻيهر بحال ڪري سگهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي طرز زندگي کي بحال ڪري سگهن يا رٿابندي ڪانپوءِ واري مدي ۾ بهتري آڻي سگهن. ان لاءِ منصوبي جي مداخلت ۽ سٺي رٿابندي سبب وڃائجي ويل وسيلن جي بنياد (مثال طور زمين) يا آمدني پيدا ڪندڙ سرگرمين جهڙوڪ روزگار، ننڍن ڪاروبارن کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي، جنهن ۾ نئين سرآبادڪار ٿيندڙن لاءِ روزگار جي موقعن تائين رسائي، پيداواري وسيلا ۽ رٿابندي سان لاڳاپيل مدد (مثال طور عبوري ۽ گذاري وارا الائونسز) نون مقامن تي پنهنجي معيشت ۽ سماجي نظام کي ٻيهر قائم ڪرڻ جو عمل شامل آهي.

رٿابندي جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي بابت عملدرآمد واري حڪمت عملي ۾ متاثر ماڻهن جي گهرجن ۽ مهارتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ نون هنڌن تي رڪاوٽن ۽ موقعن تي ٻڌل آمدني ۽ روزگار جي رٿابندي شامل هئڻ گهرجي.

### 11.2 رٿابندي ٺاهڻ وارن لاءِ اهم سوال(Key Questions for Planners)

رٿا تحت آمدني ۽ روزگار جي ذريعن ڪهڙي ريت متاثر ڪيو آهي؟

مخلتف مثالي طبقن جي آمدني جي سطح مان ڇا مراد آهي؟

ڇا عورتون نقد آمدني ڪمائن ٿيون ۽ ڪيئن؟

متاثر ماڻهن (مردن/عورتن) جون موجوده مهارتون ڇا آهن؟

ڇا نئين سرآبادڪارن جي علائقي ۾ متبادل زمين موجود آهي؟

رٿابندي ڪهڙي قسم جو ڪم پيدا ڪندي؟

فارم کان ٻاهر متبادل روزگار لاءِ ماڻهن کي ڪهڙي قسم جي تربيت جي گهرج آهي؟
ڪيترا متاثر ماڻهو (مرد ۽ عورتون) پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهيندا؟

## 11.3 آمدني ۽ روزگار جي بحالي بابت درپيش گڏيل ڏکيائون (*Common Challenges in Designing ILR Program*)

ڪجھ ڏکيائون پاليسين جي ڪوٽ سان گڏوگڏ آمدني ۽ روزگار جي بحالي جي پروگرامن (Income and Livelihood Restoration-ILR) لاءِ رٿابندي جي طريقن سبب پيش اچن ٿيون. هڪ ڀيرو بي گهر ٿيڻ ۽ نئين سرآبادڪار ٿيڻ بعد ماڻهو ڪيترن ئي عبوري سرگرمين ۾ رڌل رهن ٿا. جن ۾ اڪثر بغير ڪنهن باقاعده آمدني ۾ مصروف رهن ٿا. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي هنڌ پهچڻ ڪانپوءِ گهٽ معاوضو ۽ مدد جي ڪوٽ سبب ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ متبادل پيداواري زمين ۽ يا روزگار جي ڳولا جي عمل کي ڏکيو بڻائي ڇڏيندي آهي. ٻين عام ڏکيائن ۾ (I) متبادل روزگار لاءِ مهارتي ڪوٽ، ايندڙ نسل جي سرگرمين ۾ ڪمزور طبقن کي نظرانداز ڪرڻ (II) مناسب بجيٽ جي ڪوٽ ۽ (III) آمدني ۽ روزگار جي بحالي جا پروگرام (Income and Livelihood Restoration-ILR) متعارف ڪرائڻ جي رٿابندي ڪرڻ جي ادارتي صلاحيت نه هئڻ جو عمل شامل آهي.

## 11.4 آمدني ۽ روزگار جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جا مرحلا

پهريون مرحلو: آمدني ۽ روزگار جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جي پروگرام جي رٿابندي لاءِ تجربيڪار غير سرڪاري تنظيمن جون خدمتون حاصل ڪريو.

ٻيون مرحلو: سمورن متاثر ماڻهن جي جنس، ڄمار، تعليم، هنر ۽ آمدني جي لحاظ سان آدمشماري/سروي ۾ رپورٽ ڪيل معاشي سرگرمين جو تجزيو ڪريو.

آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR)

ٽيون مرحلو: آدمشماري/سروي ۾ لکيل متبادل ملازمت لاءِ ترجيحن ۽ اختيارن جي نشاندهي ڪريو، جيڪڏهن ضرورت هجي ته تصديق ۽ رٿابندي لاءِ فالو اپ سروي ڪريو.

چوٿون مرحلو: لاڀ پرائيندڙن لاءِ صلاح مشوري ۽ ترجيحن جي بنياد تي ېڌل طبقاتي بحث مباحثي ذريعي آمدني پيدا ڪرڻ لاءِ سرگرمين (ترجيحن ۽ جنس جي بنياد) لاءِ گهٽا اختيار ڪتب آڻيو.

پنجون مرحلو: هڪ سماجي ترقياتي فنڊ قائم ڪريو ۽ ڊگهي عرصي تي ٻڌل بنيادن تي ننڍن ڪاروبارن جي مدد لاءِ تربيت ۽ شروعات لا فنڊز مناسب بجيٽ جي فنڊ فراهم ڪريو.

ڇهون مرحلو: آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جي پروگرام جي اداراتي مدد ۽ نگراني لاءِ هڪ فريم ورڪ تيار ڪريو.

ستون مرحلو: آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جي پروگرامن جوجائزو وٺو ۽ جتي گهرج هجي، فائدو حاصل ڪندڙ طبقن جي اضافي مدد ڪريو.

- آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي سرگرمين لاءِ رٿا، جنهن رٿا جي اڏاوتي ڪم ۾ متاثر ماڻهن جي ترجيحي ملازمت منتقلي دوران ڪمزور طبقن جي اضافي مدد ڪرڻ گهرجي.
- آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرامن ڪي عام طور 3 کان 5 سالن تائين سهڪار ۽ خدمتن جي ضرورت هوندي آهي، ان کان اڳ جو اهي قابل عمل بڻجي وڃن. جڏهن ته وڏن، مونجهاري وارن ۽ ڊگهي اثر وارين رٿائن ۾، آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پروگرامن جي عمل ڪي گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن تائين جاري رهڻ گهرجي.

115 تفصيل: آمدني ۽ روزگار جي بحالي (Income and Livelihood Restoration-ILR) جو پروگرام

| سيريل نمبر | هدف | تفصيل: ها | تفصيل: نه |
|---|---|---|---|
| 1 | ڇا آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پروگرام جا بنيادي انگ اکر مناسب تجزيي تي ٻڌل هجن. | | |
| 2 | ڇا آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرام ۾ سمورن متاثرن مستحقن لاءِ گهڻا اختيارات آهن؟ | | |
| 3 | ڇا آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرام ۾ ڪمزور طبقن لاءِ ڪو خاص پروگرام ترتيب ڏنو ويو آهي؟ | | |
| 4 | ڇا آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرام | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ۾عورتن لاءِ ڪو پروگرام آهي؟ | | |
| 5 | ڇا آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرام ۾ مختصر ۽ ڊگهي مدي جي ٻنهي قسمن جون رٿائون شامل آهن؟ | | |
| 6 | مختصر ۽ ڊگهي مدي جي ٻنهي قسمن جي پروگرام لاءِ ڪو سماجي ترقياتي فنڊ آهي؟ | | |
| 7 | ڇا غير سرڪاري تنظيمون آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پرگرام جي رٿابندي ۽ ان جي عملدرآمد واري عمل ۾ شامل آهن. | | |

## ٻارهون باب: نئين سرآبادڪاري جا ادارا ۽ عملدرآمد (Resettlement Institutions and Implementation)

نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي هڪ اهڙو موثر عمل آهي جنهن تي جيترو عملدرآمد ڪيو ويندو ان جا ايترائي فائدا ملن ٿا. نئين سرآبادڪاري جي اثرائتي انتظامن لاءِ مناسب نئين سرآبادڪاري وارن ادارن جي گهرج آهي. رٿا جا ماضي جا تجربا نئين سرآبادڪاري کي لاڳو ڪرڻ جي انتظامن جي سلسلي ۾ بنيادي طور ايجنسي ۽ سرزمين پنهي سطحن جي بنياد تي مناسب تنظيمن جي کوٽ سبب ناقص ڪارڪردگي جي نشاندهي ڪن ٿا.

12.1 ادارتي بنيادن تي پيشوراڻي تربيت سان لاڳاپيل مسئلا (Issues Concerning Institutional Capacity)

- ڇا کاتي/ايجنسي وٽ نئين سرآبادڪاري جو اڳ ۾ ڪو تجربو آهي؟
- نئين سرآبادڪاري جي ڪارروائين لاءِ موجوده ادارتي بنيادن تي ڪهڙا انتظام ڪيا ويا آهن؟
- رٿا ۽ مقامي سطح تي نئين سرآبادڪاري جي ڪاتن جي وچ ۾ گڏيل سرگرميون هڪ ٻئي سان ڪهڙي ريت سهڪاري آهن؟
- ڇا رٿا تحت نئين سرآبادڪاري يونٽ جي گهرج آهي؟
- مقامي سطح جي غير سرڪاري تنظيمون/ برادري جي سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمون نئين سرآبادڪاري بابت عملدرآمد جي سلسلي ۾ ڪهڙي ريت مدد ڪري سگهن ٿيون؟
- ڇا هتي صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ تربيت جي گهرج آهي؟

12.2 نئين سرآبادڪاري جي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙ ادارا

وسيع پئماني تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري جا ٻن قسم جا ادارا آهن.

- سڀ کان اڳ، سرڪاري ڪاتا/ايجنسيون آهن، جنهن ۾ روينيو کاتو، جهنگلي کاتو، زرعات کي هٿي وٺرائيندڙ وغير ۽ ٻيون ڪيتريون ئي لاڳاپيل ايجنسيون شامل آهن، جنهن ۾ مقامي انتظاميه به اچي وڃي ٿي، جيڪي نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين جي عملدرآمد ۽ انهن کي هم آهنگ بڻائڻ ۾ اهم ڪردارا دا ڪن ٿيون.

- ٻيون، سرزمين جي بنياد تي ٻيا سهڪاري آهن، مثال طور غير سرڪاري تنظيمون، برادري جي سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمون، رٿا تحت ڪم ڪندڙ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جون تنظيمون، شڪايتن جي ازالي جون ڪميٽيون، ڳوٺن/برادري جي سطح تي نئين سرآبادڪاري جا ڪارڪن ۽ نئين سرآبادڪاري جي نگراني ۽ جائزو ڪندڙ ايجنسيون شامل آهن.

**.12 نئين سرآبادڪاري جويونٽ قائم ڪريو**(*Establish a Resettlement Unit*)

- موثر اثرن تي ٻڌل رٿا لاءِ، نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين جي سمورن پهلوئن تي موثر طريقي سان عملدرآمد لاءِ مناسب عملي ۽ بجيٽ سان گڏوگڏ هڪ نئين سرآبادڪاري يونٽ جي گهرج پوندي.
- وڏي/مونجهاري واري ۽ جٽادار اثر وارن منصوبن جي صورت ۾، مڪمل مالي ۽ انتظامي اختيارين سان ڀرپور رٿا جي سربراهه يعني پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سان گڏوگڏ هڪ الڳ "نئين سرآبادڪاري جي يونٽ" (اهم سيڙپڪاري سان گڏ هڪ اهم رٿا) جي ضرورت پوندي.
- عام طور تي، زمين کي خالي ڪرائڻ ۽ حقيقي خانگي ڪم جي اڏاوت کان اڳ ۾ ماڻهن جي لڏپلاڻ لاءِ رٿا تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ نئين سرآبادڪاري لاءِ هڪ الڳ رٿا پهرين مرحلي ۾ قائم ڪئي وڃي ٿي.

**12.4 نئين سرآبادڪاري تي** عملدرآمد **جي سلسلي ۾ غير سرڪاري تنظيمن جو ڪردار**( Role of NGOs in Resettlement Implementation)

- تجربو رکندڙ غيرسرڪاري تنظيمون، جن وٽ ڄاڻ آهي ۽ متاثر ماڻهن/برادرين سان مختلف سرگرمين جي سلسلي ۾ رابطو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. مثال طور نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي لاڳو ڪرڻ دوران بنيادي ڄاڻ يا انگ اکر سهيڙڻ، ڄاڻ واري مهم، رٿابندي ۽ آمدني پيدا ڪندڙ سرگرميون منعقد ڪرڻ وارو عمل شامل آهي.
- غير سرڪاري تنظيمون عورتن ۽ پٺتي پيل طبقن ۽ صفني، غربت ۽ برادري جي ترقي جهڙن شعبن ۾ وڌيڪ موثر ۽ ڪفايت سان خدمتن جي فراهمي لاءِ پڻ مناسب حق ۾ آهن.
- حڪومت سان وٽ رجسٽرڊ غير سرڪاري تنظيمن جون خدمتون حاصل ڪريو، جيڪي سٺي ساک رکندڙ آهن ۽ سماجي ترقي جي سرگرمين ۾ تجربو پڻ آهي.

**5.12 عملي جي تربيت ۽ پيشوراڻين صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ جو عمل (Staff Training and Capacity Building)**

- عملي جي ترقي، تربيت ۽ پيشورانين صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ جي عمل کي بجيٽ ۾ نظر رکو.
- مقامي ادارن ۽ ماهرن پاران مختصر مدي تي ٻڌل نئين سرآبادڪاري جي انتظامن جي تربيت ۽ ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جي رٿا
- رٿا جو عملو نئين سرآبادڪاري جي ڪامياب رٿائن جي سلسلي ۾ ملڪ اندر يا ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي اهم ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو.

**6.12 نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي بابت سهڪاري ڪميٽيون (Resettlement Coordination Committees)**

- نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي سلسلي ۾ مقامي سطح تي رابطي يا سهڪاري ڪميٽيون (Resettlement Coordination Committees) قائم ڪريو، ان سلسلي ۾ مڪاني ادارن جي نمائندن، چونڊيل عهديدارن، غير سرڪاري تنظيمن، متاثر ماڻهن/عورتن جي نمائندن، رٿابندي جي عملي ۽ ٻين لاڳاپيل فردن تي ٻڌل صلاح مشوري، شموليت ۽ عملدرآمد جون سرگرميون شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ سهولت فراهم ڪريو.
- اهي ڪميٽيون ڳوٺن، تعلقن ۽ رٿا جي سطح تي قائم ڪري سگهجن ٿيون.
- مقامي ڪميٽيون رٿا تي عملدرآمد ۽ موثر طريقي سان نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ تمام گهڻو ضروري آهن.

**17. شڪايتن جي ازالي جون ڪميٽيون (Resettlement Coordination Committees)**

- نئين سرآبادڪاري جي فائدن تي ٻڌل ۽ تڪرارن جي حل، شڪايتن جي ازالي جون ڪميٽيون قائم ڪريو.
- رٿا جي قسمن تي دارومدار هجي ٿو، ڄاڻايل ڪميٽين جا ڪيترائي درجا ٿي سگهن ٿا.
- نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي کي واضح طور شڪايتن يا تڪرارن جي حل جي ڪميٽين جي اختياري طريقيڪار جي وضاحت ڪرڻ گهرجي.

12.8 **تفصيل: نئين سرآبادڪاري ۽ ان تي عملدرآمد ڪرائيندڙ ادارا** (Resettlement Institutions and Implementation)

| تفصيل | | هدف | سيريل نمبر |
|---|---|---|---|
| نه | ها | | |
| | | ڇا عملدرآمد ۽ نگراني لاءِ نئين سرآبادڪاري جو هڪ مناسب يونٽ قائم ڪيو ويو آهي؟ | 1 |
| | | ڇا غيرسرڪاري تنظيمن ۽ برادري جي سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمن ڪي رٿابندي ۽ عملدرآمد جي سمورن مرحلن تي شامل ڪيو ويو آهي؟ | 2 |
| | | ڇا نئين سرآبادڪاري بابت رابطن يا سهڪاري ڪميٽيون قائم ڪيون ويون آهن؟ | 3 |
| | | ڇا شڪايتن جي ازالي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڪميٽيون اڳ ۾ ئي قائم ڪيون ويون آهن؟ | 4 |
| | | ڇا تربيتۓ پيشوراڻين صلاحيتن ڪي وڌائڻ لاءِ ڪي انتظام ڪيا ويا آهن؟ | 5 |

## تيرهون باب: نگراني ۽ جائزو (Monitoring and Evaluation)

اڳيرائي جا قدم، نئين سرآبادڪاري جي نگراني، نظرثاني ۽ جائزي جو عمل رٿا جي تسلسل جا معياري طريقا آهن. نگراني جي انتظامن کي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي جي اشارن ۽ طريقن جي فهرست مطابق غور ڪرڻ گهرجي، ۽ نگراني ۽ جائزي جي سمورن پهلوئن تي باقاعدارپورٽون تيار ڪرڻ گهرجي.

### 13.1 نئين آبادڪاري جي نگراني، نظرثاني ۽ جائزو( *Resettlement monitoring, Review and Evaluation*)

نئين سرآبادڪاري جي جائزي (*Resettlement review*) لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي بابت ٿيندڙ اڳيرائي جي اطلاع لاءِ سرزمين جي بنياد تي انگ اکر جمع ڪرڻ ۽ تجزيي جي ضرورت پوي ٿي. نگراني جسماني/مالي هدفن ۽ معاوضي جي پيڪيجز جي فراهمي ۽ لڏپلاڻ جي رٿائن تي ٻڌل آهي. اهو عمل عام طور تي رٿا تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسي ذريعي ماهوار بنياد تي سرانجام ڏنو وڃي ٿو.

نئين سرآبادڪاري جي نگراني (*Resettlement Monitoring*) باقاعدگي سان ٿئي ٿي، خاص طور تي رٿا تي عملدرآمد دوران وچولي مدي جي بنياد تي اڳيرائي جي نظرثاني لاءِ ۽ جيڪڏهن ضرورت هجي ته نئين سرآبادڪاري جي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪنهن به ڪمزوري جي خاتمي لاءِ، ڪنهن وچولي ڪورس جي اصلاح جو فيصلو ڪيو وڃي ٿو. جتي گهربل هجي، جيڪڏهن ضرورت هجي ته اثرن جي گهٽتائي لاءِ رٿائون جوڙيو.

نئين سرآبادڪاري جي جائزي جو عمل نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد دران ۽ ان کانپوءِ ورتو وڃي ٿو. ان جو مقصد اهو جائزو وٺڻ هوندو آهي ته آهي ڇا نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت بيان ڪئي وئي آهي يا نه، خاص طور تي اهو جائزو وٺڻ آهي ته متاثر ماڻهن جي آمدني ۽ روزگار جي ذريعن ۽ زندگي جي معيارن کي بحال ڪيو ويو يا وڌايو ويو آهي يا بحال ناهي ڪيو ويو.

### 13.2 اندروني ۽ ٻاهرين نگراني

داخلي نگراني نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين تحت سرانجام ڏني ويندي آهي. مثال طور معاوضي جي ادائيگي، نئين سرآبادڪاري جي هنڌ جي نشاندهي، صلاح مشوري، شڪايتن ملندڙ سهولتن جي نگراني، مقرر ڪيل مدي ۽ بجيٽ ڪي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي تحت مقرر ڪيو ويو آهي.جائزو وٺندڙ اسسٽنٽ پاران نئين سرآبادڪاري جي رٿا ذريعي سماجي ۽ نئين سرآبادڪاري جي ماهرن ذريعي نگراني ڪئي وڃي ٿي. ڪنهن به اڳيرائي جو پتو لڳائڻ لاءِ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد جي حڪمت عملي تحت تفصيلن تي ٻڌل چارٽ جي حل لاءِ نگراني جي پهلوئن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي.

جامع چاڻ ڪي يقيني بڻائڻ لاءِ ٻاهرين نگراني جو عمل هڪ اڻ ڌرئي، آزاد ايجنسي ۽ ماهر پاران سرانجام ڏنو وڃي ٿو. ان ڏس ۾ 11 اهم پهلوئن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. (I)اندروني نگراني جي نتيجن جي تصديق ڪرڻ، (II)اهو اهو جائزو وٺڻ ته ڇا نئين سرآبادڪاري جا مقصد حاصل ٿي ويا آهن يا ناهن ٿيا. (III)اهو پتو لڳائڻ ته ڇا نئين سرآبادڪاري جا حق مناسب هئا؟ (IV)نئين سرآبادڪاري جي ڪارڪردگي تاثير، اثر ۽ جٽاداري جو اندازو لڳائڻ ۽ (V) مستقبل جي رهنمائي لاءِ سکيا حاصل ڪيل سبق جو عمل شامل آهي.

133 نگراني ۽ جائزي جي عمل ۾ متاثر ماڻهن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي شموليت (*Participation of APs/NGOs in M&E*)

متاثر ماڻهن/ميزبان برادرين ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي شموليت جو عمل نئين سرآبادڪاري جي ڪمن ۾ پيدا ٿيندڙ روذمره جي مسئلن ڪي حلد ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. شموليت جي عمل تي ٻڌل نگراني ۽ جائزي جي تربيت ۽ عملدرآمد جي سلسلي ۾ مقامي اهم ڪردار ادا ڪندڙن ڪي شامل ڪري پروگرام جي ڪارڪردگي ڪي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

شموليت جي عمل تي ٻڌل فوري اندازو لڳائڻ جي عمل جي فني مهارتن ڪي ڪتب آڻي متاثر ماڻهن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي نئين سرآبادڪاري جي نگراني ۽ عملدرآمد جي سلسلي ۾ شموليت ڪي هٿي وٺرائي سگهجي ٿي.

13.4 شموليت جي عمل تي ٻڌل نگراني ۽ جائزي جا مرحلا(Steps in Participatory M&E)

شموليت تي ٻڌل نگراني ۽ جائزي ۽ نئين سرآبادڪاري جي حقيقي بنيادن تي اثرن لاءِ هيٺ ڄاڻايل مرحلن تي عمل ڪريو.

پهريون مرحلو:- اهم ڄاڻ رکندڙن کان انٽرويو: مقامي اڳواڻن، متاثر ماڻهن، غير سرڪاري تنظيمن، مقامي ماهرن، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسي/سرزمين جي بنياد تي ڪم ڪندڙن مان چونڊ ڪيل گروپن سان نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين، اڳڀرائي ۽ رٿابندي جي فراهمي جي سلسلي ۾ درپيش ڏکيائن بابت انٽرويو وٺو.

ٻيون مرحلو: اوليتي بنيادن تي ٽولن تي ٻڌل بحث مباحثا(FGDS): معاوضي جي ادائيگين، نئين سرآبادڪاري جي ڪمن جي معيار، خدمتن ۽ روزگار جي ذريعن وغيره جي مخصوص گروپن (مثال طور ميزبان آبادي، عورتن، ڪمزور طبقن) سان ڳالهيون ڪريو.

ٽيون مرحلو: گهرائي سان تحقيقي اڀياس: نئين سرآبادڪارن/ميزبان آباداري ۽ متاثر ماڻهن جي مختلف ذمرن (عنوان وارن ۽ بنا عنوان وارن عورتن، ڪمزورن) جا گهرائي سان انٽرويو ورتا وڃن ته جيئن لڏپلاڻ جي عمل ۽ سندن لڏپلاڻ ڪانپوءِ جي تجربي بابت سندن رد عمل جو اندازو لڳائڻ گهرجي. ڇا اهي نئين سرآبادڪاري جي متاثرن کي ملندڙ سهوليتن مان مطمئن آهن ۽ سندن ملندڙ سهڪاري خدمتون مناسب هيون؟

چوٿون مرحلو: برادري جي سطح تي عوامي گڏجاڻيون: رٿا جي هنڌ تي کليل عوامي گڏجاڻيون منعقد ڪريو ته جيئن نئين سرآبادڪاري جي مختلف سرگرمين، سندن ڪارڪردگي ۽ اثرن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي. جتي ضرورت هجي اتي متاثرن جي متاثر ٿيڻ واري عملن جي اثرن جي گهٽتائي ۽ سڌاري جي سلسلي ۾ ملندڙ شڪايتن جي فهرست ترتيب ڏني وڃي.

پنجون مرحلو: مختصر ۽ غير رسمي سروي: نئين سرآباڪارن ۽ ميزبان آبادين، نئين سرآبادڪاري جي عملي ۽ مقامي چونڊيل عهديدارن وچ ۾ نئين سرآبادڪاري جي عمل جي ڪارڪردگي لاءِ مختصر ۽ غير رسمي سروي ڪريو.

### 13.5 تفصيل: نگراني ۽ جائزي جا مرحلا (*Checklists- Monitoring and Evaluation*)

| سيريل نمبر | هدف | تفصيل ها | تفصيل نه |
|---|---|---|---|
| 1 | ڇا داخلي نگراني لاءِ وسيلا ۽ فنڊن سان گڏوگڏ رٿا جي سطح | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | تي نگراني ۽ جائزي جو نظام قائم ڪيو ويو آهي؟ | | |
| 2 | ڇا ابتدائي طور رٿا جي بنياد تي عملو موجود آهي؟ | | |
| 3 | ڇا نگراني ۽ جائزي جي طريقيڪار ۾ متاثر ماڻهن/نئين سرآبادڪارن جي طبقن جي شرڪت وارو عمل شامل ڪيو ويو آهي؟ | | |
| 4 | ڇا نگراني جي هدفن ۽ اشارن جي اڳ ۾ ئي نشاندهي ڪئي وئي آهي؟ | | |
| 5 | ڇا اڻ ڏرئي/ٽئين ڌر جي نگراني لاءِ حوالي جي بنياد تي شرط تيار ڪيا ويا آهن؟ | | |

## پهريون ضميمو: ڪيس جي قانون جو قانوني تجزيو (Annex 1: Legal Analysis of Case Laws)

I. جائزو ۽ بحث (Overview and Discussion)

1. اهو مختصر نوٽ ۽ تجزيو خاص طور سنڌ صوبي ۾ حدخلين ۽ قبضي جي سوال بابت تازن ۽ ويجهڙائي سان تعلق رکندڙ فيصلن تي ٻڌل آهي. ڪيسن جي سلسلي ۾ ڪتب آندل حوالا انهيءَ دستاويز جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن.

2. انهن فيصلن ۾ جن ۾ اهم سوالن تي ڌيان ڏنو ويو آهي. انهن ۾ سهولتن، عوامي استعمال لاءِ مختص زمين جي نوعيت کي تبديل ڪرڻ جا اختيار، غير مجاز اڏاوتن ۽ اهڙي قسم جي غير مجاز اڏاوتن جو خاتمو شامل آهي. عدالتي فيصلي ۾ زمين جي غير مجاز استعمال کي روڪڻ لاءِ حڪومت/رياست جي ذميواري تي ڌيان ڇڪايو آهي. جڏهن ته انهن فيصلن ۾ ڪا به شئي حڪومت کي حدخلين جي مشن کان متاثر ٿيندڙن جي بحالي ۽ نئين سرآبادڪاري کان نٿي روڪي.

3. عدالتي فيصلن کي نظر ۾ رکندي حدخلين جي سوالن کي پرکڻ جو تصوراتي قانوني بنياد اهو آهي ته حڪومت جي ذميواري آهي ته ڪيس بنيادي اصولن طور زمين جي غير مجاز استعمال کي روڪڻ گهرجي نه ڪي انفرادي غير رسمي آبادڪارين (انهي پاليسي ۾ موجود ڏنل ڇوٽ وارن ۽ لاڳو ٿيڻ قانونن) کي روڪيو وڃي.

4. گهڻن واقعن ۾ عدالتن پاران متاثر ماڻهن جي بحالي ۽ نئين سرآبادڪاري جي حوصلا افزائي ڪندي هدايت ڪئي آهي (جنهن ۾ ڪراچي ۾ حدخلين جي خاتمي بابت ڪارروائي ۾ CMAنمبر242 K/2018-سپريم ڪورٽ) جو واضح مثال آهي.

5. عدالتي فيصلا زمين جي حاصلات واري قانون 1894ع، سنڌ جي حدخلين جي خاتمي واري قانون 2010ع ۽ ٻين وفاقي، صوبائي ۽ مڪاني قانونن تي ٻڌل آهن جيڪي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري سوال تي خاموش آهن.

6. ماضي ۾ سپريم ڪورٽ پاران هڪ ڪيس (SCMR 12472004 ) ۾ قرار ڏنو آهي ته زمين جي حاصلات واري قانون 1894ع جي سيڪشن 31 (B) تحت رقم جي معاوضي جي عيوض متبادل ايراضي جي دعويدارن کي قانون تحت ائين ڪرڻ جو حق ناهي. متبادل ور ڪنهن ٻي زمين جي منتقلي ذريعي معاوضو ڏنو ويندو. جڏهن ته انهيءَ سان پڻ نوان استحقاق پيدا ڪرڻ ۾ ڪا به رنڊڪ نٿي بڻجي.

7. نئين سر آبادڪاري ۽ بحالي پاڪستان ۾ ڪنهن به قانون خلاف ناهي. موجوده قانونن جي وصف اسلامي جمهوريه پاڪستان 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 268 (7) تحت ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ سمورا قانون (آرڊيننسز، آرڊرز ان ڪائونسل، آرڊرز، رولز، بائي لاز، ريگوليشنز ۽ هاءِ ڪورٽ پران قائم ڪيل ليٽرز پيٽنٽ) شامل آهن. ان ڪان علاوه ڪنهن به نوٽيفڪيشن ۽ قانون جي سگهه رکندڙ قانوني اوزار جيڪي آئين جي لاڳو ٿيڻ سان (آئين جي آرٽيڪل 2/265 مطابق 14 آگسٽ 1973ع جي ڏينهن کان آغاز ٿيو) پاڪستان ۽ ان جي ڪنهن به حصي ۾ علائقي جي افاديت کان هٽي ڪري لاڳو هوندو ۽ اهو ابتدا کان ئي فورن لاڳو هجڻ سان گڏوگڏ آئين ۽ قانون موجب پڻ آهي.

II. صلاح مشوري تي ٻڌل حوالا (References Consulted)


*2022 S C M R 152 [Supreme Court of Pakistan] Present: Gulzar Ahmed, CJ, Ijaz ul Ahsan and Qazi Muhammad Amin Ahmed, JJ NIAMATULLAH KHAN ADVOCATE and others---Petitioners/Appellants Versus FEDERATION OF PAKISTAN and others---Respondents*

*2022 S C M R 133 [Supreme Court of Pakistan] Present: Gulzar Ahmed, CJ, Ijaz ul Ahsan and Qazi Muhammad Amin Ahmed, JJNIAMATULLAH KHAN ADVOCATE and others---Petitioners/Appellants Versus FEDERATION OF PAKISTAN and others---Respondents*

*2022 S C M R 105 [Supreme Court of Pakistan] Present: Gulzar Ahmed, CJ, Ijaz ul Ahsan and Qazi Muhammad Amin Ahmed, JJ NIAMATULLAH KHAN ADVOCATE and others---Petitioners/Appellants Versus FEDERATION OF PAKISTAN and others---Respondents*

*2020 S C M R 1474 [Supreme Court of Pakistan] Present: Gulzar Ahmed, CJ, Faisal Arab and Ijaz ul Ahsan, JJ NAIMATULLAH KHAN ADVOCATE and others---Petitioners Versus FEDERATION OF PAKISTAN and others---Respondents*

*P L D 2013 Supreme Court 443 Present: Iftikhar Muhammad Chaudhry, CJ.Jawwad S.Khawaja, Khilji Arif Hussain, Amir Hani Muslim and Ejaz Afzal Khan, JJ SUO MOTU CASE NO.16 OF 2011 ALONG WITH CMAs (Implementation proceedings of Judgment of this Court reported as PLD 2011 SC 997)*

*1988 C L C 2169 [Lahore] Before Lehrasap Khan, J NADIR ALI—Petitioner versus BOARD OF REVENUE—Respondent Writ Petition No.3060 of 1985, decided on 31st January, 1988.*

*Colonization of Government Lands (Punjab) Act (V of 1912)--*


(ڪيسن ۽ فيصلن جا تفصيل موجود آهن. اهي وڏا قانوني دستاويز آهن جيڪي درخواست جي بنياد تي فراهم ڪري سگهجن ٿا.

**پيون ضميمو(Annex 2)**

## نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي بابت پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي تياري لاءِ حوالن تي پڌل شرطن جو نمونو(A Sample TOR for RAP Preparation)

I۔ عام مقصد

1. انهي پاليسي جو مقصد سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي-2023ع جي اصولن ۽ رهنما هدايتن تي پڌل عملدرآمد واري حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ آهي. ماهرن کان اها توقع ڪجي ٿي ته اهي سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي-2023ع سان گڏوگڏ ايشيائي ترقياتي بئنڪ ۽ عالمي بئنڪ جهڙن عالمي عالمي سطح جي مالياتي ادارن جي پاليسي کان پڻ آگاهه هوندا.
2. سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي (RAP) جي منفي اثرن ۾ گهٽتائي ۽ رٿا تحت زمين جي حاصلات کان متاثر ۽ بي گهر ٿيندڙن جي زندگي جي معيار کي برقرار رکڻ ۽ يا بهتر بڻائڻ لاءِ مستحقن لاءِ پيڪيج جي معيارن، صلاح مشوري جي طريقيڪار، ادارتي فريم ورڪ، شڪايتن جي حل، ٽائم فريم ۽ لاڳت جو ڪاٿو لڳايو ويندو.
3. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) تحت زمين جي حاصلات واري قانون 1894ع جي قانون تي غور ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي-2023ع جي پاليسي جي مقصد ۽ رٿائن جي سلسلي ۾ مالي سهڪار جي لاڳاپيل پاليسين تي غور ڪيو ويندو، جيڪو اهڙي رٿا کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ فنڊ فراهم ڪرڻ جي عمل ۾ شامل آهن.

II **هدف ۽ ڪم جو دائرو (Task and Scope of Work)**

4. هيٺ ڄاڻايل هدف رٿا جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) جي تياري لاءِ ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم جي مجموعي گنجائش واري عمل کي ترتيب ڏين ٿا.

5. رٿا جي نقشن ۽ رٿا جي علائقن ۽ اهڙين برادرين کان مڪمل طور آگاهه هجن جو رٿا جي مداخلت سبب متاثر ٿيا آهن.
6. زمين جي حاصلات ۽ نئين سرآبادڪاري جي اثرن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪرڻ لاءِ رٿابندي قائم ڪندڙ ٽيم ذريعي ڪنيل دستاويزي قدم، جتي به نافذ ڪرڻ جي قابل هجن، ان لاءِ اختيارات تيار ڪريو ۽ مقامي برادرين سان صلاح مشوري جي بنياد تي رٿا جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ فني مهارتون رکندڙ ٽيم سان ڳالهايو.
7. مقامي سطح تي لاڳاپيل ڌرين سميت ڪمزور طبقن جي نشاندهي لاءِ شموليتي بنيادن تي فوري چڪاس ڪريو. مثال طور انتهائي غريب (جيڪي غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاري رهيا آهن)، اهي ماڻهو جيڪي رسمي عنوانن کان بغير آهن غريب گهراڻن جي سربراهي ڪندڙ عورتون، معذور فرد جن کي خصوصي مدد جي ضرورت پئجي سگهجي ٿي.
8. رٿا جي نقشن مطابق ممڪن حد تائين متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي آدمشماري ڪرايو ۽ نئين سرآبادڪاري جي امڪاني اثرن/خطرن جا دائرا ۽ وسعتون طئي ڪريو، جنهن ۾ انفرادي گهراڻن جي اثاثن جو نقصان پڻ شامل آهي.
9. هڪ حتمي تاريخ مقرر ڪريو ۽ متاثر برادرين کي مقرر ڪيل تاريخ بابت آگاهي ڏيو.
10. وڌيڪ تفصيلي انگن اکرن لاءِ متاثر 20 کان 25 گهراڻن جي نمونن جي سماجي ۽ معاشي سروي ڪريو ۽ ان ۾ آمدني، خرچ، پيشوراڻي ۽ روزگار جي نمونن، گڏيل ملڪيتن جي وسيلن جو استعمال، رشتيداري/ سماجي و معاشي بنياد، سماجي تنظيم، قيادت جا نمونا، سماجي ثقافتي نظامن بابت ڄاڻ رکو.
11. اثاثن جي چڪاس ۽ مڪمل متبادل ڪاٿو، آمدني ۽ روزگار جي ذريعن جي بحالي، غير رسمي آبادڪارن جي لڏپلاڻ جي سلسلي ۾ مدد، لڏپلاڻ جي ضرورتن ۽ ميزبان برادرين سان گڏ صلاح مشوري سميت نئين سرآبادڪارن جي چرپر ۾ مدد، لڏپلاڻ جي ضرورتن ۽ ميزبان برادرين سان گڏ صلاح مشوري سميت نئين سرآبادڪاري لاءِ چونڊ بابت سمورن پهلوئن بابت لاڳاپيل رٿا تي عملدرآمد ڪندڙ ايجنسين سان صلاح مشورو ڪريو.
12. نئين سرآبادڪاري جي جامع تفصيلن تي ٻڌل هڪ چارٽ تيار ڪريو ۽ قابليت ۽ لاڳو ڪرڻ جي مقصد جي سلسلي ۾ عملدرآمد جي رهنما اصولن کي واضح طور بيان ڪريو.

13. متاثر ماڻهن ۽ برادرين سان مشوري سان گڏ نئين سرآبادڪاري لاءِ ڪيترائي آپشنز تيار ڪريو، جنهن ۾ ڪمزور طبقن لاءِ مخصوص قدمن جو عمل پڻ شامل آهي.
14. متاثر عورتن ۽ ڪمزور طبقن جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي ممڪن روزگار جي ذريعن ۽ تربيتي پروگرام جي نشاندهي ڪريو.
15. رٿا جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙ ايجنسي سان صلاح مشوري سان گڏوگڏ مقرر ڪيل ذميوارين سان گڏ نئين سرآبادڪاري لاڳو ڪرڻ بابت انتظام ڪريو.
16. شڪايتن جي حل ۽ اپيل جي طريقيڪار لاءِ حڪمت عملي جوڙيو.
17. مالي معاملن لاءِ اشارا، بجيٽ ۽ انتظامن کي ترتيب ڏيو، نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي هر هڪ پهلو تي بڌل لاڳت جا ڪاٿا شامل ڪريو ۽ چڪاس جي طريقن ۽ يونٽ جي شرح جي وضاحت ڪريو. بنيادي سهولتن سان گڏوگڏ نئين سرآبادڪاري سائيٽ جي ترقي بابت لاڳاپيل خرچ شامل ڪريو ۽ تجويز ڪيل آبادڪاري جي هنڌن جو ابتدائي خاڪو پڻ شامل ڪريو.
18. نگراني ۽ جائزي جو سرشتو جوڙيو، ذميوارين ۽ مقرر عرصي کي ترتيب ڏيو ۽ ٻاهرين ۽ داخلي ۽ آزاد نگراني ۽ جائزي لاءِ ڪجھ اهم اشارن کي شامل ڪريو.

### III ٽيم جو قيام ۽ اهليت (Team Composition and Qualifications)

19. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جي ٽيم کي گهڻ ضابطا رکندڙ هجڻ گهرجيۦ ان ۾ نئين سرآبادڪاري، روزگار ۽ صنفي يا سماجي ترقي جا ماهر شامل آهن. بهرحال صلاح مشوري واري ٽيم جي چونڊ ڪرڻ گهرجي جنهن وٽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي، نئين سرآبادڪاري جي رٿابندي جي مقصدن لاءِ سرشار ماهرن جي ٽيم هجڻ گهرجي.
**20.** ٽيم ۾ انهن کي شامل ڪرڻ گهرجي (الف) جنهن ۾ ٽيم جي اڳواٽي ڪندڙ نئين سرآبادڪاري ۾ مهارت رکندڙ ماهر، (جنهن جي سماجي سائنس ۾ ماسٽر/ پي ايچ ڊي ڪيل هجي ۽ 15 سالن جو نئين سرآبادڪاري بابت تجربو هجي)، (ب) معاشي ماهر (سماجي سائنس ۾ ماسٽر ڊگري ڪيل هجي، معاشيات واري کي ترجيح ڏيڻ گهرجي معاشيات جي ماهر/سرزمين جي بنياد تي ڪم جو تجربو هجي) ۽ صنفي/سماجي ترقي جو ماهر (سماجي سائنسز ۾ ماسٽر سان گڏوگڏ 10 سالن جي ڪم جي تجربي

سان گڏ، جنهن ۾ برادري کي سرگرم بڻائڻ ۽ ترقياتي پروگرامن ۾ شموليت وارو عمل شامل آهي).

(IV) وقت جو دائرو ۽ فراهمي جي قابليت (Time Frame and Deliverables)

21. ڪنسلٽنٽ کي متحرڪ ٿيڻ جي تاريخ کان ڇهه مهينن اندر نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي جو مسودو فراهم ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ضرورت هجي ته الڳ الڳ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي رٿا ۽ صنفي بنيادن تي عملدرآمد واري رٿا تيار ڪرڻ گهرجي.

22. نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عمليءَ ۾ پيش رٿائن جا حتمي مسودا 9 مهينن تائين جمع ڪرايا وڃن. ڪنسلٽنٽس پاران سمورن تبصرن سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي. نظرثاني ٿيل نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي ۾ پيش رٿائن سان گڏ الڳ الڳ تبصرا/جوابي چارٽ جمع ڪرائڻ گهرجن.

## ٽيون ضميمو(Annex 3)

## آمدني، روزگار ۽ بحالي جي پروگرام جا حوالي تي پڙل شرطن جو نمونو

## (A Sample TOR for ILR Program)

### I. عام مقصد (General Objectives)

آمدني ۽ روزگار جي بحالي جي پروگرام جو بنيادي مقصد جتي ممڪن هجي. لڏپلاڻ ڪانپوءِ جي دورن ۾ متاثر ماڻهن جي آمدني جي سطح کي بحال ڪرڻ ۽ بهتر بڻائڻ آهي. آمدني ۽ روزگار جي ذريعي جي بحالي جي پروگرام لاءِ پيڙو طريقو اختيار ڪيو ويندو. رٿا بابت اعلان ۽ امداد جي صورت ۾ مختصر مدتي مدد سان متاثر گهراڻن کي فوري رليف ملندو ته جيئن لڏپلاڻ دران سندن روزگار جي بحال جون گهرجون پوريون ٿي سگهن، جڏهن ته ڊگهي عرصي تي پڙل نقطه نظر تحت متاثر گهراڻن لاءِ جٽادار بنيادن  تي روزگار جي ذريعي کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويندو. اهي حوالن تي پڙل شرط تجربيڪار قومي سطح جي غير سرڪاري تنظيمن جي لاءِ شموليت لاءِ آهن ته جيئن جٽادار آمدني جي بحالي ۽ اضافي جي سلسلي ۾ هڪ ڊگهي عرصي تي پڙل آمدني ۽ روزگار جي بحالي جي پروگرام کي ترتيب ڏئي لاڳو ڪري سگهجي.

### II مخصوص مقصد (Specific Objectives)

مخصوص مقصدن کي هيٺ بيان ڪيو ويو آهي:

(I) روزگار جي امڪاني ذريعي جي موقع جي نشاندهي جيڪو هدف ڪيل آبادي کي تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهجي.

(II) عمل جوڳن پروگرامن جي رٿابندي ڪرڻ ته جيئن هدف ڪيل آبادي کي انهن موقعن تائين پهچ جي عمل ۾ مدد ملي سگهي.

(III) هدف ڪيل آبادي، مقامي، غير سرڪاري تنظيمن ۽ مارڪيٽ تائين رسائي، هنر جي تربيت ملازمتن ۽ پيدوار لاءِ سرڪاري ۽ نجي شعبي وچ ۾ ممڪن حد تائين شموليت جون سهولتون فراهم ڪرڻ

(IV) هدف ڪيل آبادي جي روزگار جي ذريعي آمدني پيدا ڪرڻ واريون سرگرميون شروع ڪرڻ لاءِ سيڙپ جي مدد جي سهولت فراهم ڪرڻ

(V) هدف ڪيل آبادي ذريعي ڪاروباري رٿابندي، انتظامن ۽ معمول کي برقرار رکڻ لاءِ فني مهارتن تي ٻڌل مدد فراهم ڪريو.

## III ڪم جو دائرو (Scope of Work)

آمدني، روزگار جي ذريعي ۽ بحالي جي پروگرام تي عملدرآمد لاءِ هيٺ ڄاڻايل سرگرمين لاءِ آمدني، روزگار جي ذريعي جي پروگرامن بابت سٺي ساک رکندڙ هڪ تجربيڪار غير سرڪاري تنظيم جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن.

(الف) موجوده روزگار جي طرز ۽ موقعن بابت بنيادي انگن اکرن جو جائزو وٺو ۽ عمر ۽ صنف جي لحاظ کان متبادل پيشن ۽ روزگار جي سرگرمين جو ترجيحن جو جائزو وٺو.

(ب) روزگار جي ضرورتن ۽ مطالبن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي جي سطح تي ننڍي ننڍي ٽولن جي بنياد تي گڏجاڻيون منعقد ڪريو

(ٻ) متبادل پيشن ۽ تربيت جي گهرجن ۽ هدف ڪيل ٽولن جي ڪمزورين جي ابتدائي اپياس کي ترتيب ڏيو ۽ ان تي عمل ڪريو.

(ڀ) زراعت کي هٿي وٺرائڻ/ سڌاري جي امڪانن جو جائزو وٺو، جنهن ۾ فصل جي پوکائي لاءِ روڪ رقم، پوکائي وغيره جيئن مناسب هجي.

(ت) قومي انگ اکر جمع ڪريو ۽ ان مسئلي تي ضلعي سطح جي اپياس کي شامل ڪري پورهيتن جي مارڪيٽ جي امڪانن ۽ موقعن جو اندازو لڳايو.

(ٿ) رٿا جي اڏاوت جي عمل ۾ روزگار جي اختياري موقعن لاءِ متاثر گهراڻن جي ڪارڪنن جي نشاندهي ڪريو.

(ٽ) آمدني، روزگار جي ذريعن جي بحالي طور رٿا جي حصي طور گرانٽ جي بنياد تي تربيت ۽ سيڙپڪاري لاءِ فردن يا روزگار جي ٽولن لاءِ ننڍيون رٿائون تيار ڪريو.

(ٺ) بنا هنر رکندڙ ۽ هنرمند پورهيتن جي تلاش ۾ ايجنسين ۽ يا ڪمپنين جي فهرست تيار ڪريو ۽ فهرست ۾ مستقل بنيادن تي (گهربل تبديليون وغيره) اپ ڊيٽ ڪندا رهو.

(ث) ڪاروباري رٿا تيار ڪريو، سيڙپڪاري جي مدد ڪريو ۽ خريدارن ۽ ٻاهرين ڪاروبارن، عمل جوڳن پيشن ۽ واپاري ۽ پيداواري کي مربوط بڻائيندڙن آمدني پيدا ڪندڙ سرگرمين جي نگراني ڪريو.

(پ) عالمي خريدارن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي نشاندهي ڪريو ۽ انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو جيڪي متاثر برادرين، نئين سرآبادڪاري جي ماڳن/ميزبان علائقن جي ڪاروباري ۽ ڪاريگرن کان هٿ جي هنرن، ڪپڙن ۽ زرعي اسمن جي خريداري جي چونڊ ڪري سگهن ٿا.

(ج) رٿا جي علائقن ۾ مقامي حڪومت ۽ غير سرڪاري تنظيمن ذريعي هلائيندڙ موجوده روزگار جي پروگرامن ۽ امدادي خدمتن ذريعي لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ متاثر فردن/عورتن جي گروپ جي نشاندهي ڪريو ۽ کين مدد فراهم ڪريو.

(ڄ) آمدني، روزگار جي بحالي جي پروگرامن تي ٻڌل ٽه ماهي رپورٽون تيار ڪريو ۽ خامين جو جائزو وٺو ۽ سڌاري لاءِ قدمن کي واضح ڪريو.

### IV ٽيم جو قيام ۽ اهليت (Team Composition and Qualifications)

آمدني ۽ روزگار جي بحالي جي پروگرام کي اثرائتي انداز ۾ لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ روزگار جي چڪاس، روزگار پيدا ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري تي مهارت رکڻ بنيادي گهرجون آهن. بهرحال چونڊيل غير سرڪاري تنظيم وٽ رٿا جي جوڙجڪ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ماهرن جي هڪ ٽيم هجڻ گهرجي. ٽيم ۾ (الف) ٽيم جي اڳواڻي ڪندڙ جي سماجي ترقي ۾ ماهراڻي تعليم رکندڙ (اسپيشلسٽ) هجي (جنهن ۾ ڊيولپمينٽ اسٽڊيز/مئنيجمينٽ ۾ ماسٽرز ڪيل، معاشي ماهر جي حيثيت سان 10 سال سوشل ڊيولپمينٽ اسپيشلسٽ طور هجڻ گهرجي)، (ب) ماهر معاشيات (سماجي سائنس ۾ ايم اي ڪيل هجي جنهن ۾ معاشيات ۾ ڪندڙ کي ترجيح ڏني ويندي، ڪيس 10 سالن جو پروجيڪٽ/سرزمين جي بنياد تي ماهر جي حيثيت سان تجربو رکندڙ هجي)، (ٻ) زرعي توسيع/تربيتي ماهر (ايم ايس سي سان گڏ

زراعت جي شعبي ۾ 10 تجربو، مقامي پوک جي طريقن ۽ فارم جي سطح تي تربيت ۾ توسيع/تربيت ۾ ماهر هجي) ۽ صفني ماهر (سماجي سائنسز ۾ ايم اي ڪيل هجي ۽ 10 ڪم جي تجربي سان گڏوگڏ لاڳاپيل برادري ۽ ترقياتي پروگرامن ۾ شموليت وارو عمل پڻ شامل آهي.)

دلچسپي رکندڙ غير سرڪاري تنظيمون جيڪي آمدني جي بحالي ۽ روزگار جي بحالي جي رٿا جي تياري ۽ ان تي عملدرآمد جو تجربو رکن ٿيون، تن کي دلچسپي جي اظهار ذريعي شارٽ لسٽ ڪيو ويندو. دلچسپي رکندڙ غير سرڪاري تنظيمون پنهنجي دلچسپي جو اظهار اهڙي قسم جي شعبن ۾ ماضي جي تجربن ۽ متاثر ماڻهن جي آمدني جي بحالي لاءِ اهليت ثابت ڪرڻ لاءِ موجود وسيلن/مهارتن جي بيان سان گڏوگڏ پنهنجي دلچسپي جو اظهار ڪنديون. بيان ڪيل تجربي ۾ غريب ۽ ڪمزور طبقن سان نبيري لاءِ صفني تناظر ۽ تجربي جي عڪاسي هجڻ گهرجي. چونڊ ڪيل غير سرڪاري تنظيمن کان پهچ، طريقيڪار ۽ نئين سرآبادڪاري کي لاڳو ڪرڻ جي نگراني ۽ رپورٽن جي تياري بابت لاڳاپيل اڳوٽي تجربي بابت لاڳاپيل ڄاڻ جي مختصر بيان سان گڏ تجويزون طلب ڪيون وينديون. تجويز سان گڏ ڪنسلٽنٽ تنظيم جو پروفائل ۽ پيشوراڻي عملي جي ميمبرن جو مڪمل پروفائل پيش ڪرڻ ضروري آهي.

## چوٿون ضميمو(Annex 4)

## ٻاهرين ۽ آزاد نگراني جي جائزي لاءِ حوالي تي پٽل شرطن جو نمونو

## (A Sample TOR for External and Independent M&E)

### I عام مقصد (General Objectives)

1. نگراني ۽ جائزي (M&E) جو عمل نئين سرآبادڪاري جي عمل جو هڪ لازمي حصو آهي. عام طور تي نگراني ۽ جائزي جو عمل هڪ ٽئين درجي جو سرشتو آهي، جيڪو نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) کي لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي جي نگراني ۽ جائزو وٺڻ لاءِ ترتيب ڏنو ويو آهي. ان ۾ (الف) نگراني ۽ جائزي جو عملو/غير سرڪاري تنظيمن ذريعي رٿا جي داخلي ۽ ٻاهرين نگراني، (ب) رٿا جي اڏاوتي نگراني، ڪنسلٽنٽس ذريعي نگراني ۽ (ت) آزاد ٻاهرين نگراني جو عمل شامل آهي.

2. هڪ آزاد ٻاهرين نگراني ڪندڙن کي شامل ڪرڻ جو بنيادي مقصد داخلي نگراني جي اهميت جو جائزو وٺڻ، وقت سان گڏوگڏ ٽئين ڌر جي نگراني ڪرڻ ۽ رٿابندي جي انتظامن ۽ رٿا بابت مالي امداد فراهم ڪندڙن لاءِ پاليسي ۾ سڌاري ۽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) کي لاڳو ڪرڻ واري عمل ۾ واڌاري بابت موٽ وارو عمل فراهم ڪري ٿو.

3. آزاد ٻاهرين نگراني ڪندڙ/ ايجنسي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) ۽ ٻين سماجي تحفظ جي رٿائن (جهڙوڪ صنفي بنيادن تي عملدرآمد جي حڪمت عملي ۽ آمدني ۽ روزگار جي ذريعن جي بحالي جي رٿا وغيره شامل آهي) ۽ ٻين رٿائن ۾ طئي ٿيل پاليسين موجب لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڳڀرائي جو جائزو وٺندي.

4. آزاد ٻاهرين نگراني ڪندڙ کي نئين سرآبادڪاري جي مقصدن جي حاصلات، زندگي جي معيار ۽ روزگار ۾ تبديلي متاثر ماڻهن جي معاشي ۽ سماجي بنياد جي بحالي، حقدارن جي

تاثر، اثرن ۽ جٽاداري، متاثرن جي اثرن جي گھٽتائي جي گھرجن جو جائزو وٺڻ وارن قدمن، جيڪڏھن ڪو آھي، ۽ مستقبل جي پاليسي جي جوڙجڪ ۽ رٿابندي لاءِ حڪمت عملي تي ٻڌل سبق جي سکيا لاءِ اضافي ڪم حوالي ڪيا ويا آھن.

II ڪم جو دائرو (Scope of Work)

5. ٻاھرين/آزاد نگراني ڪندڙ جي ڪم جي دائري ۾ ھيٺ ڄاڻايل عمل ھوندا، پر اھي رڳو ايتري حد تائين محدود ھوندا:

(I) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي(RAP) ۽ بين لاڳاپيل سماجي تحفظ جي رٿائن لاءِ نگراني جي مخصوص پھلوئن کي تيار ڪرڻ

(II) زمين جي حاصلات/نئين سرآبادڪاري جي رٿائن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ

(III) رٿا جي حوصلا افزائي جي تبديلين سبب متاثر ماڻھن کي ڏنل معاوضا ۽ روزگار جا موقعا ۽ آمدني سان گڏوگڏ متاثر ماڻھن جي زندگي جي معيارن جو اندازو ۽ ڪاٿو لڳائڻ

(IV) اثرن جي ذمري جي نشاندھي ۽ ھر ذمري لاءِ حقدارن جي فراھمي جا معيار ۽ حقيقي بنيادن تي عمل سرانجام ڏيڻ جو ڪاٿو (معاوضو ۽ بحالي جا قدم) ۽ اھو ڪھڙي ريت حقدارن جي حقن کي ڪتب آندو ويو ۽ رٿا جي مخصوص مقصدن جي پورائي لاءِ ان جا اثر ۽ ھم آھنگي تي ٻڌل ھجي.

(V) حقدارن جي فراھمي جا معيار ۽ بروقت ۽ منظور ٿيل پاليسي مطابق حقدارن جي بچت

(VI) متاثر ماڻھن جي رٿابندي کان اڳ ۽ ان کانپوءِ جي سماجي ۽ معاشي حالتن جي ڀيٽا ۽ تجزيو ڪريو. آمدني ۽ زندگي جي معيار بابت بنيادي، سماجي ۽ معاشي انگن اکرن جي غير موجودگي ۾، ۽ متاثر ماڻھن کي پنھنجي رٿا کان اڳ جي آمدني ۽ زندگي جي معيار کي درست طريقي سان ياد رکڻ بابت ڏکيائي کي نظر ۾ رکندي متاثر ماڻھن کان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جي معيارن جي توازن کي چڪاسڻ واري حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ گھرجي.

(VII) داخلي نگراني جي نتيجن جو جائزو وٺو، سرزمين جي سطح تي نمونن جي جانچ ذريعي دعوائن جي تصديق ڪريو ته اندازو لڳائي سگھجي ته ڇا زمين جي حاصلات/نئين

سرآبادڪاري جا عام مقصد پورا ٿي ويا آهن. نگراني ۽ جائزي جي مقصدن لاءِ زمين جي حاصلات جي اثرن جو اندازو لڳائڻ ۾ متاثر ماڻهن ۽ برادرين جي طبقن کي شامل ڪريو.

(VIII) متاثر ماڻهن سان گڏجي صلاح مشوري جي عمل جي مناسبت ۽ تاثر جي نگراني ۽ جائزو وٺڻ لاءِ، خاص طور ان ڪمزور طبقن سان گڏ جن ۾ شڪايت جي طريقيڪار جي مناسبت ۽ تاثر ۽ متاثر ڌرين کي دستياب قانوني ازالي، ۽ ان بابت ڄاڻ تائين رسائي وارو عمل شامل آهي.

(IX) تڪرارن ۽ شڪايتن جي قسمن جي نشاندهي ڪريو ۽ ان کي حل ڪريو ۽ صلاح مشوري ۽ شرڪت جي طريقيڪار جي نشاندهي ڪريو.

(X) اهو خلاصو بيان ڪريو ته ڇا غير رضاڪاراڻي آبادڪاري جي سلسلي ۾ ڪنهن تي عملدرآمد ڪيو ويو آهي؟ (الف) نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري رٿا تي ٻڌل حڪمت عملي مطابق.، يا (ب) بيان ڪيل پاليسي مطابق عملدرآمد ڪيو ويو آهي.

(XI) متاثرن ۽ ميزبان ٻنهي برادرين جي خيالن مطابق لڏپلاڻ جي هنڌن جي معيار ۽ مناسبت جو جائزو وٺڻ

(XII) نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين لاءِ خرچن ۽ بجيٽ جي مناسبت جي عمل جي تصديق ڪرڻ

(XIII) ڪنهن به باقي اهڙي قدم جي وضاحت ڪريو، جيڪي نئين سرآبادڪاري جي سرگرمين کي پاليسي ۽ نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي جي پاليسي تي عملدرآمد واري حڪمت عملي مطابق آڻڻ لاءِ گهربل هجن. ڪنهن به متاثر فرد يا خاندانن جي گهرجن جي پورائي لاءِ گهربل قدمن جي وضاحت ڪريو ۽ يا رٿا جي نتيجي ۾ پنهنجي پاڻ کي بدتر سمجهي رهيا هجن، انهن جي حل لاءِ قدمن لاءِ هڪ ٽائيم فريم فراهم ڪريو ۽ بجيٽ جي گهرجن جي وضاحت ڪريو.

سکيا حاصل ڪندڙ ڪنهن به خيال ۽ تبصرن جي وضاحت ڪريو، جيڪي نئين سرآبادڪاري جي قومي پاليسي ۽ غير رضاڪاراڻي بنيادن تي نئين سرآبادڪاري لاءِ قانوني/ادارتي فريم ورڪ تيار ڪرڻ ۾ ڪارائتو ثابت هجي.

## III طريقيڪار ۽ پهچ (Methodology and Approach)

6. ڪتب آندل عام طريقي مطابق سرگرمين جي نگراني ۽ اثرن جو جائزو وٺڻ آهي جنهن سان سمورن لاڳاپيل ڌرين خاص طور عورتن ۽ ڪمزور طبقن جي شرڪت کي يقيني بڻايو وڃي. نگراني جي اوزارن ۾ مقدار ۽ معياري ٻئي طريقا شامل هئڻ گهرجن، ٻاهرين نگراني ڪندڙ کي ان جي احاطي جو ڪم سرانجام ڏيڻ گهرجي.

(الف) اهڙا متاثر جن جي ملڪيت، اثاثا، آمدني ۽ سرگرميون رٿا جي ڪمن سبب بري ريت 100 سيڪڙو تباه ۽ برباد ٿي ويون هجن ڪين يا ته نئين سرآبادڪاري جي هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پوي يا جن پاران پاڻمرادو لڏپلاڻ جي چونڊ ڪئي وئي هجي، يا جن جي آمدني جو ذريعو شديد متاثر ٿيو.

(ب) 10 سيڪڙو فرد جن جي ملڪيت، اثاثا، آمدني ۽ سرگرميون رٿا سبب معمولي طور متاثر ٿيا ۽ ڪين لڏپلاڻ جي گهرج **نه** هجي.

(ٻ) ٺيڪيدارن ۽ ذيلي ٺيڪيدارن ذريعي بنا سائٽ وارن رٿائن جي بنياد تي سرگرمين سبب متاثر ٿيندڙن مان 10 سيڪڙو، جنهن ۾ ملازمت، ٺيڪيدارن جي ڪئمپن لاءِ زمين جو استعمال، غلاظت، عام صحت، صنفي ۽ تشدد/جنسي طور حراسان ڪرڻ وارن پهلوئن جي نگراني ۽ روڪٿام شامل آهن.

(ڀ) مٿي ڄاڻايل جي ترجيحن جي بنياد تي ٽولي جي شڪل ۾ ڳالھ ٻولھ ذريعي پورو ڪرڻ گهرجي، جيڪو نگراني ڪندڙن کي مختلف لاڳاپيل ڌرين (مقامي حڪومت، نئين سرآبادڪاري جو فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ عملو، غير سرڪاري تنظيمون، برادري جا اڳواڻ ۽ سڀ کان اهم ڳالھ اها آهي ته متاثر ماڻهو،) برادري جي عام گڏجاڻي سان مشورو ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي. نئين سرآبادڪاري جي مختلف سرگرمين جي ڪارڪردگي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ نئين سرآبادڪاري جي هنڌن تي عوامي گڏجاڻيون منعقد ڪيون وڃن.

## (V) ٽيم جي جوڙجڪ ۽ اهليت (Team Composition and Qualifications)

ٻاهرين خودمختيار نگراني ڪنڌڙ/ايجنسي کي ادارتي انتظامن، عملدرآمد جي حڪمت عملي، پاليسي جي مقصدن ۽ هدفن جي سلسلي ۾ سرزمين جي بنياد تي ٻڌل تحقيق تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. مسئلي جي حل ۽ خامين ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ جاچ ۽ انگن اکرن جو سرشتو ۽ تجزيو ڪرڻ، ۽ شيڊيول مطابق مقصدن جي حصول لاءِ مناسب قدمن تي روشني وجهڻ وارو عمل موضوع جي خصوصي دلچسپي آهي. اهڙي ريت، ٽيم جي ڪارڪنن جي مناسب مهارتن سان ڀرپور هڪ نگراني واري ٽيم جي ضرورت آهي. مانيٽرنگ جي ٽيم ۾ اهي شامل هئڻ گهرجن: (الف) ٽيم جي اڳواٽي ڪندڙ (نگراني ۽ جائزي جو ماهر) اسپيشلسٽ (سماجي سائنس ۾ ماسٽرز ڊگري/ پي ايچ ڊي، 10 سالن جو نئين سرآبادڪاري جي نگراني جي شعبي ۾ تجربو رکندڙ هجي): (ب) سماجي/ماهر صنف (سماجي سائنس ۾ ماسٽرز، سماجي ترقي جي ماهر طور 10 سال ڪم جو تجربو رکندڙ هجي، ۽ (ت)، ڊيٽا مئنيجر (ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم ايس سي، ڊيٽا مئنيجمينٽ ۾ 10 سال يا ان کان وڌيڪ تجربو رکندڙ هجي). جاچ ۽ انگن اکرن کي سهيڙڻ ۽ ٻين لاڳاپيل سرگرمين جي نگراني لاءِ زمين جي بنياد تي ڪارڪنن لاءِ مناسب انتظام هجڻ گهرجن. اهو ضروري آهي ته سرزمين جي بنياد تي عملي لاءِ انگ اکر جمع ڪرڻ ۽ ڊيٽا بيس مينيجمينٽ ۽ انٽرويوز ۾ فني مهارت رکندڙ ۽ تربيت يافته هجڻ بنهه ضروري آهي، جنهن ۾ شراڪتي بنيادن تي تيز رفتار ڪاٿو لڳائڻ وغيره وارو عمل شامل آهي.

ٽيم کي سنڌ جي نئين سرآبادڪاري ۽ بحالي واري پاليسي-2023ع کان پوري ريت واقف هجڻ گهرجي ۽ ان کي ڪم جو تجربو ۽ بين الاقوامي مالياتي ادارن (مثال طور ايشيائي ترقياتي بئنڪ، عالمي بئنڪ) جي نئين سرآبادڪاري جي پاليسين کان آگاهي حاصل هجڻ گهرجي. جنهن ۾ نئين سرآبادڪاري جا سمورا پهلو شامل آهن. تجربيڪاري غير سرڪاري تنظيمون، صلاح مشوري وارا فرم، تربيتي/ تحقيقي ادارا جيڪي گهربل صلاحيت ۽ تجربو رکن ٿا اهي انهيءَ رٿا لاءِ خدمت ۽ ٻاهرين نگراني لاءِ اهل ٿي سگهن ٿا. دلچسپي رکندڙ ايجنسين کي ان ڪم لاءِ تجويز پيش ڪرڻ گهرجي ته اهي طريقيڪار، عملدرآمد ۽ لاڳاپيل جاچ بابت هڪ مختصر بيان سان گڏ نئين سرآبادڪاري تي عملدرآمد جي نگراني ۽ رپورٽن جي تياري بابت اڳوٽا تجربا پيش ڪن. تجويز سان گڏوگڏ ايجنسي جو پروفائل، ٽيم جو مڪمل پروفائل (CVS) سان گڏ پيش ڪرڻ ضروري آهي.